
(ڪهاڻيون)
بوءِ
انور ڪليم

بوءِ

(ڪھاڻيون)

انور ڪليم

مرڪ پبليڪيشن ڪراچي
2021 ع

ڊجيٽل ايڊيشن
2023ع

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

Book No:105

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب: بوءِ
موضوع: ڪھاڻيون
ليکڪ: انور ڪليم
ڪمپوزنگ: سعيد مرتضيٰ
ٽائيٽل لي آئوٽ: زين ڪمپيوٽرس ڪراچي
ٽائيٽل: خالد پٽي
ڇاپو پھريون: جنوري 2021 ع
ڇپائيندڙ: مرڪ پبليڪيشن ڪراچي

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گھر
www.sindhsalamat.com
2023ع

Office: Room No 305 3rd Floor Sabir manzil 98
Behind Gul Plaza Marston road Near M- A Jinnah Road Karachi
murk.publication@gmail.com
murtaza.laghari9@gmail.com
03005182494

ملھ: 200 رپيا

ڪتاب ملڻ جا هنڌ:

مرڪ پبليڪيشن ڪراچي، ڪاٺياواڙ بوڪ شاپ اردو بازار ڪراچي
رومي ڪتاب گھر حيدرآباد، عزيز ڪتاب گھر سکر
پيڪاڪ ڪتاب گھر لاڙڪاڻو، رابيل ڪتاب گھر لاڙڪاڻو
دانيال ڪتاب گھر حيدرآباد، سوچ ڪتاب گھر دادو،
تھذيب بڪ اسٽور خيرپورميرس، تر ڪتاب گھر مٺي
پريتم قاضي نواب شاھ، عاجز منگي سانگھڙ

ارپنا

گھر جي چُلھہ ٻاريندي
دونهين سان جهيڙيندڙ
عورتن جي نانءِ

انور ڪليم

سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران ناميارِي ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار أنور ڪليم جي ڪهاڻين جو مجموعو ”بوءِ“ اوهان اڳيان آڻي رهيا آهيون.
هن ڪهاڻي ڪتاب ۾ ننڍيون وڏيون 32 ڪهاڻيون شامل آهنِ. هن ڪتاب ۾ شامل ڪهاڻين جا موضوع توڙي اسلوب ڏيان ڇڪائيندڙ آهن. انور ڪليم جي ڪهاڻين جي زمين پنهنجي ئي ديس جي آهي، هو سنڌ جو ۽ سنڌي ٻوليءَ جو ليکڪ آهي. سندس ڪهاڻين جا ڪردار سجاڳ نظر اچن ٿا. هن پنهنجي ڌرتي ۽ ڌرتي ڌڻين کي ئي پنهنجي ڪهاڻين جو موضوع بڻايو آهي. سندس لکڻين ۾ ڀرپور رس چس ۽ ڀرپور رواني آهي.
هي ڪتاب مُرڪ پبليڪيشن، ڪراچيءَ پاران 2021ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون أنور ڪليم ۽ مُرڪ پبليڪيشن جي سرواڻ مرتضيٰ لغاريءَ جا جن هي ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)، ڪراچي
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

وچور

- پبلشر نوٽ: مرتضيٰ لغاري 08
- ليکڪ جو نوٽ: ”بي ذائقي ڪھاڻيءَ جي صدي“ انور ڪليم 10

ڪھاڻيون

- پکيءَ جي نئين نسل جي ڪھاڻي 13
- نہ ٻڌائي سگھيل ڳالھ 20
- سڪل وڻ تائين سفر 22
- محبوبہ ۽ گھرواري 28
- بوءِ 32
- دائرن ۾ گم ٿيل ڪھاڻيون 34
- مڱڻيءَ جي منڊي 39
- ٿِيلھيَ جھڙي زندگي 42
- آدم خور 46
- ھو منڊيلا ناھي 49
- ديوي جو ھٽ 57
- زندگيءَ سان ٿڪريون رشتو 61
- بند لفافو 67
- ھن ڪھاڻيءَ جو ڪو عنوان ناھي 75
- ڳاڙھا، ڳاڙھا نوٽ 79
- اسٽوڊنٽ 86
- خالي پنجرو 90
- ويران گھٽيءَ جي ٻڌايل ڪھاڻي 97
- او آدمخور 100

- روح ڪي گهربل خيرات 103
- دونهين مان ٺهيل لفظن جي ڪهاڻي 107

”مختصر ڪهاڻيون“

- سڀ ڪٺي برابر 113
- عجيب منظر 114
- پيو ڳرهه 115
- چهرو 115
- هڪڙو وار 116
- اُميد 116
- سچ 117
- عورت، مرد صدين ڪان 117
- افسوس 118
- سنسر 118
- سبب 119

پبلشر نوٽ:

سنڌ ۽ بلوچستان جي سرحدي پٽيءَ تي آباد سنڌ جي خوبصورت شهر شهدادڪوٽ جي ادبي زمين سدائين آباد رهي آهي. شهدادڪوٽ ۾ نثر توڙي نظم جا بهترين ليکڪ پيدا ٿيا آهن، جن نہ رڳو سگهاري سڃاڻپ ناهي پر پنهنجي شهر ۽ ڌرتيءَ جو نانءُ پڻ روشن ڪيو آهي. ”أنور ڪليم“ پڻ اهڙن قلمڪارن منجهان هڪ آهي.

انور ڪليم لڳ ڀڳ ٽن ڏهاڪن کان لکي رهيو آهي. هن قلم ذريعي پنهنجي پرپاسي، پنهنجي شهر کان ويندي سڄي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي سورڪٿا بيان ڪئي آهي. هو نہ رڳو اهي درد بيان ڪري ٿو پر مظلومن جي حمايت ۾ سگهارو آوازبڻجي ٿو.

انور ڪليم هڪ ئي وقت ناول نگار، ڪهاڻيڪار ۽ مترجم طور پاڻ مڃائي چڪو آهي. سندس پهريون خوبصورت ڪهاڻي ڪتاب ”32“ ۽ پوءِ مرڪ پبليڪيشن ڪراچيءَ طرفان سندس ناول ”واپسي“ ڇپجي پڌرو ٿيو. ناول جي شاندار ڪاميابي پلئہ پئي، تہ سندس ٻيو ڪتاب اشاعت هيٺ آيو. هن ڀيري سندس ڪهاڻيون ڪتابي صورت ۾ آڻي حقيقي وارثن تائين رسائي رهيا آهيون.

انور ڪليم جو هي ڪهاڻي ڪتاب ”بوءِ“ نالي سان پڌرو ڪيو پيو وڃي. هن ڪهاڻي ڪتاب ۾ ننڍيون وڏيون 32 ڪهاڻيون شامل آهنِ. سندس ڪهاڻين جي زمين پنهنجي ئي ديس جي آهي، هو سنڌ جو ۽ سنڌي ٻوليءَ جو ليکڪ آهي. سندس ڪهاڻين جا ڪردار سڃاڳ نظر اچن ٿا. هن پنهنجي ڌرتي ۽ ڌرتي ڌڻين کي ئي پنهنجي ڪهاڻين جو موضوع بڻايو

آهي. سندس لکڻين ۾ ڀرپور رس چس ۽ ڀرپور رواني آهي. هو سنڌي ٻوليءَ جي منفرد ليکڪ طور سامهون اچي رهيو آهي.

مرڪ پبليڪيشن ڪراچيءَ طرفان سندس ڪهاڻي ڪتاب ”بوءَ“ شايع ڪندي خوشي ٿي رهي آهي. ڪوشش هوندي ته سندس ٻيا ڪتاب به اداري طرفان شايع ٿي پڙهندڙن تائين پهچن.

مرتضيٰ لغاري
03005182494

ليکڪ جو نوٽ

بي ذائقي ڪھاڻيءَ جي صدي

ڪنهن ڏکهي بحث کان بغير آءُ ذاتي رايو رکان ٿو تہ سنڌي ڪھاڻي ترقي پسند تحريک جي زير اثر لکندڙن جي دؤر ۾ ساھہ کڻڻ شروع ڪيو ۽ جديديت جي دؤر ۾ داخل ٿيندي ٿيندي ھڪ شاندار عروج حاصل ڪيو. پر ترت ئي جديديت پڇاڙان ۽ نئين صدي جي نعرن ھيٺ ڪھاڻيءَ کي مداريءَ جي پولي ٻڌائي نچائڻ وارو ڪم شروع ٿيو

اظھار جا جديد انداز اپنائڻ جي چڪر ۾ ڪھاڻيءَ ۾ بھتري آڻڻ بدران پاڻ کي مھان ٻڌائڻ ۽ سڏائڻ جو مقابلو شروع ٿيو.

ڪھاڻيءَ جا نوان نوان فارمولا/ فارميٽ گھڙي پنھنجي الڳ مسجد ٺاھڻ وارن جي ھڪ ڏکهي قطار نظر اچڻ لڳي.

ڪھاڻي جون حدون، سرحدون مقرر ٿيڻ لڳيون.

سو لفظن، پنجاھہ لفظن کان بہ گھٽ ڪري ڪھاڻي کي ھڪ سٽ ۾ قيد ڪرڻ وارا بہ ظاھر ٿيڻ لڳا.

حساسيت، داخلي حساسيت جي نالي تي اڪثر ٻڙ ٻڙاھٽ، خودڪلامي پڙھڻ لاءِ ملڻ لڳو ۽ حقيقت پسندي جي نالي تي ڇڙواڳي يا اخباري خبرن جھڙيون ڪھاڻيون پڙھڻ لاءِ ملڻ لڳيون.

ڪجھہ ماڻھن، ڪجھہ حلقن لاءِ اھو سڀ ڪجھہ ٺيڪ آھي.

پر آءُ سمجھان ٿو تہ اھا صورت حال مطمئن ڪندڙ ناھي.

ڪھاڻي، جيڪا ڪنھن واقعي تي آڌاريل ۽ ڪو انجام رکندي ھئي، سا ڪھاڻي ڪٿي گم ٿي چڪي اھي يا جلاوطن ڪئي وئي آھي.

ڪھاڻي، جيڪا واقعي جي طاقت تي بيٺل ھئي، سا ھاڻي ڪمزور ڪردار نگاري ۽ فلسفي جھڙن ڪجھہ جملن جي ٽيڪ تي بيٺل آھي.

توڙي جو هن وقت ڪهاڻيءَ جو ڳاٽ اوچو رکڻ وارا بہ تمام گهٽا ڪهاڻيڪار آهن، جيڪي ڪهاڻي کي جديد دؤر جي تقاضائن مطابق سرجندي روايتي رس چس جو پڻ خيال رکن ٿا.

شايد ڪهاڻي اهڙن ئي تخليقڪارن جي ڪري زنده آهي.

آءُ سمجهان ٿو تہ واقعي ڪان بغير ڪهاڻي بي ذائقو آهي ۽ ڪٿي ائين نہ ٿئي تہ ايندڙ وقت ۾ هن صديءَ کي بي ذائقي ڪهاڻي جي صديءَ طور ياد ڪيو وڃي.

❊ اهو سچ آهي تہ چنڊ کي پنهنجي ڪائي روشني ناهي. هن جي سموري چمڪ ۽ سونهن ٻين جي روشني جي ڪري ئي آهي.

تيئن آءُ بہ هڪ بي نور وجود آهيان جنهن جي چمڪ ۽ سونهن پويان منهنجن دوستن جون مهربانيون آهن جن جو شمار ممڪن ناهي هن ڪتاب جي اوهان تائين پهچڻ ۾ بہ برادرم پرڪاش ڪمار، عبدالرافع شيخ ۽ بابر جاگيراڻي جون محبتون شامل حال رهيون ۽ سائين حسن علي چانديو ۽ ڀاءُ طارق خشڪ ۽ س_ا_س جي سمورن دوستن جو پڻ شڪر گذار آهيان.

ڇپائي جي مرحلن ۽ معاملن ۾ دلچسپي لاءِ عبدالواحد سومرو ۽ مرتضيٰ لغاري، مرڪ پبليڪشن جو پڻ ٿورائتو آهيان هن موقعي تي تازو وڇڙي ويل دوستن فتاح ابڙو ۽ ضمير ڪرل جي احسانن کي ياد نہ ڪرڻ بہ ڪم ظرفي ٿيندي. جنن جي بلند درجات لاءِ هميشہ دعاگو آهيان.

انور ڪليم
03342007782

❊❊

ڪهاڻيون

پڪيءَ جي نئين نسل جي ڪهاڻي

ڪافي ڳالهين ۾ اسان ٻئي هڪ ٻئي جي ضد آهيون
پر پوءِ به ملڻ، ڪلڻ ۽ ڳالهائڻ بنا رهي نه سگهندا آهيون.

هُو تاريخ کي پسند ڪندو آهي ۽ چوندو آهي ته تاريخ مان سکي، انسان ترقي ڪئي آهي.

۽ مان قصن، ڪهاڻين کي پسند ڪندو آهيان ۽ منهنجو ايمان آهي ته انسان جي ترقي جو (بنياد) قصن ۽ ڪهاڻين کان پيو آهي اسان ٻئي ٽائيم ڪڍي، شهر جي لائبريري جي پرسان هڪ ننڍڙي هوٽل ۾ ويهي چانهه پيئڻ پسند ڪندا آهيون. ان ننڍڙي هوٽل کي اسان پيار منجهان ”ڪينٽين“ چوندا آهيون

ان هوٽل ۾ ڪٿي به ويهو، سامهون لائبريري جي بلڊنگ نظر ايندي آهي.

پاڻ ۾ ڳالهائيندي به اسان جون نظرون لائبريري جي بلڊنگ ۾ ئي کُتل هونديون آهن.

اتي ويهي ڪري به پاڻ کي لائبريري ۽ ڪتابن جي وچ ۾ محسوس ڪندا آهيون

ائين جيئن ڪو عاشق محبوبه جي گهٽي يا پاڙي ۾ به پاڻ کي هن جي ويجهي محسوس ڪري لذت حاصل ڪندو آهي.

بحرحال، ڳالهه پئي ڪيم تضادن جي،

ان ڏينهن بي ڌياني ۾ مون تاريخ جو ڪو ڪتاب کنيو هيو. پر يقين ڪريو پهريون صفحو کوليندي منهنجي ڪنن ۾ ڪنهن هوريان چيو ”مڪاري... خود غرضي.... ڌوڪيبازي“

آواز تي مون ڪو به ڇرڪ نه ڀريو ڇو ته پنهنجي اندر جو آواز مون لاءِ اوپرو نه آهي بس مون خاموشي سان ڪتاب رکي ڇڏيو.

سمجهي ويو هئيس تہ اهو آواز سڪون سان پڙهڻ ڪو نہ ڏيندو. چانهہ جي طلب ٿي تہ ان هوٽل تي آيس جنهن کي اسان "ڪينٽين" چئي ياد ڪندا آهيون. هُو بہ اچي ويو هيو بيري بغير آرڊر جي بہ هاف اچي اڳيان رکيا.

سمجهہ ۾ نہ ايندڙ خاموشي وچ ۾

هٿن ۾ چانهہ جا ڪپ ڪٽي اسان لائبريري جي بلڊنگ کي گهوريندا رهياسين شايد هو خاموشيءَ مان تنگ ٿيو ان ڪري پهريون ان ئي ڳالهايو

"يار ڪهاڻيڪار.. ڪجهہ تہ ڳالهاءِ... ڪجهہ تہ "ٻڌاءِ"

مون لائبريري بلڊنگ کان نظرون هٽائي مرڪي هن ڏانهن ڏٺو

"يار اڄ ڪو قصو، ڪائي ڪهاڻي ٻڌاءِ"

هن ڳالهايو.

آءُ سمجهي ويَس تہ خاموشيءَ مان پيدا ٿيل بوريت کي ڳالهائي، مون کي تنگ ڪري ڏُور ڪرڻ ٿو چاهي.

نہ تہ هُو ۽ ڪنهن ڪهاڻي جي فرمائش!؟

ناممڪن.

مون بہ اُلٽو کيس بور ڪرڻ جو سوچي مرڪي چيو

"ڪهاڻي ٻڌندين؟"

هن چانهہ جو وڏو ڍڪ ڀري ڪنڌ لوڏي ها ڪئي

"ڇگو ٻڌ پراڻي وقتن ۾ ڪنهن ڏورانهين ملڪ جو هيو ڪو هڪ واپاري ... هڪ ڀيري واپار سانگي گڏيل هندوستان جي هڪ علائقي ۾ آيو جتي کيس هڪ ڳالهائيندڙ پکي وٺي ويو جنهن کي ڪٽي هو پنهنجي ملڪ آيو"

مِون ڏٺو تہ ڪهاڻي ٻڌندي هن جي مرڪ ڪجهہ گهري ٿي وئي هئي پر مون ڪهاڻي ٻڌائڻ جاري رکيو

"هُو ان پکيءَ جو هر طرح خيال رکندو هيو کيس پسند جي خوراڪ ڏيندو هيو پر پوءِ بہ پکي اڪثر اداس ۽ چپ چپ رهندو هيو.."

مون ڏٺو تہ هن جي مرڪ وڌيڪ گهَري ٿي وئي هئي مون کائنس پڇيو

”لڳي ٿو تہ هي ڪهاڻي تنهنجي ٻڌل آهي
ائين نہ ؟؟“

”ها...“ هن مرڪ سان جواب ڏنو ۽ اڳتي ڪهاڻي هُو پاڻ ٻڌائڻ لڳو

”واپاري، پکي کان پڇي ٿو تہ تون ڇو اداس رهين ٿو؟ توکي ڇا کپي؟ جنهن تي پکي کيس چوي ٿو تہ مون کي آزادي کپي.

ائين نہ ؟“ ڪهاڻي ٻڌائيندي هُن مون کان تصديق ڪرڻ چاهي تہ آءُ کيس اها ئي ڪهاڻي ٻڌائڻ پئي چاهي نہ؟

”ها ... پر...“ مون جواب ڏيڻ چاهيو تہ هُن وري بي صبريءَ مان منهنجي ڳالهہ ڪٽيندي چيو

”پر ڇا ... اها ڪهاڻي ائين ئي آهي .. پکي کيس چَوي ٿو تہ پيلا هُو جڏنهن وري سندس وطن ڏانهن وڃي تہ اتان جي پکين کي سندس سلام ڏي ۽ ان واپاريءَ جو جڏنهن اوڏانهن وڃڻ ٿئي ٿو ۽ کيس پنهنجي پکيءَ جي ڳالهہ ياد اچي ٿي تہ هُو جهنگ ۾ ان جنس جي پکين کي پنهنجي پکيءَ پاران سلام ڏي ٿو...“

هُو جوش ۾ اڳواٽ ئي ڪهاڻي ٻڌائي مون ڏانهن داد طلب نظرن سان ڏسڻ لڳو

”ها... پر...“ مون وري ڪجهہ چوڻ چاهيو تہ هُن منهن خراب ڪندي چيو

”اجان ڪهڙي ها ...پر... پيلا بس انجام ٻڌ...

واپاريءَ کان قيد ڪيل پکيءَ جا سلام ٻڌي اهو پکي ڪري پَوي ٿو تہ واپاري سمجهي ٿو تہ هو صدمي ۾ مري ويو آهي وري اها ڳالهہ اچي پنهنجي پکي کي ٻڌائي ٿو تہ هُو بہ غش کائي ڪري ٿو پوي واپاري هن کي مئل سمجهي ٻاهر ڪڍي ٿو تہ پکي يڪدم اُڏري ٿو ۽ واپاري کي ٻڌائي ٿو تہ آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي وطن جي پکين پاران ڏسيل طريقي سان مڪاري مان ڪم وٺندي بي هوشيءَ جو ناٽڪ ڪري آزادي حاصل ڪئي...“

ڪهاڻيءَ جو انجام ٻڌائي هن داد طلب نظرن سان مون ڏانهن ڏٺو..
آءُ خاموش رهيَس ته هن ٽهڪ ڏئي چيو

”تون چوندو آهين ته صرف تاريخ ئي مڪاري فريب ۽ ڌوڪي بازي سان ڀري پئي آهي پرڏس.. مڪاري ۽ فريب قصن ۽ ڪهاڻين ۾ به اٿئي.“

”تاريخ ۾ درج، ڌوڪن، مڪارين تي جشن به ملهايا ويندا آهن پر..“
هُن چڙ مان منهنجي ڳالهه ڪٽيندي چيو

”يار هڪ تون ها ... پر.. ها ... پر ڏاڍو پيو استعمال ڪرين ...

بس سڌي ڳالهه ته تون جيڪا ڪهاڻي ٻڌائڻ چاهين پيو هڪ ته ان ۾ به مڪر ۽ فريب آهي ٻيو ته اها ڪهاڻي منهنجي ٻڌل ۽ پڙهيل آهي...“

ان وقت مون هڪ نظر لائبريري جي بلڊنگ ڏانهن ڏٺو ڪافي دير کان مون ڪي لائبريري ڏانهن ايندي ويندي ڪو به نظر نه آيو هيو.

ان لمحي مون سوچيو

”جنهن لائبريري ۾ پڙهڻ وارن جو اَچ، وڃ نه هجي، اهو به ڪتابن جو صرف قبرستان آهي بس“

”ڇا پيو سوچين“

هن جي ڳالهائڻ تي آءُ وري هن ڏانهن متوجهه ٿيس

”تون اها ڪهاڻي ڪنهن کان ٻڌي ۽ ڪٿي پڙهي؟“

مون هن کان پڇيو

”پنهنجن وڏن کان ننڍپڻ ۾ ٻڌي هئيم ۽ وري پراڻن ڪتابن ۾ پڙهي اٿم“

مون ڏکھو ساهه کڻي خالي ڪپ ڏانهن ڏٺو جيڪو وري ڪنهن ڏکھي بحث جي صورت ۾ ٻئي چانهه جي فضول خرچي لاءِ هرڪائيندي محسوس ٿيو

”پر... تون جنهن وقت اها ڪهاڻي ٻڌائي رهيو هئين مون توکي ان وقت به روڪڻ پئي چاهيو ڇو ته تون وڏن کان ٻڌل ۽ پراڻن ڪتابن ۾ پڙهيل

واپاريءَ ۾ پکيءَ جي پراڻي نسل جي ڪهاڻي ٻڌائي رهيو هئين. جڏهن ته مون توکي واپاري ۾ پکين جي نئين نسل جي ڪهاڻي ٻڌائڻ پئي چاهيو.. “

”واپاري ۾ پکي جي نئين نسل جي ڪهاڻي؟؟“

هُن حيرت مان پڇيو

”ها .. واپاري ۾ پکين جي نئين نسل جي ڪهاڻي بہ ايستائين تہ هڪ ئي آهي جو پکي، مَري وڃڻ جو ناٽڪ ڪري ٿو تہ واپاري ڪيس مئل سمجهي پنجري مان ڪڍي ٿو پکي اُڏري وڃي ٿو.. “

هو حيرت ۾ شوق مان منهنجي ڳالهہ ٻڌي رهيو هيو

”پکي جڏهن واپاري کي ٻڌايو تہ هن آزادي لاءِ مرڻ جو صرف ناٽڪ ڪيو هيو ۽ ائين پکي اُڏري ويو تہ واپاري کي پاڻ مٿان وڏي ڪاوڙ آئي ...

هن سوچيو تہ هُن جو پيسو، عقل، تجربو سڀ ڪجهہ فيل ٿي ويو هيو.

هن ڪجهہ عرصي بعد ان ئي علائقي مان پئسي جي زور تي هڪ ٻيو پکي گهرائي پنجري ۾ قيد ڪري ڇڏيو پر هاڻي هو ان ڳالهہ سان ڪائي غرض نہ رکندو هيو تہ پکي اُداس آهي يا خوش؟

وڏو عرصو گذريو. واپاري ڪراڙو ۽ سندس پٽ جوان ٿيو. واپاري پنهنجي پٽ کي پکيءَ جي ڪيل مڪاري بابت ٻڌايو تہ جيئن هُو بہ ڪڏهن پکيءَ کان ڌوڪو نہ کائي سندس پٽ واعدو ڪيو تہ هُو هوشيار رهندو ۽ سندس تجربن ۽ نصيحتن تي هلندو.

نيٺ واپاري مري ويو. سندس پٽ سندس سمورو ڪاروهنوار سنڀاليو. ۽ هُو بہ جڏنهن واپار لاءِ انهيءَ پکيءَ جي وطن ۾ آيو تہ کيس پيءُ جون ٻڌايل سموريون ڳالهيون ياد آيون. هن سوچيو تہ ان جهنگ جي پکين کي وڃي ٻڌائي تہ هن وٽ قيد سندن نسل جو پکي کين سلام پيو ڏي . واپاري جي پٽ سوچيو تہ ڌسان تہ هينئر هُو ڪهڙو ناٽڪ ٿا ڪن پر هُو سندن فريب ۾ نہ ايندو ۽ مٿن خوب کلندو. “

آءُ هڪ لمحي لاءِ خاموش ٿيس تہ هُن بيچينيءَ مان پاسو ورايو.

جڏهن ته مون وري هڪ نظر لائبريري بلڊنگ ڏانهن ڏنو شايد تائيم ختم ٿيڻ ڪري ٻاهرين گيٽ بند نظر آيو تڏهن مون سوچيو هاڻي هتان اٿندس ته گيم ڪيڏي وقت گذارڻ لاءِ ڪلب هليو ويندس

لائبريريون جلد بند ٿينديون آهن پر گيم ڪلب ته دير تائين کليل هوندا آهن

”ڇا پيو سوچين؟“ هن پڇيو

مون بي ڌياني مان چيو

”بابا چوندو آهي ته جڏهن نئين نسل لاءِ...“

هن خار مان چيو

”تنهنجي ۽ منهنجي بابا جا قول هڪ جهڙا آهن تون مون کي واپاري ۽ پکين جي نئين نسل جي ڪهاڻي ٻڌائي رهيو هئين..“

مون کي به ياد اچي ويو ته مون وري ڪهاڻي جو رهيل حصو ٻڌائڻ شروع ڪيو

”واپاري جو پٽ ان جهنگ ۾ آيو، هن ڏٺو ته ان نسل جا پکي جنهن وڻ تي وينا هيا اهو وڻ ڏکھو ۽ گهاٽو هيو پر ان وڻ جو مٿيون حصو ته سائو ۽ ٽاريون پنن سان ڀريل هيون جڏهن ته هيٺيون حصو سڪل هيو

هر ٽاريءَ تي پکي ٽولن جي صورت ۾ وينل هيا

واپاري جي پٽ کين زور سان سلام ڏئي متوجهه ڪيو ۽ ٻڌايو ته سندن نسل جو پکي سندس وٽ پنجري ۾ آهي ۽ هُو کين سلام پيو ڏئي ..

واپاري جي پٽ ڏٺو ته سمورا پکي يڪدم خاموش ٿي ويا هيا.

وري هڪ ٽولي جا پکي جنن جو ڇهنب ڪيس قلم جهڙو لڳو اُهي وري پاڻ کي ٽاهڻ ۾ لڳي ويا جڏنهن ته هڪ ٽولي جي وچ ۾ ڪاري رنگ جو پکي هيو جنهن جي چوڦير ڪافي پکي وينا هيا ان پکيءَ ڪاوڙ واري انداز ۾ ٻين پکين کي چيو

”اسان جي نسل تي، دنيا جي کهڙي به ڪنڊ ۾ ظلم ٿي اسان کي آواز اٿارڻ کپي... بدلو وٺڻ کپي“

واپاري جو پٽ هڪ لمحي لاءِ پريشان ٿي ويو

ڪاري رنگ جي پکي جي اڪسائڻ تي ڪافي پکي جوش ۾ اچي ويا هيا.

”اسان کي هن جون اکيون ڪڍڻ کپن“

ڪارو پکي ٻين کي پنهنجي نسل جي تاريخ جا حوالا ڏيڻ لڳو هو.

واپاري جي پٽ اتان پڇڻ جو ارادو ڪيو عين ان وقت هڪ پکي جيڪو اڪيلو هيو ۽ سڪل ٽاريءَ تي ويٺو هيو. تنهن واپاري جي پٽ کي چيو ”پنجري ۾ بند پکيءَ کي وجي چئو ته هاڻي ٻاهرين ڪان مڪر، فريب سکڻ ۽ مدد جو آسرو ڇڏي پاڻ سوچ ته توکي حالتن مطابق ڇا ڪرڻ کپي...

ٻاهرن جي مدد سان ملندڙ آزادي هميشه مقروض رهندي آهي....“

•••❈•••

نہ ٻڌائي سگھيل ڳالھ

موٽر سائيڪل کي تازي پيل برسات جي پاڻي کان بچائيندي، ڪجھ گھٽيون ڪراس ڪري جڏهن مين روڊ تي پهچي، شهر کان ٻاهر ويندڙ رستي تي هلڻ لڳو تہ مون پڇيو.

”شهر کان ٻاهر ڪيڏانهن ڪاڪا؟“

مان کيس ڪاڪو سڏيندو هيس.

”يار موسم جو مزو وٺڻ شهر کان ٻاهر“

هن خوشگوار موڊ ۾ ورندي ڏني.

مون بہ وڌيڪ ڪجھ چوڻ بدران آسمان ڏانهن نهاريو آسمان تي ڪڪر ڇانيل هيا ۽ رڪي رڪي تيز هوا جسم سان لڳي عجيب قسم جو مزو ڏئي رهي هئي. شهر کان ٻاهر اچي. ٻهراڙيءَ جو علائقو شروع ٿيندي ئي، حميد موٽرسائيڪل جي اسپيڊ گهٽ ڪئي.

آئون الاءِ تہ گهڻي عرصي کان پوءِ شهر کان ٻاهر نڪتو هيس.

شهر کان پري ۽ ٻهراڙي جو علائقو شروع ٿيندي ئي ائين محسوس ٿيڻ لڳو ڄڻ وقت جي رفتار رڪجي وئي هجي. سڪون ئي سڪون محسوس ٿيڻ لڳو هو. ذهن جي تہ خاني مان يادگيريءَ جو هڪ ڌنڌلو عڪس اڀري آيو. ڳوٺ جو ڌنڌلو عڪس، جنهن ۾ منهنجو ننڍڙو، معصوم وجود بي فڪريءَ منجهان گهمي رهيو هو.

امڙ جون ٻڌايل ڳالهيون جيڪي ان عڪس کي چٽو ڪنديون هيون.

”ابا، ٻهراڙيءَ ۾ ڏاڍو ڏکيو وقت گذاريوسين...

ڪو ويلو ماني کان بغير تہ وري اڪثر ڇتيون لڳل ڪپڙا پائيندا هياسين ۽ پيرا گهاڙي...“

وڌيڪ ٻڌائيندي هئي تہ ڪيئن نہ بابا مڙسي ڪئي. ڳوٺ ڇڏي شهر آيو. مزدوري ڪيائين ۽ مون کي پڙهايائين... ۽ وري مون کي هڪ پرائيويٽ ڪمپني ۾ ئي سهي، پر سٺي نوڪري ملي وئي هئي.

”روايتي ڪهاڻي“ اهي يادون ايندي الاءِ ڇو دل ئي دل ۾ ڪلي مون سوچيو. ”اڄ به ڳوٺ ۽ ڳوٺ وارن جي ساڳي زندگي“

”ڪاڪا اڃان ڪيترو ٻاهر هلندين؟“ مون حميد کان پڇيو.

”بس سهڻا اڄهو ان موڙ تي پهتاسين“ هن جواب ڏنو.

پر مان نه سمجهي سگهيس ته ڪهڙو موڙ؟

جلد ئي هو وڏي روڊ کان لهي ڪنهن ڪچي رستي تي هلڻ لڳو ۽ پوءِ هڪ وڻ جي پرسان موٽرسائيڪل روڪيندي مون کي آڱر مٿي ڪري هڪ ڪرڻ جو اشارو ڪري هليو ويو ان وچ ۾ آءٌ ڪجهه پري کان نظر ايندڙ ٻه ڳوٺ ڏسي چڪو هوس. ڪافي سرسبز علائقو هيو.

جلد ئي حميد موٽي آيو.

”ڪجهه ٻڌاءِ ته سهي ڪيسيتائين هلڻو آهي ۽ ايڏانهن هلڻ جو مقصد ڇا آهي“ مون پڇيو.

”يار آءٌ هڪ ٻئي دوست سان گڏ اڪثر هن طرف ايندو آهيان“ حميد ٻڌايو.

”پر ڇو؟“

”اصل ۾ هن رستي جي ٻنهي پاسن کان ڳوٺ آهن جن جي گهرن مان عورتون ۽ ڇوڪريون ڪم ڪار، سانگي نڪرنديون رهنديون آهن“

حميد جي چپن تي مرڪ اچي وئي هئي.

”ته پوءِ؟“ مون ڪجهه ڪجهه سمجهندي پڇيو.

”يار ڇتيون لڳل ته ڪٿان قاتل ڪپڙن مان سندن ظاهر ٿيندڙ جسم ڏسي...“ هو تصور ۾ ئي ڄڻ لذت حاصل ڪري رهيو هو

”هل ته واپس هلون“

مون سندس ڳالهه اڌ ۾ ڪٽيندي ڪنڌ هيٺ ڪندي چيو.

”ڇو؟“ هن حيران ٿيندي پڇيو.

آءٌ ڪيس نه ٻڌائي سگهيس ته ڇتيون لڳل ڪپڙن واري هر عورت ۾ مون کي پنهنجي ماءُ ڏيک ڏيندي آهي.

•••❊•••

سُڪل وڻ تائين سفر

هُو هوٽل ۾ داخل ٿيو ۽ ڪنهن خالي ڪرسي لاءِ هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳو.

هوٽل جون تقريبن سموريون ڪرسين تي ماڻهو ويٺل نظر آيس.

ڪوچانهه پيئندي، ڪي ماني کائيندي ڳالهيون ڪندي نظر پئي آيا.

اوچتو ئي سندس نظر خالي پيل ڪرسي تي پئي ته هُو تيزي سان اتي پهتو پر اُتي اڳ ۾ ويٺل ٻن نوجوانن کي ڏسي هٻڪي بيهي رهو انهن نوجوانن مان هڪ نوجوان ٽيبل تي ڪنهن ڪاغذ تي ڪجهه لکي رهيو هيو ۽ ٻيو ۾ ويٺل نوجوان شايد ڪيس ڪجهه چوندو پئي ويو.

انهن جي ويجهو پهچي پرسان خالي ڪرسي ڏسڻ باوجود هُو هٻڪي بيهي رهيو ته هنن نوجوانن به ڪنڌ ورائي هن ڏانهن ڏٺو. ڪجهه لمحا هُو سڀ هڪٻئي ڏانهن خاموشي مان ڏسندا رهيا.

نوجوانن کي مصروف ڏسي هنن جي پرسان ويهڻ مناسب نه سمجهندي هُو واپس ورڻ لڳو هيو ته انهن مان هڪ نوجوان ڪيس تيزي سان سڏ ڪيو.

”چا چا سائين، اوهان هت ويهي سگهو ٿا“

ٻئي هنڌ ڪنهن خالي جو آسرو گهٽ هجڻ ۽ هڪ نوجوان جو پاڻ مرادو ڪيس اجازت ڏيڻ تي هٻڪندي ويهندي چوڻ لڳو.

”مهرباني پٽ، اوهان کي برو ته نه لڳندو؟“

”نه نه سائين، هوٽل پريو پيو آهي ٻي هنڌ ڪرسي نه ملندوَ“

ڪاغذ تي ڪجهه لکندڙ نوجوان ساڻس وري به ڳالهايو هيو جڏهن ته سندس پرسان ويٺل ٻئي نوجوان جي چهري جي تاثرات مان صاف محسوس ٿي رهيو ته هُن کي ان ڪراڙي جو اُتي ويهڻ ڪو نه وڻيو هيو پر پوءِ به هُو خاموش رهيو هيو.

”ها نہ اڳتي ڇا لکان؟“

ڪاغذ تي ڪجھہ لکندڙ نوجوان پنھنجي پر ۾ ويٺل نوجوان ڏانھن ڏسندي پڇيو.

پر سندس دوست کو جواب ڏيڻ بدران ھڪ نظر نئين آيل ڪراڙي تي وڌي ۽ خاموش رھيو.

لکڻ وارو نوجوان سمجھي ويو نہ نئين آيل ماڻھو جي ڪري سندس دوست کيس ڪجھہ چوڻ لکرائڻ کان ھٻڪي رھيو آھي.

ھُن کلندي، نئين آيل ماڻھو ڏانھن ڏسي پنھنجي دوست کي چيو.

”ڇڏ يار ھن کان ڇا جو شرمائڻ... نہ اسان ھن کي سڃاڻيون، نہ اسان کي سڃاڻي جو وجي ڪنھن سان ڳالھہ ڪندو“

نئون آيل ھمراھ ھڪ لمحي لاءِ شرمندگي منجھان ھنن ڏانھن ڏٺو ۽ چوڻ لڳو.

”مون کي شايد ھتي نہ ويھڻ گھرجي ھا... مون...“

”نہ نہ سائين ويٺا رھو.. ھي مون وارو دوست حد کان ڪجھہ وڌيڪ شريف ۽ شرميلو آھي... ڀلا ھڪ نوجوان ڇوڪرو پنھنجي محبوبہ ڏانھن خط لکرائي پيو تہ ان ۾ شرم جي کھڙي ڳالھہ؟“

محبوبہ جي ذڪر تي ٻيو نوجوان ڪجھہ وڌيڪ بي چين ڏسڻ ۾ پئي آيو جڏھن تہ نئون آيل ڪراڙو کو جواب ڏيڻ بدران ھلڪو مرڪي پيو.

”ڀلا سائين جواني ۾ ماڻھو اھو سڀ ڪجھہ ناھي ڪندو ڇا؟“

لکندڙ نوجوان وڌي بي باڪي سان پڇيو ان وچ ۾ ھوٽل جو بيرو آيو ھيو جنھن کي نئين آيل ڪراڙي چانھہ جو آرڊر ڏنو ان وچ ۾ ٻنھي نوجوانن نئي آيل ڪراڙي جو جائزو ورتو.

ھُو خوش لباس، صحت مند پئي ڏسڻ ۾ آيو پر گڏو گڏ صاف لڳو پئي تہ ھُو ڪو ڳوٺاڻو ھيو سندس ھٿ ۾ پلاسٽڪ جي ننڍڙي ٿيلي ۾ ڪو سامان پڻ ھيو.

”ٻڌائي ساجد تہ اڳتي ڇا لکان؟“

ساجد هڪ نظر وري ڪراڙي تي وڌي ۽ جان ڇڏائڻ واري لهجي ۾ چوڻ لڳو.

”بس لڪينس تہ ڪجھ ڏينهن ۾ آءُ پنهنجي والدين کي سندس گھر موڪليندس“

لکڻ واري نوجوان اهو سڀ لکيو ۽ وري ساجد ڏانهن ڏسڻ لڳو.

”بس ايترو ڪافي آهي“ ساجد تڪڙي چيو.

لکڻ واري هڪ اڌ جملو لکي وري ان ڪراڙي ڏانهن ڏسي چيو.

”اوهان جو ڇا خيال آهي محبت واقعي لکي لکي ڪرڻ گھرجي؟“

ڪراڙي هڪ نظر ٻنهي ڏانهن نهاري هوريان چوڻ لڳو

”سائين اوهان پڙهيل لکيل ماڻھو آهيو اوهان ئي بهتر ڄاڻو ٿا تہ ڇا ڇا ڪرڻ مناسب آهي يا نہ... هونئين بہ اڄ ڪلھ دور ڪجھ تبديل ٿي چڪو آهي... هر شئي جا معيار ئي بدلجي ويا آهن...“

آخري جملو چوندي ڪراڙي جو لهجو ڪجھ اُداسي ڀريو محسوس ٿيو هيو.

”اوهانجي دؤر ۾... يعني اوهانجي جواني واري دؤر ۾ محبت جا ڪهڙا معيار هيا؟“

لکڻ واري نوجوان بغير ڪنهن تڪلف جي ڪراڙي کان پڇيو.

سوال ٻڌي ڪراڙي هڪ ڊگھو ساهہ کنيو ۽ خاموشي سان ڪجھ سوچڻ لڳو. شايد ڪي بي شمار يادون هڪ ئي وقت سندس ذهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ لڳيون هيون نوجوانن کي پاڻ ڏانهن ڏسندو ڏسي هوريان چوڻ لڳو.

”اهو سچ آهي تہ نوجواني جون پنهنجون ڪجھ گھرجون. خواهشون هونديون آهن پر انهي باوجود بہ پنهنجي پر پاسي جي ماحول رسمن. رواجن کي بہ ڏسڻو ٿو پَوي اسان جي نوجواني واري دؤر ۾ ڪنهن بہ مرد توڙي عورت جي محبت لڪيل هوندي هئي تہ سندس عزت ۽ زندگي محفوظ

هوندا هيا هن دور ۾ ته پنهنجي محبت جا قصا عام ڪرڻ کي بهادري ۽ فخر جهڙي ڳالهه سمجهيو پيو وڃي.“

ان وچ ۾ هوٽل جو بيرو هن لاءِ چانهه رکي ويو هيو ۽ ڪراڙو ڪافي دير تائين چانهه جي ڪپ کي خاموش ٿي گهوريندو رهيو هيو.

”اهو ته شايد اڄ ڪلهه به اوهان ۾ رسم آهي ڪارو ڪاري ڪري مارڻ جي“

لڪڻ واري نوجوان جو لهجو ڪجهه ٺوڪ پريو هيو.

”ها“ ڪراڙي ڪنڌ هيٺ ڪري چيو.

نوجوان نه سمجهي سگهيا ته هن جي لهجي ۾ شرمندگي آهي يا ڏک؟

”ڇا محبت ڪرڻ وارن کي برداشت ڪرڻ بي غيرتي آهي؟“

” آءُ ڪجهه نٿو چئي سگهان نوجوان... ڪڏهن ڪڏهن غلط رسمن کي به هلائڻو پوي ٿو“

ڪراڙي هوريان چيو.

”پر اها غلط ڳالهه آهي ته اهڙي فطري جذبي رکڻ وارن کي غلط سمجهيو وڃي“

نوجوان جو لهجو ڪجهه تيز هيو.

”پر اوهان ڏسي رهيا هوندا ته اڄ ڪلهه محبت جي نالي تي ڇا ڇا نه ڪيو پيو وڃي.“

”ها ڪجهه غلط به ٿي رهيو آهي پر پوءِ به محبت کي برداشت ڪرڻ جو حوصلو هجڻ گهرجي“

نوجوان پنهنجي ڳالهه تي ضد وانگر بيٺو رهيو ڪراڙو ڪجهه لمحا ڪيس خاموشي سان، غور سان ڏسندو رهيو وري آهستي چوڻ لڳو.

”معاف ڪجائين نوجوان صرف ڳالهيون ڪرڻ يا ٻين کي نصيحت ڪرڻ سولو آهي پر پاڻ برداشت ڪرڻ ڏکيو“

”نه نه سائين... حوصلو ۽ حقيقت پسندي هجي ته ڪائي ڳالهه مشڪل ناهي“

نوجوان جو لهجو اٽل هيو.

ڪراڙي نوجوان ڏانهن ڏسي ڪجهه چوڻ چاهيو پر ڪجهه سوچي خاموش رهيو.

نوجوان ڪيس نرم لهجي ۾ چيو.

”چاچا سائين... اوهان جيڪو ڪجهه چوڻ چاهيو ٿا بغير ڪنهن هٻڪ جي چئو، مون ۾ برداشت ڪرڻ جو حوصلو آهي.“

ڪراڙو چوڻ لڳو.

”نوجوان... ڳالهه ڪجهه ڪئوڙي آهي ڪٿي توهان ناراض نہ ٿيو؟“

”ضرور چئو چاچا... مان بہ پنهنجي حوصلي ڪي آزمائڻ ٿو چاهيان“

نوجون کلي چيو.

ڪراڙي ڊگهو ساهہ کڻي چيو.

”تہ پوءِ ٻڌاءِ تہ جيڪڏهن تنهنجي ڏيءَ، تنهنجي پيءُ سان ڪو محبت جي دعوا ڪري تہ ....؟“

جملو اڌ ۾ ڇڏي ڪراڙو هن ڏانهن غور سان ڏسڻ لڳو، ڄڻ ڪيس ڊپ هيو تہ نوجون جواب ۾ ڪيس ڌڪ هڻدو يا گاريون ڏيندو.

خط لکڻ واري نوجوان هڪ ڊگهو ساهہ کنيو، سندس چهرو ائين ئي پرسڪون رهيو جڏهن تہ ٻئي نوجوان ساجد، ڪراڙي ڏانهن ڪاوڙ واري انداز ۾ گهوري ڏٺو خط لکڻ واري نوجوان هن ڏانهن ڏسندي هوريان چوڻ لڳو.

”سائين... اوهان ٺيڪ پيا چئو تہ اهڙي ڳالهہ پنهنجي ڏيءَ، پنهنجي پيڻ بابت برداشت ڪرڻ ڏکيو آهي. پر... پر آءُ وري بہ چوندس تہ اسان ڪي سهپ ۽ برداشت کان ڪم وٺڻو پوندو... آءُ اوهان ڪي اهو ٻڌائيندي قطعي شرمندو ناهيان تہ ها مون پنهنجي پيڻ ڪي پنهنجي سئوٽ ڏانهن خط لکندي پڪڙيو هيو...“

ڪراڙي سان گڏ ساجد بہ ان ڏانهن ڇرڪي ڏٺو نوجوان انهي پرسڪون انداز ۾ چوندو رهيو.

”۽ مون ان ٻنهي جي شادي ڪرائي ڇڏي“

ساجد ۽ ڪراڙو حيرت مان هن ڏانهن ڏسندا رهيا ڪافي دير تائين ڪنهن به ڪجهه نه ڳالهايو.

ڪراڙي چانهه جي ڪپ مان هڪ وڏو ڍڪ ڀريو ڪپ رکي بغير ڪجهه ڳالهائڻ جي اتان اٿي ٻاهر نڪري آيو. ڪجهه فاصلي تي بس اسٽاپ هيو ۽ هُو پنهنجي ڳوٺ جي بس ۾ سوار ٿيو سڄو رستو هو ڪجهه سوچيندو رهيو.

ڳوٺ پهچي بس مان لٿو ته تازي هوا جي احساس سان گڏ شهر. شهر جون ڳالهيون ڄڻ وساري ويٺو ۽ ڪچي رستي تان هلندي هڪ طرف هڪ ڏکي، سڪل وڻ تي نظر پيئس ته هڪ دم بيهي رهيو ۽ اکيون ڦاڙي ان وڻ ڏانهن ڏسڻ لڳو.

اوچتو سندس اکيون ڀرجي آيون چپن ۾ هلڪو لرزو پيدا ٿيو. هو غور سان سڪل وڻ کي ڏسي ياد ڪرڻ لڳو ته ڪيئن ڪئي ورهه اڳ... جڏهن هُو به جوان هيو ۽ هي وڻ به سائو هيو تڏهن هن ان وڻ جي هڪ ٽاري سان پنهنجي پيءُ کي محبت ڪرڻ جي ڏوهه ۾ سندس ئي رئَي سان ڦاهي ڏني هئي.

•••❊•••

محبوبہ ۽ گهرواري

هن ٻين دوستن کان لڪائي هن جي ڪن جي پرسان منهن آڻيندي چيو
”يار جمال... فوٽو ڏيکاريائين؟“

”ڪنهن جو؟“

”هن جو.. “ نُور اک سان اشارو ڪندي چيو

۽ جمال هڪ لمحي ۾ ئي سمجهي ويو تہ ”هن“ جو. مان مطلب هيو نادیہ يعني نُور جي محبوبہ جو.

جمال سوچ ۾ پئجي ويو تہ هو پنهنجي دوست نور جي محبوبہ نادیہ جو فوٽو ڪيئن ڏسي؟ ڪيس خواهش هجڻ باوجود جڻ مناسب نہ پئي لڳو

هن جي ڪنهن فيصلي ڪرڻ يا جواب ڏيڻ کان اڳ ئي نور هڪ تصوير هن کي ڏيندي چيو

”ڏس... هي اٿئي اُها“

جمال فوٽو ڏسڻ کان اڳ هڪ نظر سين دوستن تي وڌي هو سڀ تي وي تي هلندڙ ڪرڪيٽ ڏسڻ ۾ گم هيا.

هن وري فوٽو ڏٺو. شادي جي ڪنهن پروگرام ۾ سهرا ڳائيندڙ ڇوڪرين جي ٽولي مان هڪ ڇوڪريءَ جو چٽو فوٽو هو.

هلڪي گلابي ڪلر جي ڪپڙن ۾ ڇوڪري ڪجهہ وڻندڙ لڳي رهي هئي.

”ڪيئن آهي؟؟“ نور جڻ هن کان پنهنجي پسند تي داد گهرڻ پئي چاهيو.

جمال هن ڀيري پنهنجي نظر سان نہ پر پنهنجي دوست جي نظر سان فوٽو کي ڏسندي چيو.

”خوبصورت... ڏاڍي خوبصورت“

۽ پوءِ ڪرڪيٽ ڇڏي نور ڪافي دير تائين ڪيس نادیہ بابت اڳ ٻڌايل ۽ نيون ڳالهيون وڏي جوش سان ٻڌائيندو رهيو.

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ نورناديه جا خط به جمال کي ڏيکاريا جيڪي هن انتهائي محبت وارن لفظن ۾ لکيا هيا جيڪي پڙهڻ کان پوءِ لوڻ جهڙي ڪنهن ماڻهو جو وجود سڄو سارو مصريءَ جهڙو مٺو ٿي پوندو آهي.

ناديه ٽور جي پاڙي جي ڇوڪري هئي ان ڪري ٿوري ئي عرصي ۾ هو لِڪ ڇَپ ۾ هڪ ٻئي سان ملڻ لڳا هيا.

”اڄ مون ڪيس چوڙيون وٺي ڏنيون... اڄ ڳالهائيندي ڳالهائيندي مون ڪيس چوندي پاتي ايڏي رڙ ڪيائين ذري گهٽ پڪڙجي پيا هياسين“ هُو روز جمال کي ننڍيون ننڍيون ڳالهيون به ٻڌائيندو هيو.

هڪ ڏينهن نور ڏاڍو خوش هيو جمال جي پڇڻ تي ٻهڪندي چيائين:

”اڄ مون پهريو پيرو هن کي ڪِس ڪيو آهي“

جمال کان ٺهڪ نڪري ويو سوچيائين.

”محبت ۾ انسان ڪيئن نه ننڍي ننڍي ڳالهه مان به انجواءِ ڪندو آهي“

نور روز ناديه جون ڳالهيون ايتري حد تائين ٻڌائيندو هيو جو جمال کي محسوس ٿيو هو ته جڻ ناديه به هنن جي دوستيءَ واري حلقي ۾ شامل آهي ۽ هر وقت هنن سان گڏ هوندي آهي

پوءِ نور کيس ڪاليج کان موٽڻ وقت ناديه ڏيکاري هئي.

بظاهر هوءَ به عام ڇوڪري هئي خوبصورت، خوش لباس بس فرق اهو هو ته هوءَ ٽور لاءِ عام ڇوڪري نه پر محبوبه هئي.

هڪ ڀيري دوستن ٻاهر ڪٿي ٽوئر جو پروگرام ٺاهيو سڀ تيار ٿيا ۽ هلڻ وقت کان ڪجهه دير اڳ نور جمال کي ٻڌايو.

”آءٌ نه هلندس“

”ڇو؟“ جمال حيرت مان پڇيو.

”سچ ٻڌايائين؟“

”ها“

”يار مون جڏهن تصور ڪيو ته به ٽي ڏينهن، ناديه کان پري رهڻو آهي، ته منهنجو ساهه بند ٿيڻ لڳو، ان ڪري مون نه هلڻ جو فيصلو ڪيو آهي“

ٽور ٻڌايو.

جمال ڪلڻ لڳو پر ڪيس ڪجهه نه چيائين ان ڏينهن سمورا دوست ٽوئر تي هليا ويا هيا شام جو ٽور وٽ جمال آيو هيو. جمال کي ڏسي ٽور حيرت مان پڇيو.

”تون ڇو نه وئين ٽوئر تي؟“

”يار مون تصور ڪيو ته ٽور ڪان بغير ٻه. تي ڏينهن ٻاهر رهڻو پوندو ته ساهه منجهڻ لڳو“

جمال ڪيس هن جو ئي چيل جملو ٻڌايو ته ٻنهي ڪان ٽهڪ نڪري ويو هو.

نور جي خواهش مطابق هن جي شادي ناديه سان تي وئي. ٽور اڳ ڪان وڌيڪ ڪِلڻو تي ويو هيو. بس فرق اهو ٿيو هو جو هو هاڻي دوستن کي گهڻو وقت نه ڏئي سگهندو هيو. پر دوست به ڪا شڪايت ڪانه ڪندا هئس.

ٻين دوستن جي ابتڙ جمال وري به نور جي گهڻو ويجهو هو. هن کي جڏهن به سڪ لڳندي هئي ته هو ٽور سان ملڻ ويندو هيو ۽ هو نور جي گهر جي ويجهو هڪ هوٽل ۾ ويهي ڪجهه دير ڪچهري ڪري هليا ويندا هيا.

جمال هڪ رات ڪجهه دير سان گهر پهتو. ڪيس خبر پئي ته هن جي مڱڻي سندس سئوٽ سان طئي ڪئي وئي آهي... هن کي ڪا حيرت نه تي ڇو ته ان سلسلي ۾ ٻنهي گهراڻن ۾ ڳالهيون هلندڙ هيون.

جمال سوچيو ته اها خوشخبري ٽور کي هن ئي وقت ٻڌائڻ کپي. هو گهر ڪان نڪري آيو پهريون سوچيائين ته نور کي فون تي ئي خوشخبري ٻڌائي پر وري سوچيائين روبرو ٻڌائڻ ۾ وڌيڪ مزو ايندو. هن وقت بچائڻ واري خيال سان پرواري پي سي او مان ٽور جو نمبر ملايو فون نور ئي کنيو.

”يار ٽور.. جلدي هوٽل تي پهچ“ جمال ڪيس چيو.

”ڇو؟ خير ته آهي؟“ نور حيرت مان پڇيو.

”ها توکي هڪڙي خوشخبري ٻڌائڻي آهي“

”يار فون تي ئي ٻڌائي ڪٺي هن مهل رات جو سيءُ ۾ ڪيراچي“

نور لنوائيندي چيو.

”ها سائين... هن مهل ”هن“ جي گرم ۾ پاڪر مان نڪرڻ لاءِ دل ئي نٿي چوَئي“ جمال ٺجت ۾ ٽوڪ ڪئي.؟

هڪ لمحي لاءِ نور ڪو جواب نه ڏنو.

”يار هڪڙي ڳالهه چوانءِ؟ ناراض نه ٿجانءِ“

نور جو سنجيده لهجو ٻڌي هو ٿورو حيران ٿيو.

”ها ها... چئو“

”يار... ٻيهر... ناديه بابت ڪجهه ڳالهائيندي احتياط ڪندو ڪر... هاڻي هوءَ تنهنجي ڀاڀي، منهنجي گهرواري آهي“

نور ايترو چئي رسيور رکي ڇڏيو.

جمال حيرت مان رسيور کي گهوريندي رهجي ويو.

ڪيس ائين لڳو ڄڻ ناديه جو محبوبه ڪان گهرواري ٿيڻ ڪان پوءِ نور سان سندس بي تڪلفي واري لائين ڪٽجي وئي هجي.

•••☼•••

بوءِ

اهڙن موقعن تي مرد ئي اڪثر سوال پڇندا آهن هن به پڇي ورتو.

”تون هن لائين ۾ ڇو آئي آهين؟“

عورت مرڪي پئي.

ڪرسيءَ تي پاڻ کي وڏيڪ ڍورو ڇڏيندي سگريٽ جو هڪ ڏگهو ڪش هنيائين.

”مان ڪوبه ڪوڙ ڪائي به ڳالهه ڪري توکي مطمئن ڪري سگهان ٿي... “

عورت مرڪندي چوندي رهي.

”تون سچ ٻڌاءِ. تون مون وٽ ڇو آيو آهين؟“

مرد، جيڪو فارغ ٿي هاڻي وڃڻ جو سوچي رهيو هيو هڪ لمحي لاءِ چپ ٿي سوچڻ لڳو جڻ سچ ڳالهائڻ جو پنهنجي اندر حوصلو پيدا ڪري رهيو هجي.

اهو سوچڻ کان پوءِ ته سچ ڳالهائڻ ۾ ڪيس ڪو به خطرو ناهي ڪو به نقصان ناهي. هن به سچ ئي ڳالهايو.

”اصل ۾ ڪجهه ڏينهن کان مون کي پنهنجي گهرواريءَ کان دونهين جي بوءِ پئي اچي.. “

مرد ڳالهه پوري ڪري هڪ نظر عورت ڏانهن ڏٺو.

عورت وري مرڪي پئي هئي

بلڪ اڳين کان وڏيڪ جاندار ۽ معنيٰ خيز مرڪ.

عورت سگريٽ جو هڪ ٻيو وڏو ڪش هنيو ۽ اٿڻ لاءِ تيار ٿي ويندل مرد جي ڇهري تي سگريٽ جو دونهون ڇڏيو.

مرد، هن حرڪت کي به هڪ ادا سمجهي مرڪي پيو.

عورت ويجهو واري ٽيبل تي رکيل سندس ڏنل نوٽ کڻي هن جي هٿ تي رکندي چيو.

”هي وٺ.... گهر وڃين ته ڪجهه سٺا پرفيومز ورتيو وڃجائين“

مرد حيرت مان پڇيو.

”ڇو؟“

”ان لاءِ ته ڪنهن وقت ۾ تو وانگر منهنجي مڙس کي به مون کان ٻاهرين جي بوءِ محسوس ٿيندي هئي“

•••❊•••

دائرن ۾ گُم ٿيل ڪهاڻيون

منهنجو دوست بہ عجيب ماڻهو آهي، سڏائيندو تہ پاڻ کي اديب آهي پر ڪافي عرصي کان لکيو ڪجھ بہ ڪونہ اٿئين. پڇندو آهيانس ڇو نٿو لکين؟

چوندو آهي هاڻي مون کان رواجي ڪهاڻيون لکڻ ڪونہ پڄن.

”تہ غير رواجي ڪهاڻيون لک؟“

”ها“ چئي آسمان ۾ اکيون کيپائي ڇڏيون هئين ۽ الاءِ تہ ڇا سوچڻ لڳو هو.

”ڀلا ڪهڙي قسم جون ڪهاڻيون لکڻ ٿو چاهين؟ “مون پڇيو

انهن ماڻهن جو ڪهاڻيون جيڪي عام ماڻهن کان لڪيل رهن ٿيون“

چوندي چوندي هو هوائن ۾ ڪجھ تصور ڪري هڪ آڱر سان دائرا ڪڍندو هيو.

هڪ ڀيري سڀ دوست وينا ٿي وي تہ فلم ڏسي رهيا هياسين هو بہ منهنجي ڀر ۾ وينو غور سان فلم ڏسي رهيو هو. اچتو ٿي وي اسڪرين ڏي آڱر ڪڻندي چيائين.

”هو ڏسين پيو؟“

”ها... ها... هيرو ڀڳائيندو پيو اچي“ مون جواب ڏنو.

”نہ نہ.... هيرو نہ.... ان جي پويان... پري... تمام پري کان هڪ جهاز ظاهر ٿيو هو؟“

”ها هڪ لمحي لاءِ هڪ جهاز جي جهلڪ ظاهر تہ ٿي هئي“

”اهو ئي... جهاز... يار سوچ تہ سهي“ چئي هو ڪجھ پاڻ سوچيندي چوڻ لڳو

”يار سوچ تہ سهي... جنهن لمحي هن جي فلم جي رڪارڊنگ ٿي رهي هئي ان وقت ڪيترا تہ ماڻهو ان جهاز ۾ ويٺا هوندا؟ ڪو ڪارڙو ڪو پورو، ڪو جوان تہ ڪو پوڙهو، ڪا خوبصوت ڇوڪري تہ ڪو ننڍڙو ٻار.“

”ها يقينن هوندا“ مون ڪجهہ نہ سمجهندي چيو.

”يار ٿورو سوچ تہ سهي ان لمحي جڏهن هن فلم جي سين جي رڪارڊنگ ٿي رهي هئي ان لمحي انهن جون ڇا ڇا سوچي رهيا هوندا ؟“

آءُ پنهنجي دوست جي ان سوچ تي حيران ٿي ويس پر وري بہ ڪيس چيم ” ها ... ضرور ڪجهہ تہ سوچي رهيا هوندا. “

”تہ بس آءُ انهن ماڻهن جي انهن لمحن جون ڪهاڻيون لکڻ ٿو چاهيان“

”توکي ڪهڙي خبر تہ اتي ڪير ڇا ڇا سوچي رهيو هو؟“

مون کلي پڇيو

”مونکي خبر آهي تہ اهي ڇا ڇا سوچي رهيا هوندا...“

هن وڏي جوش مان چيو.

”مثال طور؟“

”مثال طور اهو ڪراڙو ماڻهو... خوشحالي جا خواب ڪٽي جواني ۾ ٻئي ديس ويو، سڄي زندگي اتي ڪمائي ڪمائي هاڻي ڪيس وطن جي مٽي پاڻ ڏانهن ڇڪيو تہ سندس اولاد بہ واپسي کان انڪار ڪيو، هو هاڻي اڪيلي ڪجهہ ڊالر ڪٺي وڃي پيو ۽ پنهنجا مائٽ بہ هن سان ايسٽائين پنهنجائپ ڏيکاريندا جيسٽائين هن وٽ ڊالر رهندا“

هو شايد وڌيڪ ڪجهہ چوي ها پر مون هن جي توجهہ فلم ڏي ڪرائڻ لاءِ چيو.

”هي منظر ڏس ڇا خيال آهي؟“

هن جي چپن تي مرڪ تري آئي، آڱر سان پري ڪان ٿي وي اسڪرين ڏي اشارو ڪندي چوڻ لڳو.

”هن منظر کي نہ پر ان جي پس منظر تي سوچ“

”ڇا مطلب؟“ مون وري حيرت مان پڇيو.

”منظر ۾ ظاهري طرح تہ هڪ ماڻهو هڪ هيرو واضع آهي، پر ان جي پس منظر ۾ ڏس تہ ڪيترا نہ ماڻهو نچي رهيا آهن اهي سڀ بہ هيرو ٿيڻ جي شوق ۾ گهرن مان آيا هوندا، ڪنهن گهر وارن جا پيسا چورائي ڪرايا ڪيا هوندا تہ ڪنهن هيرو ٿيڻ جي آسري ۾ دوستن کان قرض ڪنيو هوندو پر هتي اچي بڻيا ڇا؟ ايڪسترا. “

هن جي چپن تي مسڪراهٽ وڏيڪ گهري ٿي وئي هئي ۽ هو اسڪرين ڏي اشارا ڪندو دائرا ٺاهيندو ويو

”تہ پوءِ انهن تي ڪجهہ لک نہ؟ “مون چيو.

هڪ لمحي لاءِ هن ڪجهہ سوچيو پر ڪنڌ انڪار ۾ ڌوڻيندي چيائين

”تہ... هي سڀ بہ رواجي ماڻهو، رواجي ڪردار آهن... مان تہ اڃان ٻيو ڪجهہ پيو ڳولهيان“

ايتري ۾ وحيد ڪيس چڙ ڏيندي چيو:

”يار اديب خان... هاڻي فلم ڏسڻ ڇڏ... “

هو ٿورو مرڪي پيو هو. مون کي اک سان اشارو ڪندي چيائين

”پوءِ ڳالهايون ٿا. “

ان کان پوءِ بہ فلم جي منظرن تہ هو دائرا ڪڍندو ۽ ڪجهہ سوچيندو رهيو هو.

هڪ ڀيري سيئي دوست بازار مان گذري رهيا هياسين هڪ پاسي هڪ پٺاڻ فٽ پاٿ تي رکي ڪجهہ استعمال ٿيل بوٽ وڪڻندي نظر آيو هيو.

اسان مان ڪو هڪ دوست بوٽ ڏسڻ لڙي پيو تہ سڀ لڙي پياسين.

مون ائين ئي هڪ لانگ بوٽ کنيو تہ پٺاڻ پشتو ۽ گڏڙيل اردو ۾ چيو ”داخو، روسي هي“

مون واري اديب دوست بوٽ منهنجي هٿن مان ورتو ۽ ان کي ڌاڍي غور سان ڏسڻ لڳو.

”ڇا پيو ڏسين ؟“مون هن کان پڇيو.

ٽڏو ساهہ کڻندي چوڻ لڳو.

”يار ڏس تہ... هي لانگ بوٽ يقينن ڪنهن روسي فوجي جو هوندو.. جيڪو الاءِ تہ ڇا ڇا سوچي افغانستان آيو هوندو؟ جڏنهن هن کي پنهنجو ملڪ ڇڏي ڌاري ملڪ وڃڻ جو حڪم مليو هوندو تہ هي بوٽ پائي هن جا پير هلڻ وقت ڏڪيا هوندا؟ يا هو فتح جي اميد ۾ جوش ڀريا قدم کڻندو ويو هوندو. يا جڏنهن هي بوٽ پائي هن پهريون ڀيرو افغان زمين تي قدم رکيا هوندا تہ ڇا ڇا سوچيو هوندو.. “

سچ پڇو تہ جيئن جيئن هو ڳالهائي رهيو هيو مونکي ائين پئي لڳو ڄڻ آءُ پاڻ اهو روسي فوجي آهيان ۽ هي لانگ بوٽ منهنجا ئي آهن.

ڪجهہ خريد ڪرڻ بنا ئي موٽياسين.

ٻئي ڀيري بہ ائين ڪجهہ دوستن سان گڏ گهمي رهيا هياسين، مون محسوس ڪيو تہ مون وارو اديب دوست پوئتي رهجي ويو آهي.

منهن ورائي پوئتي ڏٺم تہ هو گند جي هڪ ڍير پرسان بيٺو هيٺ زمين تي پيل ڪنهن شئي کي غور سان ڏسندو نظر آيو مون هن جي ويجهو اچي پڇيو.

”ڇا ٿيو؟ ڇا پيو ڏسين؟“

هن عادت موجب هيٺ زمين ڏانهن آڱر سان اشارو ڪندي دائرو ٺاهيندي چيو.

”هو ڏسين پيو؟“

”ڇا؟ “

”هو رنگ گورو ڪرڻ واري ڪِريم جو خالي دٻو؟“

”ها “ مونکي خالي دٻو نظر آيو هو.

” يار اها ڪِريم جنهن عورت يا ڇوڪري ورتي هوندي ڇا ڇا سوچي ورتي هوندائين؟“ هن هوريان هوريان پڇيو.

”الاءِ يار.. ڇا سوچيو هوندئين؟“

”يار اها ڪِريم ڪنهن ڇوڪري يا عورت تي وي ۽ اخبارن ۾ اشتهار ڏسي اهو سوچي ورتي ۽ هر رات سمهڻ کان اڳ اهو سوچي هٽندي هوندي تہ ان ڪِريم جي هٽڻ کان پوءِ جڏهن صبح جو اٿندي تہ ان جو چهرو دنيا جي سيني عورتن کان وڌيڪ خوبصورت تي چڪو هوندو“

مون کان وڏو ٽهڪ نڪري ويو.

”۽ ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ.... “

ايتري دير ۾ هڪ اجنبي ماڻهو بہ اچي اسان جي پر ۾ بيهي زمين ڏي هيٺ غور سان ڏسڻ لڳو.

”ادا ڇا پيا ڏسو؟ “نيٺ اجنبي پڇيو.

آءُ سوچ ۾ پئجي ويس تہ ڪيس ڇا جواب ڏيان پر منهنجي دوست آڱر سان دائرو ٺاهيندي خالي دٻي ڏي اشارو ڪيو.

”او... هو“ اجنبي منهن خراب ڪندي چيو.

”مون سوچيو گند جي ڍير تي ڪنهن لاوارث يا ناجائز ٻار جو لاش آهي“

اجنبي جڻ تماشو ڏسڻ جي شوق ۾ آيو هو. خالي ڪريم جي پيڪٽ تي هڪ نظر وجهي اهو ماڻهو منهن خراب ڪري هليو ويو.

منهنجي دل ۾ خيال آيو تہ ليڪڪ دوست کي چوان ”ڇريا... ايتري گهيرائي سان نہ سوچ .... هي احساس پريل ڪهاڻين جو نہ. پر ڇڇريل لاشن ۽ ناجائز ٻارن جو تماشو ڏسڻ جو دور آهي“

•••❊•••

مگڻيءَ جي مُنڊي

هو دوستن کان تمام جلد سنا اثر قبوليندو هيو. ڪنهن دوست وڏا وار رکيا، هن کي ڳالهه وڻي هن به وڏا وار رکيا. ڪنهن جو لٽو، ڪپڙو، سلائي، بوٽن جا ڊزائن ڪيس پسند آيا ته هن به اهي شيون اپنايون. هڪ دوست ڪلين شيوَ ٿيو هيس ته هن به مڇون ڪوڙائي ڇڏيون، توڙي جو مٽ مائٽن مان هن کان اڳ ڪنهن به مڇون نه ڪوڙايون هيون. نه ٿي ڏينهن ته مٽ مائٽ ڪيس پر پٺ "ڪدڙو" ڪري سڏڻ لڳا هيا پر ڪيس ان ڳالهه جي ڪا به پرواهه نه هئي.

ڪنهن سني فيملي سان تعلق رکندڙ هڪ دوست جي مگڻي ٿي هيس. ٻه چار ڏينهن کان پوءِ مگڻي جي پروگرام جون تصويرون ڪيس ڏيکاريون هيائين..

هڪ تصوير سندس اکين مان ٿيندي ذهن جي اسڪرين تي ڄڻ ڄمي وئي هئي. تصوير ۾ سندس اهو دوست مسڪرائيندي پنهنجي مگيندي ءَ کي مگڻي جي منڊي پارائي رهيو هيو. منڊي پارائڻ وارو اهو منظر هن جي ذهن تان ڪيئي ڏينهن نه لٿو.

نيٺ هن فيصلو ڪيو "آءٌ به جنهن ڇوڪريءَ سان مگڻو ڪندس ان کي ضرور منڊي پارائيندس ۽ ائين فوٽوءَ وڊيو رڪارڊنگ ڪرائيندس"

پر اهو ڪم هن لاءِ ايترو آسان نه هو. هو پاڻ به ان ڳالهه کي سمجهي رهيو هو، ڇو ته هنن جي خاندان ۾ هڪ ته مرضي جي شادي ڏکي ڳالهه هئي، ٻيو ته مگڻي ٿيڻ سان ئي ڇوڪري، ان ڇوڪري جو نالو ٻڌي اُتان اٿي ويندي هئي. ۽ ائين مگڻي جي منڊي پارائڻ ناممڪن هو.

"جنهن کي منهنجي اها شرط قبول نه هوندي آءٌ اتي مگڻي نه ڪندس" هن پڪو پهه ڪيو.

هڪ ڀيري ڪپڙا دير سان استري ڪري ڏيڻ جي ڪاوڙجڻ تي سندس ماءُ چيس

" ابا هاڻي مونکا ايترا ڪم ڪو نه ٿا پڄن... هاڻي شادي ڪر.."

اُن وقت هو چپ تي ويو ۽ جڏهن ڪنهن ٻئي پيري سندس ماءُ ڪيس ائين چيو ته هن چيو

”ٺيڪ آهي امان.. هاڻي واقعي شادي ڪرڻي پوندي.. “

سندس ها ڪرڻ تي ماءُ جو چهرو ٻهڪي پيو هو.

”ڪا به ڇوڪري پسند ڪر امان پر منهنجي هڪڙي شرط اٿئي... “

”شرط؟ ڪهڙو شرط پٽ؟“

هن جي اکين اڳيان دوست جي مڱڻي جي موقعي تي نڪتل تصوير ڦري آئي.

”امان! جنهن به ڇوڪريءَ سان منهنجي شادي ڪرايو ان ڪي مڱڻي جي موقعي تي منڊي مان پارائيندس“

هن جي خواهش تي سندس ماءُ حيران ٿي هئي.

”ابا اسان جي مائٽن ۾ ڪڏهن ڪو ائين ٿيو آهي ڇا؟“

”ها امان اڳ ته ائين نه ٿيو هو، پر هاڻي ائين ٿيندو... ۽ جنهن به منهنجي اها شرط نه قبولي... اتي آءُ مڱڻوئي نه ڪندس“

۽ ان ڪان پوءِ به جڏهن سندس شادي جو ذڪر نڪتو هن اها شرط رکي.

هن جي پراڻي خيالن جي مائٽن مان ڪنهن ڪي به اهو شرط قبول نه هجي ها، بلڪ هن جي ماءُ، پيءَ ۽ شرمندگيءَ ڪان ته ڪنهن سان ڳالهه ئي نه ڪئي.

سندس ماءُ، ڀينرن، ڀائرن جڏهن به ڪيس شاديءَ لاءِ چيو هن اها شرط رکي.

سندس منڊي پارائڻ واري خواهش، سندس ضد بڻجي چڪو هو.

ڪجهه وقت ڪانپوءِ، هڪ دوست جي معرفت ڪيس ڏارين مان شاديءَ جي آفر ٿي، هن جي ماءُ وڃي هن ڇوڪريءَ ڪي ۽ هن جي خاندان ڪي ڏسي آئي ڪيس ڇوڪري ۽ خاندان پسند آيا.

هن وري ماءُ آڏو اها شرط رکي.

هنن ڪي چئو ته ”ڇوڪري ڪي مڱڻي جي منڊي آءُ پاڻ پارائيندس“.

هن جي ان شرط تي پهرين تہ ڇوڪريءَ جي مائٽن انڪار ڪيو پر پوءِ ٿورو زور پرڻ تي راضي ٿيا.

هو ڏاڍو خوش ٿيو هو.

مڱڻي جي لاءِ تاريخ طئي ٿي، هو بي صبري سان ان ڏينهن جو انتظار ڪرڻ لڳو هو.

هن سوچيو

”هاڻي آءٌ بہ ان دوست ڪي مڱڻي جي موقعي تي نڪتل تصوير ڏيکاريندس ۽ ثابت ڪندس تہ مان بہ جديد_ ترقي پسند خيالن جو آهيان“

نيٺ اهو ڏينهن بہ اچي ويو. هو وڏين تيارين سان خوش خوش ڇوڪري وارن وٽ پهتا. جتي ڇوڪري وارن بہ سندن سٺو آڌرڀاءُ ڪيو. هن جو هڪ مائٽ ڪيئمرا سنڀالي فوٽو ڪڍي رهيو هو.

۽ نيٺ ڪيس سندس ماءُ منڊي ڏيندي ڇوڪريءَ ڪي پارائڻ لاءِ چيو. هو مسڪرائيندي اڳتي وڌيو ۽ ڇوڪريءَ جي پرسان اچي هن هڪ نظر ڪيئمرا تي وڌي ۽ پنهنجي چپن تي دلڪش مسڪراهٽ آڻيندي منڊي اڳتي وڌائيندي ڇوڪري ڪي هورين چيو.

”هٿ اورتي ڪيو“

ڇوڪريءَ جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو ۽ هن پنهنجو هٿ ٿورو پوئتي ڪندي جڻ لڪائيو. هن وري دل ٻڌي، همٿ جو مظاهرو ڪندي ڇوڪريءَ جي هٿ ڪي پڪڙي پاڻ ڏي ڇڪيو.

ٻئي لمحي، منڊي هن جي هٿن مان ڪري پئي،

ڇوڪريءَ جي ٻاچ آڱر ڪٽيل هئي.

•••❊•••

تِيلي جهڙي زندگي

سينيما هال ۾ هلندڙ فلم وچ ۾ هُن ماچس جي تيلي ٻاري ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳو.

”چاچا، ڪنهن کي پيو ڳولهين؟“ سيٽ تي ويٺل همراهه پڇيس.

تيليءَ جي هلڪي روشني ۾ سندس چپن تي هلڪي مرڪ هڪ لمحي لاءِ ظاهر ٿي، غائب ٿي وئي.

ائين ٿيندو هيو. هو جڏهن به سينيما ۾ فلم هلندي گهمندي ماچس جي تيلي ٻاري هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳندو هو ته. ڪير نئون، يا ڀِرِيون ويرو ڏسندڙ ڪو به ماڻهو ضرور پڇندو هيو.

”ڇا پيو ڳولهين چاچا؟“

۽ هن جي دل چوندي هئي ته ڪير چئي.

”ويل وقت، گم ٿيل جواني پيو ڳوليان“

پر خاموش رهندو هيو وڌ ۾ وڌ هن جي چپن تي هلڪي مرڪ تري ايندي هئي.

پر اهو سوال ڪو اوپرو، يا ڪنهن ٻئي شهر جو ماڻهو ئي پڇندو هيو. نه ته هن شهر جا اڪثر ۽ خاص طور هن سينيما ۾ اڪثر ايندڙ ماڻهو هن کي الائي ته ڪيترن سالن کان ائين ڏسندا پيا اچن.

هو فلم شروع ٿيڻ کان ڪجهه دير پوءِ ڪنهن نه ڪنهن گيٽ تان اندر داخل ٿيندو هيو. هڪ لمحي لاءِ بيهي، هٿ ۾ پڪڙيل ماچيس جي تيلي ٻاري سيٽن جي وچ واري رستي تان گهمندو رهندو هو.

”هن عمر ۾ به پنهنجي لاءِ... ٿو ڳولهي“

ڪڏهن پر مان آواز ٻڌندو هيو. ساڙ ٿيڻ، کاوڙ لڳڻ بدران ڪير اطمينان ٿيندو هيو ته گار ڏيڻ وارو ڪير وڏي وقت کان ٿو سڃاڻي.

جڏهن ڪيس ڪو نوجوان ائين چوندو هيو يا ڪنهن نوجوان جو آواز ٻڌندو هيو تہ ڪيس هڪ عجيب خواهش، هڪ عجيب خيال دل ۾ پيدا ٿيندو هيو.

تڏهن سندس روح ۾ عجيب قسم جي بيزاري ۽ ٿڪاوٽ پيدا ٿيندي هئي. ان وقت خود هن جي ذهن جي پردي تي بہ هڪ فلم هلڻ لڳندي هئي.

ڪئي سال پراڻي فلم، جنهن ۾ هو پاڻ کي ڏهن، ٻارنهن سالن جي عمر ۾ ڏسندو هيو. عجيب ڳالهہ آهي تہ سندس حياتي جي فلم هڪ ئي منظر کان شروع ٿيندي هئي. نہ ڪجهہ منظر اڳ نہ پوءِ. هو ڏسندو هو هڪ پاڙي جي اوطاق ۾ هلندڙ وي سي آر جي چوڦير ويٺل ننڍن وڏن جو هجوم.

هو بہ هوريان هوريان اچي هڪ ڪنڊ وٽي ويهندو آهي. اوطاق تي وي سي آر هلائيندڙ ڇوڪرو ڪيس چئي ٿو.

”ڏهہ روپيا ڏي “

”ڪو نہ آهن “ هو جهيڻي آواز ۾ چئي ٿو.

”ڪونہ آهن تہ هل... مان بہ سئو روپيا ڀري وي سي آر ڪٺي آيو آهيان... اُهي پٺهين ڏيندو؟“

هو اٿي ٿو. دروازي کان نڪرندي نڪرندي بہ هڪ نظر هلندڙ فلم جي منظر تي وجهي نڪري ٿو اچي.

ٻئي منظر ۾ هو پاڻ کي سينيما جي ٻاهر بيٺو ڏسي ٿو. هڪ فلم جا وڏا وڏا پوسٽر، اندر اچي ٿو (گيلري) هڪ طرف فلم جا پوسٽر، هو هڪ گيٽ کان اندر ٿو اچي، فلم هلي رهي هئي، اندر اونده ۾ ڪيس ڪرسيون نظر نٿيون اچن. سيٽ سان ٽڪرائجي هيٺ ڪري ٿو. مٿي ۾ سيٽ لڳڻ جي ڪري ڏک کان وڌيڪ شرمندگي جو احساس ٻئي ڪنهن جو هلڪو ٺهڪ ٻڌي ٿيس ٿو. هڪ سيٽ تي ويهي، حيرت ۽ خوشي ۾ هلندڙ فلم کي ڏسي ٿو ڪافي دير ڪانپوءِ ٽڪيٽ چيڪر اچي ڪائنس ٽڪيٽ گهري ٿو. ٽڪيٽ نہ هجڻ ڪري هو ڪيس اٿاري ٿو. هن کي محسوس ٿئي ٿو تہ هي ٽڪيٽ چيڪر بہ پاڙي واري اوطاق واري ڇهڙوئي بي مروت ۽ ظالم آهي.

ٻاهر نڪري ڪيس ڪو افسوس نه ٿيو ته ٿئي ڇو نه مفت ۾ به هن ڪافي دير فلم ڏٺي هئي.

ٻئي ڏينهن تي هو گهر مان ماچيس چورائي، سينيما تي اچي ٿو. هال ۾ داخل ٿئي ٿو. فلم هلي رهي هئي ۽ اوندهه جي ڪري هن ماچيس جي تيلي ٻاري ۽ اڳتي وڌڻ لڳو. اوچتو ڪنهن ڪيس ٻانهن کان وٺي هلڪو سٽ ڏئي هڪ سيٽ تي ويهاريندي چيو.

"بس اتي ئي ويهي رهه... اڳتي سيٽون ڀريل آهن"

هو خاموش ويهي فلم ڏسڻ لڳو.

جڏهن اکيون اوندهه ۾ ڏسڻ ۾ لڳيون ته هن ڀر واري همراهه کي ڏٺو. هن اندازو لڳايو ته هو سندس پيءُ جي عمر جو هو.

ڪافي دير کان پوءِ ٽڪيٽ چيڪر کي پنهنجي سيٽن واري قطار ڏانهن ايندو ڏسي هو اٿيو، ڀر واري همراهه به سمجهي ورتو هن وٽ ٽڪيٽ نه آهي. پڇڻ کان پوءِ ڪيس وري ٻانهن مان وٺي ويهاري چيائين

"ويهه... ٽڪيٽ واري سان مان پاڻ ڳالهائيندس"

۽ نه صرف هن ٽڪيٽ واري سان ڳالهايو پر ڪيس مڱيرا به کارايائين

ٻي ڏينهن تي به هو سينيما ۾ اندر داخل ٿيو ۽ ماچيس جي تيلي ٻاري اڳتي وڌيو هو ته ڪيس ڪالهوڪي همراهه سڏ ڪيو.

۽ پوءِ هو جڏهن به سينيما ۾ داخل ٿيندو هيو، تيلي ٻاريندو هو ته ڪيس سڏ ڪيو ويندو هو ۽ هوريان هوريان ڪيس سڃاڻڻ ۽ سڏ ڪرڻ وارن جو تعداد وڌندو ويو، جيڪي ڪيس سينما کان ٻاهر به وٺي وڃڻ لڳا هيا.

ان ڳالهه کي هاڻي نه ڄاڻ ڪيترا سال گذري ويا، پر هاڻ ڪيس سڏ ڪرڻ وارا الاءِ ته ڇو چُپ ٿي ويا هيا. تمام دير سان ڪيس احساس ٿيڻ لڳو ته هاڻي هو ماچيس جي ٻرندڙ تيليءَ جو آخري ڇڙو ٿي پيو آهي جنهن تائين شعلو پهچڻ کان اڳ هرڪو تيلي اڇلائي ڇڏيندو آهي.

اوچتو آڱر گرم ٿيڻ جي احساس ڪان ڇرڪي هن تيلي اڇلائي ۽ ماضي جي خيالن ڪان ذهن آجو ڪري ٽڪيل احساس سان ٻاهر نڪري آيو. ٻاهر بينچ تي ويٺل گيٽ ڪيپر ڪيس سڏ ڪيو.

”اچ چانهه پيءُ“

وڏي اڇي هن جي پر ۾ ويهي رهيو.

پراڻو گيٽ ڪيپر جڻ ته سندس خاموش رازدار هو. اڪثر پنهنجي لاءِ چانهه گهرائيندو هيو ته اڌ هن کي به ڏيندو هو. هو اتي ويٺو چانهه پي رهيو هو ته ٻه ٽي نوجوان ڇوڪرا هنن جي پر مان گذريا. هڪڙي ڇوڪري هن ڏانهن اشارو ڪندي ٻين کي چيو.

”هو ويٺو اٿئي خارش ۾ ورتل ڪتو“ سڀني ڇوڪرن ٽهڪ ڏنو.

گيٽ ڪيپر هن ڏانهن ڏسندي پڇيو

”ڪاوڙ لڳندي اٿئي؟“

”نه... افسوس ٿيندو آ“

”ڇا جو افسوس؟ “

هن ٿڌو ساهه پريندي چيو.

” ان ڳالهه جو افسوس ته چاهڻ باوجود به مان انهن نوجوانن مان ڪنهن کي به پاڻ جهڙو نه ڪري سگهيو آهيان“

•••❊•••

آدم خور

هنن جي گهڻي زور ڀرڻ تي مون اڄوڪي دعوت ۾ شريڪ ٿيڻ جو واعدو ڪيو. اصل ۾ مان ان بهاني سان هڪ نئون تجربو ڪرڻ پيو چاهيان. اهڙو تجربو جنهن سان شايد منهنجو پراڻو مسئلو حل ٿي وڃي.

مون سان اهو مسئلو انهن ڏينهن ۾ شروع ٿيو جنهن ڏينهن ۾ مان پرائمري ٽيچر ڪان استعيفا ڏئي واپڊا ۾ لائين مين جي حيثيت سان نوڪري جوائن ڪئي.

مان استاد ٿيڻ بدران واپڊا ۾ لائن مين ٿيڻ ڇو پسند ڪيو؟ ان جو اندازو آساني سان اوهان لڳائي سگهو ٿا، يعني گهٽ پگهار آمدني محدود...

واپڊا ۾ منهنجا ڪجهه دوست مون کان اڳ نوڪرين ۾ هيا ۽ انهن جي پاڻ کان بهتر حالت ڏسي مان به واپڊا ۾ ملازمت لاءِ ڀڄ ڊڪ ڪئي ۽ خوشنصيبي سان مونکي نوڪري ملي به وئي.

نئين ماحول کي سمجهڻ ۾ مونکي ٿورو عرصو لڳو، ٻوڏ مان به اڳ ۾ موجود دوستن جهڙو ٿي ويس. اوهان کي اهو ٻڌائيندي مون کي ڪائي به هٻڪ ۽ شرمندگي نٿي ٿئي ته مان به ٻين وانگر ماڻهن کان پيسا وٺڻ لڳو هيس. اسان مختلف جڳهن کان ڊيوٽي ڏئي موٽي ملندا هياسين ته هڪ ٻئي سان حال احوال اورينڌا هياسين ته ڪنهن کان ڪيئن پيسا ڪڍياسين، اڄ گهڻي آمدني ٿي؟ اهي احوال ڏئي ٻوڏ گڏيل طور ماني هوٽل ۾ کائڻ جو پروگرام ٺاهيندا هياسين جنهن کي عام ٻولي ۾ دعوت چوندا هياسين.

اها دعوت جيئن ته رشوت جي پيسن مان ٿيندي هئي تنهن ڪري دل کولي خرچ ڪندا هياسين.

اهو سڀ ڪجهه مون کان اڳ به ائين ٿيندو هيو، مان به اتي اچي انهن سان گڏجي ويس ۽ انهن جهڙو ٿي پيس.

مون کي ياد آهي، اها منهنجي اهڙي ڪنهن دعوت ۾ پهرين شرڪت هئي.

هوٽل ۾ ماني ڪائڻ، دوستن سان ٺهڪ ڏيڻ، سچ ته ڏاڍو مزو آيو هيو. دعوت کان پوءِ جڏهن هوٽل کان نڪتا هياسين ته مون کي محسوس ٿيو هيو ڇڻ منهنجي هئوڙ ۾ گوشت جو ذرو ڦاسي پيو هجي.

زبان سان گهڻو ئي ان ذري کي ڪيڻ جي ڪوشش ڪيم پر ڪامياب نه ٿيس. گهر اچي برش ڪيم پر پوءِ به ائين محسوس ٿيندو رهيو ڇڻ گوشت جو ذرو اڃان ڦاٿل آهي. عجيب قسم جي بي چيني محسوس ڪندو رهيس، پر صبح جو محسوس ڪيم ته اهو ذرو نڪري چڪو هيو.

مان ان ڳالهه کي وساري چڪو هيس.

ٻن ڏينهن ڪانپوءِ جڏهن اسان پنهنجين ڊيوٽين وچ ۾ ماٺهن کان کنهن نه کنهن طريقي سان پيسا ڪدي گڏ ٿياسين ته وري دعوت جو پروگرام ٺهيو، هوٽل تان ماني ڪائي جڏهن ٻاهر نڪتاسين ته مونکي محسوس ٿيو ته وري منهنجي ڏندن جي وٿيءَ ۾ گوشت جو ڪو ذرو ڦاٿل آهي.

اها سڄي رات به مون پريشاني ۾ گذاري، ٻي ڏينهن تي اهو گوشت جو ذرو ڇڻ وري نڪري چڪو هيو.

۽ پوءِ اهو معمول بڻجي ويو مان جڏهن به اهڙي دعوت ۾ ماني ڪائي اٿندو هيس منهنجي ڏندن ۾ گوشت جو ٽڪرو ڦاٿل هوندو هيو يا محسوس ٿيندو هيو. تنگ ٿي مون ڏندن جي ڊاڪٽر سان ملڻ جو سوچيو ۽ هڪ ڏينهن ڊاڪٽر وٽ اچي ڪيس سڄو احوال ٻڌايم. هن منهنجي ڏندن جي چيڪ اپ تمام غور سان ڪئي ۽ آخر ۾ ڪنڌ ڌوڻيندي چيو.

”توهان جي ڏندن جي وچ ۾ اهڙي ڪائي وٿي آهي ئي ڪو نه جو هر ڀيري گوشت جو ٽڪرو اتي ئي ڦاسي پوي“

ٻي ڏينهن دعوت ۾ مون سان ساڳيو ئي مسئلو پيش آيو ته مان ان ئي وقت ڊاڪٽر وٽ پهتس.

ان معائنو ڪيو ۽ وري چيائين.

”نه صاحب... ڏندن ۾ ڪٿي به گوشت جو ڪو ذرو ڦاٿل ناهي“

مونکي ان ڊاڪٽر تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي، مون وري ان ئي وقت ٻي ڊاڪٽر کان به معائنو ڪرايو، هن به ساڳي ڳالهه ڪئي.

”سائين توهان جي ڏندن ۾ ڪو به گوشت جو ذرو ڦاٿل نه آهي... پر احتياط طور ڪجهه عرصو گوشت نه کائو“

دل ۾ سوچيم ڏاڍو ڏکيو آهي جو اهڙي دعوت هجي سڀ دل کولي گوشت کائن ۽ مان ويٺو انهن کي ڏسان. پوءِ ائين ٿيو ته ٻه ، ٽي دعوتن ۾ مان ڪو نه ويس. دوست ڏاڍا ناراض ٿيا. ڪنجوس هجڻ جا طعنا ڏيڻ لڳا.

نيٺ هڪ ڏينهن انهن جي گهڻي زور ڀرڻ تي دعوت ۾ شريڪ ٿيڻ جو واعدو ڪيم.

دعوت ۾ مون دل تي پٿر رکي گوشت کان پرهيز ڪئي. دوستن گهڻو ئي چيو ته ڪجهه گوشت به کاءُ. ٻه چار ”پيرا“ گوشت جا ٽڪرا کڻي، وري واپس رکيم... دعوت کائي هوٽل کان نڪري آياسين.

مون کي وري محسوس ٿيو ته گوشت جو ڪو ذرو منهنجن ڏندن ۾ ڦاٿل آهي.

توڙي جو ان ڏينهن مون صرف سبزي کاڌي هئي!.

•••❊•••

هو منڊيلا ناهي

دونهين ۾ پوسٽ جي باوجود اهي سڀ هوٽل جي ڪرسين تي ائين ڄميا ويٺا هيا ڄڻ خدا انهن کي زمين تي موڪليوئي ان ڪري هيو تہ جئين هو پوري توجهہ سان صرف ۽ صرف فلمون وغيره ڏسن. هڪ طرف تہ ويٺل ماڻهن مان گهٽ جون اکيون دونهين جي ڪري سڙي رهيون هيون تہ ٻي طرف ٽي وي تي هلندڙ نظارن کي ڏسي سندن اکيون ٺري بہ رهيون هيون.

انهن ويٺلن مان صرف ڪجهہ ئي ماڻهو اهڙا هيا جيڪي اتي صرف چانهہ پيئڻ آيا هيا ۽ ڪالو بہ انهن مان هڪ هيو. سنهڙو، ڊگهو قد، گهنڊيدار وار، رنگ ڪارو.. ان ڪاري رنگت جي ڪري ئي سندس نالو ڪالو مشهور ٿيو هيو. سندس غير موجودگيءَ ۾ ڪيس ڪالو ٽانگي وارو چئي بہ ياد ڪيو ويندو هيو. ڪجهہ سمجهہ پريو ٿيو تہ جڏهن ڪيس ڪو ”ڪارا“ يا ”ڪارو“ چئي سڏيندو هيو تہ هو وڏي واڪي ڪيس چوندو هيو.

”ها ها... آءٌ ڪارو تنهنجي.... سان آءٌ ڪارو تنهنجي ....سان“

ماڻهو بہ چڙ ڪائڻ بدران کلي پوندا هيا.

جڏهن جوان ٿيو ۽ ”ڪارو“ چوڻ تي چڙ برقرار رهيس تہ ماڻهن وري ڪيس ”ڪالي خان“ چوڻ شروع ڪيو ۽ ڪافي سال ڪالي خان رهيو وري اهو ڪالي خان بہ مختصر ٿي ” ڪالو“ بڻجي ويو ۽ هن بہ ماڻهن سان چڙڻ ڇڏي ڄڻ سمجهوتو ڪري ڇڏيو.

ٽانگو هلائيندڙ ڪالو بہ ان هوٽل تي چانهہ پيئڻ وارن ۾ شامل هيو.

چانهہ جي انتظار ۾ ويٺل ڪالو جون نظرون بہ ٽي وي تي هلندڙ پروگرام ۾ ڪتل هيون.

ڪالو، هوٽل مالڪ جي ڪائونٽر پرسان ويٺو هيو ۽ پڙهيل لکيل اهو هوٽل جو مالڪ خبرون ڏسڻ جو بہ شوقين هيو.

اوچتو ئي خبرن جو خيال ايندي ئي هوٽل جي مالڪ رموٽ کڻي ٽي وي تي خبرن جو چينل هلائي ڇڏيون.

ويٽل سڀ ماڻهو سندس عادت ۽ شوق مان واقف هيا ان ڪري منهن نہ خراب ڪيائون پر ڪجھ چئي نہ سگهيا.

خبرن واري چينل تي ڪنهن ڪاري رنگ، گهنڊيدار وارن واري غيرملڪي جي تصوير ڏيکاري ڪا خبر ٻڌائي پئي وئي.

هوٽل جي مالڪ ٽي وي تي جيئن ئي ان ڪاري رنگ واري غير ملڪي جي تصوير ڏٺي، فورن جذباتي انداز ۾ سلوٽ ڪري زور سان چوڻ لڳو.

”سلام آ منڊيلا تنهنجي همٿ کي واهہ... واهہ...“

جيسيتائين خبر ۾ منڊيلا جي تصوير ۽ سندس خبر هلندي رهي تيسيتائين هوٽل جو مالڪ ٻڌندو گهٽ رهيو، جذباتي انداز ۾ هوريان هوريان ڪجھ چوندو رهيو.

خبرون ختم ٿيون تہ مالڪ رموٽ سان چينل مٽائي ڇڏيو ڪالو ڪي بيري چانهہ آڻي ڏني.

ڪالو حيران هيو تہ آخر هن ڪاري رنگ واري ماڻهو ۾ اهڙي ڪهڙي خوبي هئي جو مالڪ کيس سلوٽ، سلام ڪندو رهيو؟

هو رهي نہ سگهيو تہ هوٽل مالڪ کان پڇيائين.

”آخر ان ڪاري رنگ جي همراهہ ۾ اهڙي ڪهڙي ڳالهہ آهي جو توهان کيس سلوٽ ڪيو؟“

اڪثر ماڻهو، پهريان تہ پاڻ ڪجھ ٻڌڻ لاءِ پريشان هوندا آهن، جڏهن ٻڌي ٻڌي ڪن پرجي ويندا اٿن تہ وري ٻين کي ٻڌائڻ لاءِ پريشان هوندا آهن، هوٽل مالڪ بہ شايد ڳالهائڻ، ٻڌائڻ لاءِ پريشان هيو جو فورن چوڻ لڳو.

”ڪالو... هي آفريڪا جو هڪ بهادر اڳواڻ اٿئي... نيلسن منڊيلا... پنهنجي قوم جو سچو ۽ بهادر اڳواڻ، هن پنهنجي بهادري سان دنيا تي ثابت ڪيو تہ ڪاري رنگ جي ماڻهن کي بہ جيئڻ جو اوترو ئي حق آهي جيترو اڇي رنگ جي ماڻهن کي....“

ڪافي دير تائين هو ڳالهائيندو رهيو ۽ ڪالو حيرت مان ٻڌندو رهيو.

ڪالو کي حيرت ٿي رهي هئي تہ ڪاري رنگ جو ڪو اهڙو انسان بہ آهي جنهن سان پنهنجي ملڪ کان ٻاهر بہ ماڻهو محبت ڪن ٿا.

”ڪاري رنگ جي ماڻهو سان محبت“ وارو خيال ايندي ئي هن هڪ لمحي لاءِ ڇرڪي، هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو ڄڻ ڪيس خوف هجي ته هن ڪائي غلط ڳالهه سوچي آهي هڪ ٻيو خيال تيزيءَ سان سندس ذهن ۾ آيو.

”ڇا مون سان به ڪو محبت ڪري سگهي ٿو؟“

هن هڪ ڊگهو ساهه کنيو.

زندگيءَ ۾ هن وقت تائين هو پاڻ ته گهٽ ئي انسانن سان محبت محسوس ڪندو رهيو خاص طور ڪجهه عورتن سان، پر ڪيس ڪڏهن به محبت جي جواب ۾ محبت ڪا نه ملي هئي.

ڪافي عرصي تائين هو، هن سان ، هن سان محبت محسوس ڪندو رهيو بلڪه محبت ٻئي کي محسوس به ڪرائيندو رهيو پر ڪٿان به ڪو جواب نه ملڻ ڪري هو سمجهي ويو ته ڪاري رنگ جي انسان کي محبت ڪرڻ جو ڪو به حق ڪونهي.

ڪنهن فلم، ڊرامي يا ڪهاڻي جي ڪنهن ننڍڙڪي ڪردار وانگر هو واقعي به ننڍڙڪو هيو. ننڍپڻ ۾ ئي پيءُ جي مرڻ کان پوءِ سندس ماءَ ڪيس نانيءَ جي حوالي ڪري ٻي شادي ڪئي ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ سندس ماءَ ۽ ناني به گذاري ويون ته هو لاوارث ٻڌجي ويو.

هن جهڙي ئي هڪ اڪيلي. ننڍڙڪي شخص دلاور ٽانگي واري ڪيس پاڻ سان گڏ رکيو ۽ ڪافي سال بعد دلاور مري ويو ته سندس ملڪيت ۾ ڇڏيل ٽانگو، گهوڙو ڪالو جي حوالي ٿيا ۽ هو هڪ آزاد خودمختيار انسان طور زندگي گذارڻ لڳو صرف ڪجهه سال تائين هو پنهنجي شاديءَ متعلق سوچيندو ۽ پاڻ مرادو ڪوشش ڪندو رهيو پر ڪاري رنگ سان گڏ غربت واري بدصورتي جي ڪري به ڪيس ڪو رشتو ڏيڻ لاءِ تيار نه هو. نيٺ هن اهو خيال به دل مان ڪڍي ڇڏيو.

اوچتو هو خيالن جي وهڪري مان نڪري آيو.

ڇرڪ ڀري هوٽل جي وال ڪلاڪ ڏانهن نهاريائين ته وات مان رڙ نڪرندي نڪرندي رهجي ويس.

اسڪول مان موڪل جو ٽائيم ٿي چڪو هيو. بلڪ هو معمول کان ليٽ هو. تڪڙ ۾ اٿي چانهه جا پيسا ڏئي ٻاهر نڪتو هڪ ديوار جي ڇانوَ ۾ بيهاريل ٽانگي تي ويهي هڪ طرف هلڻ لڳو.

”ڪٿي بي بي نڪري نه وئي هجي“ هن پنهنجي منهن ڳالهايو.

هو هر پردي دار عورت کي ”بي بي“ چئي مخاطب ڪندو هيو ۽ هن وقت جنهن ”بي بي“ کي ياد پئي ڪيائين اها هڪ اسڪول ماسترياڻي هئي جنهن کي هر روز صبح جو گهر کان اسڪول ۽ موڪل وقت اسڪول کان گهر ڇڏيندو هيو. جنهن جي عيوض بي بي کان ڪڏهن ڪڏهن خرچي، صبح جي چانهه کان سواءِ هر مهيني باقاعده هڪ مخصوص رقم پڻ ملندي هئيس.

اڄ به عادت موجب اسڪول جي موڪل کان اڳ هوٽل تي چانهه پيئڻ ويٺو ته خبرن ۾ غير ملڪي ڪاري رنگ واري ليڊر جي خبر کان پوءِ پنهنجن خيالن ۾ رهي ڪيس ڍاڍي دير ٿي چڪي هئي.

”ٿي وي نياڳي شئي ئي اهڙي آهي ڏسڻ ويهو ته باقي سڀ ڪم وسريو وڃن“

هن بيهر پنهنجي منهن ڳالهايو.

اسڪول جي گيٽ تي پهتو ته صرف چوڪيدار ئي ڪيس ٻاهر بيٺل نظر آيو.

”بي بي هلي وئي ڇا؟“

ڪالو بي صبريءَ مان چوڪيدار کان زور سان پڇيو. چوڪيدار جي جواب ڏيڻ کان اڳ گيٽ جي ننڍي در مان بيبي ٻاهر نڪتي ۽ بغير ڪجهه چوڻ جي ٽانگي جي پوئين حصي ۾ ويهي رهي.

بيبي هڪ وڏي چادر سان پاڻ کي ڍڪي رکيو هيو.

”چو ڪالو اڄ دير ڪيئي؟“

بي بي کان ڪيس انهيءَ سوال جي اُميد هئي.

هو تڪڙي تڪڙي چوڻ لڳو.

”بس بي بي... چانهه پيئڻ وينس ته....“

”چانھ پيئڻ ۾ ايڏي دير؟“.

بي بي مرڪي پڇيو هيو.

ڪالو بغير پوئتي ڏسڻ جي بہ سندس مرڪ کي محسوس ڪيو هيو.

”بي بي... چانھ پئندي... هوٽل جي ٽي وي تي هڪ غير ملڪي ڪاري رنگ واري ليڊر جي خبر هلي تہ... “

بي بي سندس ڳالھ وچ ۾ ڇيو.

”ها... ھو نيلسن منڊيلا... “

”اوهان بہ ڪيس سڃاڻو؟؟“

ڪالو حيرت مان پڇيو.

”ها... هو احترام ۽ محبت لائق شخص آهي“

ڪالو حيرت مان فورن ڇئي ويٺو.

”ڪاري رنگ هجڻ جي باوجود؟؟“

”ها.. ڪاري رنگ جو هجڻ سان ڇا ٿو ٿئي؟... هو پڻ ڪاري رنگ جي ماڻهن جي حقن لاءِ ئي تہ وڙهي پيو... “

بي بي جي لهجي ۾ ڄڻ هن لاءِ احترام ۽ محبت هئي.

ڪالو چپ ٿي ويو. سندس ذهن ۾ بي بي جو جملو گوجندو رهيو.

”ڪاري رنگ جو هجڻ سان ڇا ٿو ٿيئي “

”ڪاري رنگ جو هجڻ سان ڇا ٿو ٿيئي “

گهوڙو پاڻمرادو گهر پهچڻ تي بيهجي ويو هيو پر ڪالو خيالن ۾ گم رهيو.

”ڇو ڪالو ڇا ٿيو؟“ بي بي لهڻ لاءِ تيار هئي پر لٿي نہ.

ڪالو ڇرڪ ڀريو بي خيالي ۾ ڇوڻ لڳو.

”بي بي ... هتي ماڻهو ڪاري رنگ جي انسانن سان محبت ڇو نٿا ڪن؟“

چوڻ ڪان پوءِ شايد ڪالو پنهنجي دل ۾ ڪائي شرمندگي محسوس ڪئي ۽ ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو.

بي بي، ايتري عرصي ۾ پهريون ڀيرو ڪالو جو لهجو ٽِتل محسوس ڪيو.

پهريان ته حيران ٿي وري ساڳئي مهربان مرڪ سان چيائين.

”ته ڪالو.. اها صرف تنهنجي سوچ آهي... هر انسان ۽ هر جاءِ هر رنگ جو انسان محبت ۽ احترام لائق آهي.“

ڪالو ڪو به جواب نه ڏنو.

بي بي ٽانگي ڪان لٿي ته هو به ٽانگو واپس ڦيرائي موٽيو.

هڪ اسپتال جي پرسان هو هرروز بيهندو هيو اتي ڪيس اڪثر سواري لڳندي هئي/ملندي هئي..

اتي بيٺي به هو بي بي متعلق سوچيندو رهيو.

بي بي جي باري ۾ هن کي ايتري عرصي ۾ اها ئي خبر پئي هئي ته هوءَ پنهنجي ماءُ سان گڏ رهي ٿي هن پاڻ شادي ڪانه ڪئي هئي پر پاڻ کان ننڍين ٽن ڀينرن جون شاديون ڪرايون هيائين ۽ آخري ڀيڻ جي شادي ته ڪالو کي به ياد هئي پر ان کان پوءِ بي بي پاڻ شادي نه ڪئي.

ڇو؟ اهو سوال اڪثر ڪالو جي ذهن ۾ ايرندو هيو پر ڪيس جواب جو ڪو به اندازو نه هيو ۽ اڄ ته هو ان سوال تي الائي ته ڇو پاڻ به بار بار سوچي رهيو هيو.

اڄ ڪيس ائين لڳي رهيو هيو ڄڻ بي بي جي ڇهري جو رنگ اڇو هجڻ باوجود هوءَ به سندس وانگرئي ننڌڪي آهي... لاوارث آهي.

ان رات جڏهن ڪالو گهر آيو ته ڪيس لڳو ته هو اڄ پيسه ڪمائي ڪيسي ۾ ڪٽي ڪو نه آيو آهي. بلڪ ڄڻ بي بي جون ڳالهيون ڪمائي ذهن ۾ ڪٽي گهر آيو هجي..

هر هر ڪيس ياد پئي آيا.

”ڪاري رنگ جو هجڻ سان ڇا ٿو ٿيئي...“

”هر رنگ ... هر ملڪ جو انسان محبت ۽ احترام لائق آهي...“

” بي بي شادي ڇو نہ ڪئي؟؟“

بي بي... لاوارث... ننڍڙڪي...“

”بي بي..... بي بي...“

”ڪاري رنگ جو ليڊر... جرئت مند...“

ڪافي دير تائين اهي سيئي ڳالهيون سندس ذهن ۾ ولوڙجنديون رهيون تہ هڪ نئون سوال هڪ نئون خيال سندس ذهن ۾ اُڀريو.

”مان بہ ڪاري رنگ جو آهيان... تہ ڇا ان سان ڪوبہ فرق نٿو پوَي؟“

”يا بي بي مون کي ائين نٿي سمجهي جيئن ٻيا سمجهن ٿا؟“

صبح ٿيندي ئي هو ان سوچ تي بيهي رهيو.

”مون کي بہ همت ڪان ڪم وٺڻ گهرجي... مون کي بي بي کان صاف صاف پڇڻ گهرجي تہ ڇا منهنجي ڪاري رنگ جي هجڻ سان هن تي ڪو فرق نٿو پوَي؟؟

”جرئت.... جرئت...“

صبح جو اسڪول ٽائيم تي بي بي کي وٺڻ آيو تہ الاءِ ڇو هو بي بي سان اکيون ملائڻ بنا ڪنڌ جهڪايون رهيو... سندس رويو صاف تبديل محسوس ٿي رهيو هيو.

هن جي ذهن ۾ بار بار ڪو چئي رهيو هيو.

”جرئت ... جرئت....“

”ڪاري رنگ جو هجڻ سان ڇا ٿو ٿئي“

اسڪول جيئن جيئن ويجهو ٿيندو ويو تيئن هُن جي اندر ۾ شور وڌي رهيو هيو.

”جرئت... جرئت...“

اسڪول پهچي ويو هيو.

هن جا چپ ڏڪي رهيا هيا..

هن چور نظرن سان ڏٺو، بي بي لهڻ جي تياري ڪري رهي هئي ... پر لٿي ڪانه.

”ڇا ڳالهه آهي ڪالو.. ڪجهه چوڻ ٿو چاهين؟“

هن بي بي جو آواز ٻڌو.

اهو ئي پرسڪون... مهربان آواز.

”جرئت... جرئت“

آخر هن سموري سگهه گڏ ڪري چيو.

”بي بي ڪنهن اڻ پڙهيل مرد ۽ پڙهيل عورت جي شادي ٿي سگهي ٿي؟“

”ها“

”اوهان ڪنهن اڇي رنگ جي عورت کي ڪاري رنگ جي مرد سان شادي ڪندي ڏٺو؟“

”ها...ها“

”ته.... ڇا... اوهان مون سان شادي ڪري ....“

هن جو جملو اڌ ۾ رهجي ويو.

گهوڙو ڏڪيو هيو يا بي بي؟

بس ڪالو هڪ لمحي لاءِ محسوس ڪيو ته سمورو ٽانگو لڏي ويو هيو.

بي بي صرف هڪ لمحي لاءِ هن ڏانهن ڪاوڙ مان ڏٺو وري ڪجهه ڳالهائڻ بنا ٽانگي مان لهي اسڪول جي گيٽ مان غائب ٿي وئي...

اُن هڪ لمحي ۾ ئي ڪالو ڄاڻي ورتو ته هو منديلا ناهي. جنهن سان ڪو محبت ڪري، پر هو ته اُهو ڪارو سرمو آهي، جنهن کي هڪ حد تائين ته برداشت ڪري سگهجي ٿو، پر حد کان وڌندي ئي هرڪو ڏاهڻ/متائڻ لڳندو آهي.

•••❋•••

ديوي جو هٽ

ٽوئر جو سمورو پروگرام طئي ٿي چڪو هيو. ڦڏو صرف ان ڳالهه تي ٿي پيو ته آفتاب کي وٺي هلجي يا نه؟

گهڻا ئي دوست مخالفت ڪري رهيا هئا ته آفتاب کي نه وٺي هلجي هنن جو چوڻ هو ته آفتاب جو دماغي توازن درست نه آهي، هو ڪٿي به، ڪڏهن به ڪائي به عجيب حرڪت ڪري سگهي ٿو. خاص طور تي ڇو، ٿي ڏينهن اڳ پيش آيل واقعو ته ڪنهن ڪان به ڪو نه وسريو هيو.

ٿيو ائين هيو جو هو ڪجهه دوست ڪاليج ڪان واپسيءَ تي ڪنهن پرائيويٽ بس ۾ اچي رهيا هيا.

بس ۾ سوار هڪ اڌڙوٽ عمر جي ماڻهوءَ بس جي ڪنڊيڪٽر کي اڌ ڪرايو ڏيندي چيو.

”مان تعليمِ بالغان، اسڪول ۾ پڙهندو آهيان... مون ڪان اڌ ڪرايو وٺ“

ڪنڊيڪٽر وڏو ٺهڪ ڏنو. ڪجهه ٻيا ماڻهو به ٿورو مرڪيا پر پاڻ کي شاگرد سڏائيندڙ جي منهن تي ساڳي سنجيدگي هئي.

”ڪاڪا... هن عمر ۾ به تون اجان شاگرد آهين؟“

ڪنڊيڪٽر جي لهجي ۾ ٽوڪ هئي هن وري سخت لهجي ۾ هن ڪان پورو ڪرايو گهريو. شاگرد سڏائيندڙ همراهه هڪ ڪارڊ ڏيکاريو پر ڪنڊيڪٽر هن تي وري ڪلڻ لڳو اتي پرسان ويٺل آفتاب ڪنڊيڪٽر کي ٿڦ هڻندي ڪاوڙ ۾ رڙ ڪري چيو.

”علم حاصل لاءِ عمر جي ڪائي به حد نه هوندي آهي“

ڪنڊيڪٽر ڦيرو ڪائي ڪري پيو. سيٽ جو لوهي حصو هن جي مٿي ۾ لڳو جنهن جي ڪري هن جي مٿي مان رت وهڻ لڳو. ڳالهه وڌي وئي، چڱو خاصو جهڳڙو ٿي پيو.

هو سڀ وڏي مشڪل سان اتان پڇي نڪتا، پوءِ سيِن آفتاب کي قصوروار ڄاڻائيندي چنڊ پٽي. پر آفتاب پنهنجو قصور مڃڻ کان صاف انڪار ڪندي چيو هو:

”سچو ڏوهه ان جاهل ڪنڊيڪٽر جو آهي.. جيڪو هڪ وڏي عمر جي شاگرد سان بدتميزي ڪري رهيو هيو..“

سيِن کيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته پرائي ڦڏي ۾ نه پئبو آهي پر آفتاب جو چوڻ هيو ته اهو ڦڏو پرايو نه پر اسان سڀن جو هيو جنهن تي هر هڪ کي ڳالهائڻ کپي ها...

هاڻ اهو واقعو مثال بڻائي دوست کيس ٽوئر تي وٺي وڃڻ کان انڪار ڪري رهيا هئا. جڏهن ته ڪجهه دوستن جو چوڻ هيو ته آفتاب هڪ سچو ۽ کرو ماڻهو آهي...

خاص طور دوستن سان هو پرخلوص رهندو آهي... پنهنجي مٿان رکيل ڪنهن به ذميواري کي ته نڀائيندو آهي پر ٻين جون ذميواريون به پاڻ نڀائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

اٿين مخالفت ۽ حمايت واري ڊگهي بحث ڪانپوءِ طئي ڪيو ويو ته آفتاب کي ٽوئر تي وٺي هلبو. پر کيس اٿين ضرور چيو ويندو ته هو ڪنهن به قسم جي ڪائي گڙٻڙ نه ڪندو.

آفتاب کي ٽوئر جو ٻڌايو ويو. هو ان وقت به عادت موجب ڪو ڪتاب پڙهي رهيو هيو. هن چوڻ بنا ڪنڌ ڌوڻي هلڻ لاءِ راضپو ظاهر ڪيو.

هڪ دوست جي ڪار تي ڪائڻ پيئڻ جو سامان رکي هو شهر کان نڪري آيا. هنن جو پروگرام ڪنهن ڳوٺ جي پير پاسي ۾ ڪجهه گهڙيون سڪون سان گذارڻ جو هيو.

هنن مان هر ڪنهن وٽ وندر لاءِ ڪا ئي نه ڪا ئي شئي هئي ڪنهن وٽ ننڍڙو گٽار هيو. هڪڙي وٽ بانسري هئي ٻن دوستن ننڍڙا ٽيپ رڪارڊر کنيا هيا ۽ آفتاب وٽ ٻه، ٽي ڪتاب هيا جنهن تي ٿوري دير لاءِ سڀ دوست مٿس کليا به هيا.

شهر کان ٻاهر، هڪ ڳوٺ کان ٿورو پري ڪچي رستي تي گاڏي بيهاري هو سڀ هيٺ لٿا. پير ۾ وهندڙ واهه (نيهن) سان گڏ ڊگها ساوا وڻ، ٿڌڙي هوا ۽ پري پري تائين نظر ايندڙ ساوڪ هنن کي مجبور ڪيو ته هو هتي ئي پڪنڪ ملهائن. گاڏيءَ مان سامان ڪڍندي، ڪلندي ٻوڳ ڪندي هو ڏاڍا خوش پئي نظر آيا. جڏهن ته آفتاب هڪ ڪتاب ڪڍي واهه جي ڪناري هلندي هنن کان ٿورو اڳتي هڪ وڻ هيٺان ويهي ڪتاب پڙهڻ لڳو. اهو ڪتاب يونان جي خوبصورت ديوي وينس بابت هو. جنهن کي هو ٻيهر شوق مان پڙهي رهيو هو. ڪڏهن ڪڏهن ڪتاب کان نظرون هٽائي هو وهندڙ پاڻي ڏانهن ته ڪڏهن پري کان نظر ايندڙ ڳوٺ ڏسي وري ڪتاب پڙهڻ لڳندو هيو ائين ڪافي وقت گذري ويو.

هڪ ڀيري هن ڪتاب کان نظرون هٽايون، اوچتو سندس نظر واهه جي پاڻي ۾ ترندڙ ڪنهن شئي تي پئي. هن چتائي ڏٺو ۽ ڇرڪي پيو.

اهو هڪ هٿ هيو. ڪتاب سندس هٿن مان ڇڏائجي ويو هن پنهنجي دوستن ڏانهن ڏٺو، اهي سڀ کلڻ ڳالهائڻ ۾ مگن هيا. هن وري پاڻي ۾ ترندڙ هٿ ڏانهن ڏٺو اهو هٿ ڪناري جي ويجهو اچي چڪو هيو ۽ هن ڏٺو ته اهو هٿ ڪنهن عورت جو هيو..

هو اٿيو، واهه جي ڪناري واري هڪ ٻوٽي ۾ هٿ وڃهي، جهڪي هن ان هٿ کي پڪري پاڻ ڏانهن ڇڪيو. وڍيل هٿ کي ڪناري تي دهشت ۾ اڇلائي هن کي چتائي ڏسڻ لڳو.. پوءِ هوريان هوريان اڳتي وڌي هن ان هٿ کي کنيو. ٻي لمحي خوف هن جي ذهن مان نڪري چڪو هو. هو ڪنهن عورت جي هٿ جي خوبصورت بناوٽ، اڇي اجري رنگ کي عجب مان ڏسڻ لڳو، توڙي جو جسم مان جدا ٿيل هٿ، رت نڪري وڃڻ جي ڪري ڪنهن پترجيان ڏيک ڏئي رهيو هيو.

”ايڏو خوبصورت هٿ؟“ هن جڻ پاڻ سان ڳالهايو.

اهو هٿ کڻي هو دوستن وٽ آيو، ڪنهن عورت جو وڍيل هٿ هُن جي هٿ ۾ ڏسي هن جي دوستن کان رڙ نڪري وئي.

”ڊڄو نہ..“ هن دوستن کي تسلي ڏني.

”ڊڄو نہ پر خوش ٿيو.. اسان کي انتهائي قيمتي ۽ تاريخي شئي هٿ اچي وئي آهي“

دوست آفتاب کي حيرت مان ڏسڻ لڳا.

”يونان جي انتهائي خوبصورت دَيوِي وينس جا هي هٿ آهن.. جنهن کي پاڻ مصور ڪپي ڇڏيو هيو“

آفتاب جي هن جملي تي هنن هڪ ٻئي ڏانهن ڏٺو وري آفتاب ڏانهن ائين ڏسڻ لڳا ڄڻ هو پاگل ٿي ويو هجي.

”توهان هن هٿ کي سنڀاليو مان ڏسان ٿو متان ديوي جو ٻيو هٿ بہ ملي وڃي“ آفتاب عورت جو وڍيل هٿ هنن ڏانهن وڌايو تہ هو ڇرڪي پوئتي هٽيا.

”اڙي بي وقوف..“ راهب هن کان عورت جو وڍيل هٿ کسندي چيو.

”بي وقوف هي يونان جي دَيوِي جي وڍيل ٻانهن نہ پر سنڌ جي ڪاري ڪري ماريل ڪنهن عورت جو هٿ آهي.. هن کي اڇلاءِ نہ تہ ڪنهن مصيبت ۾ پئجي ويندين“

راهب اُهو وڍيل هٿ پري اڇلايو.

دوستن ڪيس زبردستي ڪار ۾ ويهاريو ۽ تڪڙ تڪڙ ۾ اتان نڪري آيا. آفتاب ڪار ۾ بہ رڙيون ڪندو رهيو.

”دَيوِي جو هٿ... دَيوِي جو هٿ“

•••☼•••

زندگيءَ سان پهريون رشتو

پنهنجي شهر جي ٻاهرين علائقي جي هڪ طرف ٿهيل روڊ، ان جي هڪ طرف ٻنيون ٻارا، سرسبز وڻ ۽ ان روڊ جي ٻي پاسي کان ڪچو پڪو ٺهيل هي ”چاپڙا هوٽل“ ۽ هن هوٽل جي چانهه...

مون کي هي سڀ ڪجهه ڏاڍو وڻندا آهن.

ان ڪري ئي تقريبن هر روز پنهنجي دوست منيب سان گڏ موٽرسائيڪل تي هيڏانهن نڪري ايندو آهيان.

وڏي عرصي کان اسان جو اهو معمول هيو.

پر اڄ ته هڪ وڏي عرصي ڪانپوءِ هن طرف آيا هياسين شايد ان ڪري به منيب خوش ۽ پرجوش ڏسڻ ۾ آيو، جڏهن ته مان اڄ خاموش هيس.

هوٽل تي ويهي چانهه پيئڻ تائين به جڏهن مان چپ ويٺو رهيس ته منيب نيٺ پڇي ورتو.

”ڇا ڳالهه آهي تون اڄ خاموش آهين؟“

مون کي هن کان انهيءَ سوال جي اميد هئي.

هيڪر خيال آيو ته ڪائي ٻي ڳالهه ڪري ڪيس ٽاري ڇڏيان.

پر مونکي خبر هئي ته هو منهنجي ڪنهن به ڪوڙ يا دلاسي واري ڳالهه تي يقين نه ڪندو.

هو منهنجي ننڍپڻ جو دوست آهي ۽ اسان ٻئي هڪ ٻئي جي عادتن ۽ طبيعتن کان چڱيءَ طرح واقف آهيون ۽ هڪ ٻئي جي ڪوڙ، سچ کي جلد ئي سمجهي ويندا آهيون.

جواب ڏيڻ ۾ دير ڪيم ته هن پنهنجو سوال وري ورجايو.

چاهيم ته ڪائي خوامخواهه جي مرڪ چپن تي ڪنهن اوچتو آيل مهمان جيان اوچتو ظاهر ٿي ته ان مرڪ سان سندس سوال کي ٽاري ڇڏيان پر منهنجو چهرو بنا ڪنهن تاثر جي رهيو.

مون ڏانهن غور سان ڏسي وري چيائين.

”اسان هن ڪرونا جي وبا ۾ لاڪ ڊائون جي ڏکي اذيت ڀرين ڏهاڙن کان پوءِ مليا آهيون ۽ هتي آيا آهيون.... هي جڳهه... هتان جو ماحول... هن هوٽل جي چانهه... هي سڀ ڪجهه تہ توکي ڏاڍو وڻندو آهي... ايترن ڏينهن کان پوءِ اچڻ جي ڪري توکي تہ وڏيڪ خوش ٿيڻ کپي ها... توکي تہ ان ڪري بہ خوش هجڻ کپي تہ تون وبا کان بچي وئين “

مون ڪنڌ جهڪائي هوريان چيو.

”آءُ زندهہ ڪٿي بچيس جو خوش ٿيان“

هن حيرت مان مون ڏانهن ڏٺو ۽ چيائين.

”تنهنجو مطلب آهي تہ تون ڪورونا جي ڪري مري چڪو آهين؟؟“

”ها... پر مون کي ڪرونا ڪو نہ ماريو. آءُ تہ پنهنجي يقين، پنهنجي محبت جي هٿان ماريو ويو آهيان.. “

منهنجي ڳالهہ ٻڌي حيرت مان مون ڏانهن ڏسي وري پاڻي جو گلاس پيئندي مون ڏانهن ڏسڻ لڳو ۽ آءُ ان وچ ۾ ڪيس سچي ڳالهہ ٻڌائڻ لاءِ خودڪشي ڪندڙ ڪنهن انسان جيان پاڻ ۾ همت ۽ حوصلو پيدا ڪندو رهيس.

مون کي خبر هئي تہ هو پوري ڳالهہ ٻڌڻ کان بغير ڪو نہ اُٿندو.

هن هڪ ڏکو ساهہ کڻندي چيو.

”جنهن کي اسان ”يقين“ چوندا آهيون اصل ۾ اهو اسان جي محبت ۽ تجربي جو ٻيو نالو آهي“

جيڪڏهن اهو ”يقين“ اسان کي ڪٿي ڌوکو ڏيئي تہ سمجهڻ گهرجي تہ اسان جي تجربي ۽ محبت ۾ ڪائي ڪمي... ڪائي کوٽ آهي.. “

ڪو ٻيو موقعو هجي ها تہ آءُ سندس ڳالهہ کي تسليم ڪريان ها پر ان وقت الاءِ ڇو مون کي غصو اچي ويو ۽ مون تيز لهجي ۾ چيو.

”پنهنجي اولاد جي باري ۾ اسان جي تجربي ۽ محبت ۾ ڪهڙي کوٽ ڪهڙي ڪمي ٿي سگهي ٿي“

هو ڪافي دير تائين خاموش رهي مون ڏانهن ڏسندو رهيو. وري نرم لهجي ۾ چيائين.

”هاڻي اصل ڳالهه ٻڌاءِ..“

آءُ به هوريان هوريان ڳالهائڻ لڳس.

”هي انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي جڏهن اسان جي ملڪ ۾ به ڪورونا جا ڪيس ظاهر ٿيڻ شروع ٿيا هيا... ميڊيا کان وٺي هر انسان جي زبان تي بس ڪورونا جوئي ذڪر هيو.

ميڊيا جي ٻڌايل شروعاتي ڪورونا جي علامتن مان زڪام ۽ بخار جو ذڪر گهڻو هيو.

انهن ڏينهن ۾ موسم به ڪڏهن سرد ته ڪڏهن گرم پئي محسوس ٿي. ان ڪري به زڪام ۽ بخار ۾ ورتل هر ماڻهوءَ تي ڪورونا جي مريض هجڻ جو شڪ پيو ٿيئي.. ٻاهرين ملڪن کان آيل دوستن عزيزن سان ملڻ کان به ماڻهو لنوائي رهيا هيا.

انهن ڏينهن ۾ آءُ پنهنجي ننڍي پٽ سان گڏ ڪيڏانهن وڃي رهيو هيس ته رستي ۾ هڪ اهڙو مائٽ مليو جيڪو ڪافي عرصي کان ڪنهن ٻي ملڪ ۾ رهندڙ هيو ۽ هاڻي تازوئي اتان واپس آيو هيو.

اسان ٻنهي هڪ ٻئي کي وڏي عرصي کان پوءِ ڏٺو هيو. وڏي جوش ۽ محبت سان هڪ ٻئي سان ملياسين ۽ ويٺي، ويٺي حال احوال ڪرڻ کان پوءِ اڳتي وڌي وياسين.

ان ملاقات کان ٻه، ٽي ڏينهن کان پوءِ مون کي پهريان زڪام وري بخار ٿيو.

زڪام ۽ بخار، ٻه ٽي ڏينهن هليو ته منهنجي ننڍي پٽ گهر ۾ ٻاتين سان منهنجي ان مائٽ سان ملڻ جو ذڪر ڪيو.

ان ڏينهن کان مون کي پنهنجي گهر جو ماحول ۽ ٻاتين جا رويا عجيب محسوس ٿيڻ لڳا...

سڀ گھر ڀاتي... خاص طور منھنجي اولاد مون کان پري پري رھڻ لڳي ھئي.

آءُ پنھنجي ئي گھر ۾ پاڻ کي اوپرو اوپرو محسوس ڪرڻ لڳو ھيس.. آخر ھڪ ڏينھن پٽ مون کي چيو.

”بابا... اوھان کي ڪورونا ٽيسٽ ڪرائڻ گھرجي“

”ڇو؟“ مون حيرت مان پڇيو.

”جڏھن کان اوھان ٻاھرين ملڪ مان آيل مائٽ سان مليا آھيو زڪام بخار ٿيو اٿوَ.. اوھان کي تہ خبر آھي... انھن آيل ماڻھن مان ئي ھتي اھا بيماري ڦھلي آھي..“

”پر مون کي لڳي پيو تہ مون کي زڪام ۽ بخار موسم جي ڪري آھي“

”اوھان جي مرضي... پر اوھان کي احتياط ڪرڻ گھرجي“

ھن ٿورو منھن خراب ڪري چيو.

۽ ان ڏينھن کان پوءِ ھو سڀ مون سان ملڻ جلڻ کائڻ پيئڻ ۾ احتياط ڪرڻ لڳا.

ڪئي ڏينھن ائين گذريا.

جڏھن منھنجو زڪام ۽ بخار ختم ٿيو تہ سين جڻ سک جو ساھ کنيو ۽ ھو پھرين وانگر منھنجي ويجھو اچڻ وڃڻ لڳا.

پر سچ پڇين تہ آءُ ھنن کان پري ٿي ويو ھيس.

محبت ۽ يقين جو اھو رشتو جيڪو اولاد ۽ ماءَ پيءُ جي وچ ۾ ھوندو آھي... اھو ٽٽي چڪو آھي.

بيماري جي شڪ، اسان سين جي محبت کي وائکو ڪيو ھيو.

آءُ ھن وقت بہ پنھنجي اولاد سان گڏ ھوندي بہ ڄڻ ھنن کان ڀَري آھيان..

مون کي اڪثر ائين لڳندو آھي ڄڻ آءُ بہ ڪورونا ۾ مري چڪو آھيان.. پر مون کي ڪرونا نہ پر اولاد جي رويئي ماريو آھي“

ڳالھ ڄڻ پوري ٿي چڪي ھئي..

آءُ خاموش ٿي هن ڏانهن نهارڻ لڳس.

ڏٺم ته هن جي چهري تي سنجيدگي ۽ افسوس بدران چپن تي مرڪ هئي.

سچ ته هن جي مرڪ مون کي ڪاوڙ ڏياري رهي هئي.

”تون مون ڏانهن ائين ڇو پيو ڏسين ۽ ڇو پيو مرڪين“

مون ڪجهه ڪاوڙ مان چيو.

هن ڪو جواب ڏيڻ بدران پنهنجو ٽچ موبائل ڪڍيو ۽ سندس آڱريون موبائيل اسڪرين تي نچڻ لڳيون. هن اوچتو موبائل مون ڏانهن وڌائيندي چيو.

”هي ڏس“

مون هن کان موبائيل ورتو ڪا ويڊيو هلي رهي هئي، هڪ ڪمري جي بيڊ تي هڪ ڏهن ٻارنهن سالن جي ڇوڪري روئي رهي هئي.

”ممّي.... منهنجو ڳلو.... ابو منهنجو ڳلو.... پاڻي .... پاڻي..“

ڇوڪري تڙپي رهي هئي.

”پٽ هاسپيٽل فون ڪيو آهي... هو اچي رهيا آهن“

پري کان ڪنهن عورت جو پريشان آواز ٻڌڻ ۾ آيو.

”بس پٽ... ٻه منٽ... ٻه منٽ ...“

ڪنهن مرد جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو.

ڇوڪري تڙپي رهي هئي... ماڻهو موجود هيا.. پر سندس ويجهو ڪو به ڪونه پئي ويو.

منهنجا هٿ ڏڪڻ لڳا هيا.

منيب جلدي هٿ وڌائي مون کان پنهنجو موبائيل واپس ورتو. هُو ٿورو مون ڏانهن جهُڪي چوڻ لڳو.

”تون يقينن منهنجو مطلب سمجهي ويو هوندين؟“

آءُ خاموش رهيس.

”هن وقت تائين تون ائين سمجهندو رهيو آهين ته ڪورونا جي ڀَوَ کان اولاد توکان پري پئي رهي... پر تو ڏٺو ته ڇوڪري ڪيئن نه تڙپي رهي هئي ۽ والدين سندس ويجهو ڪونه پئي ويا.. “

هو ڇوندو رهيو.

”جيڪڏهن هي ڇوڪري ڪورونا کان بچي به وئي ته تو وانگر سڄي زندگي والدين کان ان ڪري نفرت ڪندي رهندي ته ڪورونا جي ڪري سندس والدين هن کي تڙپندو ڏسي به ويجهو ڪونه آيا.. “

آءُ ڪنڌ هيٺ ڪري ٻڌندو رهيس.

”تو وٽ به تصوير جو هڪ رخ آهي ۽ هن ڇوڪريءَ وٽ به... پر سچ اهو آهي ته انسان جو سڀ کان پهريون ۽ مضبوط رشتو پنهنجي ساهه.پنهنجي زندگي سان هوندو آهي... پوءِ ماءَ، پيءُ يا اولاد سان... “

الاءِ ته ڇا ياد آيو هيس ، هورڀان ڀڻڪيو ”ٻين تي ساهه ڏيڻ وارا، صرف ڪتابن ۾ هوندا آهن. “

•••❊•••

بند لفافو

سهيل جا هٿ، بظاهر چانهه جي ڪوپ ڏانهن وڌي رهيا هيا پر هن جون اکيون شازيہ جي سنگ مرمر جهڙي هٿن ۾ ڪتل هيون.

شازيہ سڀ ڪجهه سمجهندي ڪلي پئي هئي.

”اڄ ڀلا ڪم تي ناهي وڃڻو ڇا؟“ شازيہ هن جو ڌيان متائڻ لاءِ پڇيو.

”دل تہ چاهي ٿي تہ اڄ موڪل ڪريان ۽ سڄو ڏينهن تنهنجي هٿن جي چانهه پيئندو رهان.“ سهيل هن جي هٿن تان نظر هٽائي وري هن جي چهري ڏانهن گهوريندي جواب ڏنو.

”جيڪڏهن هاڻي ڪاروبار تي ڌيان نہ ڏيندين تہ ماڻهو مون کي قصوروار چوندا تہ شاديءَ کان پوءِ رڳو گهرواريءَ جو مريد ٿي ويو آهي...“ شازيہ کلي چيو.

”ڪوڙ تہ ناهي جو مان تنهنجو مريد ناهيان ڇا؟“

سهيل سيني تي هٿ رکي نِوڙي چيو.

جواب ۾ شازيہ ٽهڪ ڏنو پر هن جو ٽهڪ دروازي جي بيل جي آواز ۾ دٻجي ويو.

هنن ٻنهي هڪٻئي ڏانهن ائين ڏٺو ڄڻ هڪ ٻئي کان پڇندا هجن تہ هن وقت صبح جو ڪير آيو؟

سهيل چانهه جو ڪوپ اتي ئي رکي باورچي خاني مان نڪري دروازي تي آيو. ڪجهه چوڻ، پڇڻ بنا هن دروازو کوليو.

سامهون بيٺل پنهنجي هم عمر نوجوان کي ڏسي هو پهريون تہ وائڙو ٿي ويو پوءِ انتهائي حيرت مان رڙ ڪري پڇيائين.

”يار ڪامران تون؟“

جواب ۾ ٻاهر بيٺل ڪامران ڪجهه چوڻ بدران مرڪي ٻئي هٿ کولي ڀاڪر جو اشارو ڪيو ۽ ٻئي لمحي ٻئي هڪٻئي جي ڀاڪرن ۾ هيا.

”اچ اندر اچ“ سهيل ڪجهه لمحن بعد ڪيس اندر اچڻ لاءِ چيو. ڪامران پير ۾ رڪيل وڏو بريف ڪيس کنيو ۽ سهيل جي پويان پويان هلندي هڪ ڪمري ۾ اچي هن جي اشاري تي هڪ صوفي تي ويٺو.

”يار سهيل سچ پڇين ته آءٌ توکان ڏاڍو ناراض آهيان“

ڪامران کيس گهوريندي چيو.

”چو؟؟“

”يار تو ماسيءَ جي وفات تي فون به نه ڪئي؟“

ڪامران سندس ماءُ جو حوالو ڏنو.

يڪدم سهيل جي اکين اڳيان پنهنجي ماءُ جو چهرو ڦري آيو. هُئي لمحي هو اداس ٿي ويو.

”يار مون کي هت اچي خبر پئي“ ڪامران جو لهجو به ٿورو اداس هو

” ۽ سچ به ته ڏاڍو ڏک ٿيو“

ڪجهه دير ٻئي خاموش رهيا.

”۽ ٻي ناراضگي اها ته... شادي ڪئي ۽ مون کي دعوت يا اطلاع به نه ڪئي؟“ ڪامران کيس ٻيهر ميار ڏني.

سهيل جي اکين اڳيان هاڻي شازيه جو ڪلنڊڙ چهرو ڦري آيو ته ڪجهه لمحا اڳ واري اداسي ڇڻ ته اڏري وئي.

”ها... يار... اهو سڀ ڪجهه تڪڙو ۽...“ سهيل وضاحت ڪرڻ لڳو ته ڪامران کيس هٿ جي اشاري سان روڪيندي چيو.

”بس بس... ڪو ابتو سبتو ڪوڙ نه ڳالهائجانءِ..“

سهيل کي اوچتو ياد آيو ته ڳالهين ۾ هو ڪامران کان چانهه يا ناشتي لاءِ نه پڇي سگهيو.

هڪ منٽ جو چئي هو تڪڙي ڪمري مان نڪري ويو.

ڪامران صوفي تي ٽيڪ ڏئي ڪمري جو جائزو وٺندي سوچڻ لڳو ”لڳي ٿو ته هاڻي سهيل جا حالات ڪافي بهتر ٿيا آهن...“

هن جو ذهن وري ماضي ڏانهن ويو.

سهيل سان سندس دوستي ڪافي سال اڳ جي هئي.

سهيل پنهنجي ڪراڙي ماءُ سان گڏ رهندو هيو. هن کي ٻي صرف هڪڙي ڀيڻ هئي جنهن جي شادي ڪافي عرصو اڳ ٿي چڪي هئي ۽ سهيل ننڍپڻ کان ئي مختلف هنڌن تي مزدوريون ۽ ملازمتون ڪندو رهيو جنهن جي ڪري هو پڙهي نه سگهيو هو.

پر شهري ماحول ۽ پڙهيل لکيل دوستن جي صحبت ۾ رهڻ جي ڪري سندس ڳالهائڻ ٻولهائڻ توڙي ڪپڙن پائڻ جو ذوق پڙهيل لکيل ماڻهن جهڙو ئي هيو.

چوڙين جي ڪڙڪي ۽ چانهه رکيل ٽرالي جي گڏيل آواز تي هو خيالن جي دنيا مان واپس وريو اک کٽي سامهون ڏٺائين. شازيه چانهه، ڪپ ۽ بسڪٽ سان ڀريل ٽراليءَ سان بيٺي هئي ۽ ان جي پويان سهيل چپن تي مرڪ ۽ اکين ۾ شوخي ڀريون هن ڏانهن ڏسي رهيو هيو.

ڪجهه لمحن لاءِ شازيه کي هو بت بڻيو ڏسندو رهيو. حسن جون سڀ خوبيون ڄڻ شازيه جو روپ ڌاري هن جي سامهون اچي ويون هيون.

اوچتو کيس پنهنجي بيوقوفيءَ جو احساس ٿيو.

جلدي اٿي هن ٻڏيل آواز ۾ شازيه کي سلام ڪيو.

”ڪيئن ڪامران... آهي نه تنهنجي ياپي هزارن ۾ هڪ ؟“

سهيل ڄڻ هن کان داد گهريو.

”صرف هزارن ۾ نه پر لکن ۾ هڪ“

هو اڳوڻي واري ڪيفيت مان ڄڻ نڪري آيو هو تنهنڪري هن جواب به شوخيءَ مان ڏنو. شازيه چانهه ٺاهي جڏهن ڪامران ڏانهن ڪوپ وڌايو ته هن جي خوبصورت هٿن کي ڏسي هن جي دل ائين تيز ڌڙڪڻ لڳي، جيئن ڪو ذبح ٿيندڙ جانور پاڻ ڏانهن ڪاتيءَ کي وڌندي ڏسي ڪنبڻ لڳندو آهي.

وڏي ڪوشش سان هن پاڻ تي ضابطو آندو.

سهيل ۽ ڪامران ماضيءَ جون ڳالهيون ڪندا رهيا ٽهڪ ڏيندا رهيا ۽ ڪٿي ڪٿي شازيه کي به پنهنجين ڳالهين ۾ شريڪ ڪندا رهيا.

ڪافي دير ڪان پوءِ ڪامران هنن لاءِ آندل تحفا هنن حوالي ڪيا ۽ وري اچڻ جو واعدو ڪري اتان اٿي ويو.

ٻاهر نڪري هن کي ائين لڳو ڄڻ هو پنهنجا ڪئي خواب ان گهر ۾ ڇڏي آيو هجي.

توڙي جو ڪيس رڪي رڪي شرمندگي به محسوس ٿي رهي هئي ته هو غلط پيو سوچي، سهيل سان هن جا واسطا ايترا ته سٺا رهيا هيا جو هن قسم جي سوچ به انهيءَ رشتي کي داغدار بڻائي رهي هئي پر پوءِ به هو سوچيندو رهيو هو، بي اختيار، شازيه متعلق.

ٻي ڏينهن ڪانپوءِ هو وري صبح جو ان ئي وقت سهيل وٽ گهر ڏي آيو.

اڄ چانهه پيئڻ، ڳالهيون ڪرڻ دوران هن ڪوشش ڪئي ته ماحول بي تڪلف رهي ۽ ائين رهيو. شازيه هن جي ڪافي سوالن جا جواب براه راست ئي ڏنا.

پوءِ اهي ملاقاتون وڌنديون رهيون.

هو بهاني سان سهيل جي گهر ايندو رهيو.

هاڻي ڳالهائيندي ڳالهائيندي شازيه جي اکين ۾ نهاري هو ڪجهه ڳولهڻ لڳو هو.

شايد ڪنهن جذبي جي روشني، پنهنجائپ جو ڪو رنگ. هن کي يقين ٿي چڪو هيو ته شازيه هن جي جذبي کي سمجهي چڪي آهي.

پر پوءِ به هوءَ خاموش هئي، نه ناراضگي وارو لهجو، نه حوصلا افزائي ڪندڙ ڪو نياپو.

شايد هوءَ به ڪنهن ٻڌتر ۾ هئي؟

وقت ايتري ته تيزيءَ سان گذري رهيو هيو جو جڏهن ڪامران جي واپس وڃڻ جا ڏينهن اچي ويا ته هو هڪ هفتو وڌيڪ ترسي پيو.

پر پوءِ به هو کُلي ڪري شازيه کي ڪجهه به نه چئي سگهيو هيو. نه ئي شازيه جي طرفان ڪنهن قسم جو ڪو اظهار ٿيو. ٻنهي طرفن کان اظهار گونگو بڻجي انتظار جي ڊگهي سفر تي نڪري پيو هيو.

۽ هو پاڻ بہ هڪ دفعو وري روزي ڪمائڻ پرديس هليو آيو.

هتان جي زندگي هاڻي ڪيس بور ڪندڙ لڳي رهي هئي، پر هو مجبور هيو.

جڏهن بي چيني وڌي وئي تہ هن سهيل جي نالي هڪ خط لکيو، ڪيس يقين هو تہ سهيل اهو خط شازيہ ڪان ئي پڙهائيندو ۽ شازيہ يقينن لفظن پويان لڪيل سندس محبت کي محسوس ڪري وٺندي.

هن خط بہ سهيل جي دڪان جي ايڊريس بدران گهر جي ايڊريس تي موڪليو.

جڏهن ڪان ٽپالي ڪامران جو خط شازيہ کي ڏئي ويو هيو. شازيہ ان وقت ڪان ئي هڪ عجيب بي چيني محسوس ڪري رهي هئي، شام جو جڏهن سهيل دڪان ڪان واپس موٽيو تہ شازيہ کيس ٻڌايو.

”ڪامران جو خط آيو آهي“

”واقعي؟“ سهيل حيرت ۽ خوشيءَ جي گڏيل ڪيفيت ۾ پڇيو.

جڏهن سهيل کيس خط پڙهڻ لاءِ چيو تہ شازيہ محسوس ڪيو تہ لفافو کوليندي سندس آڱرين ۾ هلڪي ڌڪڻي هئي.

هن هٻڪندي سڄو خط پڙهي کيس ٻڌايو.

ان وقت شازيہ کي محسوس ٿي رهيو هيو تہ ڄڻ اڄ هر لفظ جون بہ معنائون هن جي آڏو اچي رهيون هيون. هڪڙن لفظن جي معنيٰ هن لاءِ تہ هڪ سهيل لاءِ.

سهيل هن تي ذميواري رکي تہ ڪامران لاءِ جواب بہ هوءَ لکي.

ائين ڪجهہ جملا سهيل کيس ٻڌائي رهيو هيو تہ بہ چار جملا هوءَ پنهنجي پاران بہ لکي رهي هئي.

ڄڻ تہ هن بہ لڪيل طريقي سان ئي سهي، محبت جو اعتراف ڪيو هيو.

اهڙن خطن ۽ خطن ۾ لڪيل جملن، ۽ جملن ۾ لڪيل معنائن واري هن راند ۾ هوءَ اڪثر پاڻ سان بہ وڙهي پوندي هئي.

”مون کي ائين نہ ڪرڻ کپي.... مان هڪ شادي شده عورت آهيان.. مان...“

ائين سوچڻ باوجود بہ ڪو جذبو هيو, ڪا خواهش هئي جيڪا هن کي, هن جي ان سوچ کي, ڪنهن ننڍڙي ٻار جيان دلاسا, دليل ڏئي چپ ڪرائي ڇڏيندي هئي.

وقت گذرڻ جو ٻيو ڪو ماپو شازيہ وٽ نہ رهيو هيو سوائي ان جي تہ هن مهيني ڪامران جا گهڻا خط آيا؟

وقت جو احساس ڪيس هڪ ڏينهن سهيل ڏيارايو.

هن هڪ صبح جو سويرئي ڪيس خوشگوار موڊ ۾ چيو

”محترمہ اڄوڪو ڏينهن ڀلا ڇو ياد رکڻ جي قابل آهي؟“

شازيہ ڪجهہ بہ نہ سمجهي.

”محترمہ ... اڄوڪي تاريخ تي پنهنجي شادي ٿي هئي“

سهيل ڪيس ياد ڏياريو.

”تہ معنيٰ اڄ ڪو تحفو ضرور ملندو“شازيہ کلي پئي.

”صرف تحفو؟“ سهيل بہ کلي چيو.

”ٻيو نہ صرف تحفو, پر ڪنهن خوبصورت علائقي ۾ تفريح ۽...“

”۽“ چئي سهيل ڪجهہ دير خاموش رهي هن جي چهري کي تڪيندي شوخيءَ مان چوڻ لڳو.

”۽.. هڪ عدد سرپرائيز بہ“

شازيہ ڪيس چوندي رهي تہ اهو سرپرائيز ڪيس هن وقت ٻڌائي پر سهيل پڪو ٿي بيهي رهيو تہ هن وقت نہ

ان ڏينهن سويرئي سهيل دڪان کان موٽي آيو.

شازيہ کي جلدي تيار ٿي ٻاهر ڪٿي هلڻ لاءِ چيو ۽ هو پاڻ بہ تيار ٿيڻ لڳو.

ڪجهه دير ڪانپوءِ دروازي تي بيل جو آواز ٻڌي هو دروازي تي آيو ته ٽپالي ڪيس هڪ لفافو ڏئي هليو ويو. لفافو رنگين هجڻ سان گڏ ته پنهنجي غير ملڪي هجڻ جون اعلان ڪري رهيو هيو.

لفافي کي هڪ لمحو چتائي ڏسي، مرڪي هن اهو پاسي واري ڪيسي ۾ وڌو ۽ وري اچي تيار ٿيڻ لڳو.

جلد ئي هو، هڪ ٽيڪسي ڪري هڪ پارڪ ۾ پهتا. گهڻي عرصي کان پوءِ هو ڪنهن اهڙي کليل، هوادار ۽ پرفضا ماحول ۾ گڏ آيا هيا.

بي فڪري سان گهمندي، ٿڪ ڏيندي، گهڻو گهمڻ کان پوءِ هو ٻئي ٿڪجي هڪ مٿانهين جڳهه تي ويهي رهيا.

”ها تون ڪا سرپرائيز ڏيڻ جو واعدو ڪيو هيو؟“

شازيہ کي اوچتو ياد آيو.

ڳالهه ياد ايندي ئي سهيل مرڪڻ لڳو هو.

” شازيہ سچي ڳالهه اها آهي ته زندگي ۾ مان لاپرواهه رهيو آهيان... پر توسان شادي ڪرڻ کان پوءِ، مون کي احساس ٿيو ته مون تو سان ظلم ڪيو آهي“ سهيل هن ڏانهن ڏسندي چيو.

”ڇو؟“ شازيہ حيران ٿي وئي

”تو جهڙي سهڻي ۽ پڙهيل لکيل ڇوڪريءَ سان مون جهڙي ان پڙهه جو جوڙ ٺهي نه پيو...“

شازيہ کلي جڻ ڳالهه ٽاري.

”پر شادي کان پوءِ جلدي مون فيصلو ڪيو ته... گهٽ ۾ گهٽ تو جهڙي پڙهيل لکيل گهرواريءَ کي شرمندگي کان بچائڻ لاءِ مون کي پڙهڻ گهرجي... ۽ سوچيم توکان ئي پڙهان“

سهيل جي ڳالهه ٻڌي شازيہ ٿڪ ڏنو.

”پر توکان پڙهڻ بدران هڪ سٺي استاد کان شام جو توکي ٻڌائڻ بنا پڙهڻ شروع ڪيم...۽..“ ائين چئي سهيل ڪجهه اوچتو ياد اچڻ تي پنهنجي کيسي مان هڪ لفافو ڪڍيو.

لفافو ڏسي شازيہ حيران ٿي وئي.

”۽ اڄ توکي مان ڪامران جو خط پاڻ پڙهي ٿو ٻڌايان“

سهيل لفافو کيس ڏيکاريندي خوشيءَ مان چيو.

شازيہ انتهائي حيرت مان لفافي کي ڏسي رهي هئي لفافو کولڻ لاءِ جيئن سهيل لفافي ۾ پيو هٿ بہ وڌو. اوچتو شازيہ ڪان هلڪي رَڙِ نڪتي. ائين لڳو ڄڻ هو لفافو هن جي هٿن مان کسڻ لاءِ هٿ اڳتي وڌايا پر اوچتو ئي چڪر کائي هيٺ ڪرڻ لڳي.

سهيل ڪجھ نہ سمجهندي حيرت ۽ خوف مان بند لفافو اُڇلي شازيہ کي سنڀالڻ لڳو.

هوا جي زور تي بند لفافو ڪٿي اڏري ويو هيو.

•••❊•••

هن ڪهاڻيءَ جو ڪو عنوان ناهي

شاديءَ جي ٿوري ئي عرصي کان پوءِ منهنجي گهرواريءَ مون کان پڇيو.

ساجد تون مون سان ڪيتري محبت ڪندو آهين؟“

آئون ڪجهہ دير حيران ٿي وَيَس. ڇو تہ آءُ ان سوال لاءِ تيار ڪو نہ هُيسَ. مون ان سوال کي بہ شادي جي پهرين ڏينهن جو لاڏ سمجهيو پر جواب ڏيڻ ۾ دير ڪئي تہ هن وري کلي چيو:

”ڇو پريشان ٿي وئين؟“

مون بہ کلي چيو:

”صفيہ اصل ۾ آئون توسان جيتري محبت ڪريان ٿو ان جي ماپ تور لاءِ ڪائي ترازي، ڪي وَٽ اڃان ٺهيا ئي ناهن.“

هن کي خوش ٿيڻ کپي ها پر ڪجهہ سوچيندي چپ ٿي وئي.

”ڇو اعتبار نٿو اچئي؟“

”نہ نہ، اهڙي ڪائي ڳالهہ ناهي.“

هن جلدي ۾ چيو ڳالهہ آئي وئي ٿي.

ڪافي ڏينهن کان پوءِ هڪ ڏينهن وري ساڳيو سوال پڇيائين.

”ساجد تون مون سان ڪيتري محبت ڪرين ٿو.؟“

پهرين تہ آئون حيران ٿيس. وري دل جي ڪنهن ڪُنڊ ۾ چڙ بہ محسوس ڪيم پر وري بہ چهري تي مرڪ آڻيندي ڪو فلمي ڊائيلاگ سوچڻ لڳو هيس تہ هُو منهنجي چهري کي غور سان ڏسندي هلي وئي مون سوچيو شايد هن منهنجي چڙ کي محسوس ڪيو آهي ۽ هاڻي ٻيهر ڪڏهن بہ اهو سوال نہ پڇندي. پر هڪ ڏينهن هوءَ پنهنجي ماءُ، پيءُ يعني منهنجي ساهرن کان ٿي موٽي آئي تہ ڪنهن ڳالهہ جي وچ ۾ وري مون کان ساڳيو سوال پڇيائين.

”تون مون سان ڪيتري محبت ڪندو آهين؟

سوال تي مون کي ڪاوڙ نه آئي پر اوچتو هڪ خيال ذهن ۾ آيو ته آخر هوءَ جڏهن به پنهنجي ماءُ، پيءُ جي گهر مان گهمي موٽي ايندي آهي ته ان ڏينهن اهو سوال ضرور پڇندي آهي.

”آخر ڇو؟؟“ مان حيران ٿيندو سوچيندو رهيس. ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي ته مون ان ڳالهه کي به ٽارڻ، وسارڻ جي ڪوشش ڪئي.

هڪ ڏينهن آئون تيار ٿي آفيس لاءِ نڪرڻ لڳو هئس ته هن فرمائش ڪئي ته آئون ڪيس بائيڪ تي سندس والدين جي گهر تائين ڇڏيو وڃان.

آئون ڪيس ساڻ ڪري بائيڪ تي ڪٽي پنهنجي ساهرن يعني صفيه جي والدين جي گهرواريءَ گهٽيءَ جي منڍي تائين جيئن پهُتس ته هن هوريان مون کي بائيڪ اتي بيهارڻ لاءِ چيو. مون بائيڪ بيهاري منهن ورائي هن ڏانهن سواليه انداز ۾ ڏٺو.

هن انتهائي عجيب انداز ۾ هوريان چيو.

”ساجد آئون، اڪثر تون کان پڇندي آهيان ته تون مون سان ڪيتري محبت ڪندو آهين؟

مون کي هڪ لمحي لاءِ خوف ٿيو ته ڪٿي هُو وري هتي رستي ۾ ئي اهو سوال پڇڻ ٿي چاهي ڇا؟

دل ئي دل ۾ ڪاوڙ کي ضبط ڪري خاموش رهيس. هن هڪ طرف اشارو ڪندي چيو:

”هو ڏس“

روڊ جي هڪ طرف ان گهٽيءَ جي منڍي ۾ هڪ پٽِ جي ڇانوَ ۾ هيٺ زمين تي هڪ فقير ويٺو هيو جڏهن ته ان جي بلڪل اڳيان فرش تي هڪ ڪراڙي فقيرياڻي ستي پئي هئي.

شايد ان فقيرياڻي جي ڇهري تي ڪو زخم هيو يا منهن نه ڌوئڻ ۽ ڪنهن گندگي جي ڪري ڇهري تي شايد مکيون پئي آيون ۽ ڪراڙي فقير

مسلسل. ڪنهن مشين وانگر هٿ هلائيندي مڪيون تڙي رهيو هيو مون صفيہ ڏانهن نہ سمجهڻ واري انداز ۾ گهوري ڏٺو.

هوءَ چوڻ لڳي:

”هي ٻئي ڪراڙا فقير، فقيرياڻي زال مڙس آهن. آئون وڏي عرصي کان هنن کي اتي ئي ڏسندي پئي اچان.“

هوءَ هڪ لمحي لاءِ چپ ٿي وري چوڻ لڳي.

”هي ڪراڙو فقير.. ائين ئي هميشہ ڪيس هٿ سان هوا اڏائي پيو يا مڪيون اڏاري پيو. ڪڏهن ڪڏهن پير ۾ پيل ڪپڙي سان سندس منهن تان مٽي ۽ پگهر اگهي ٿو.“

مون ڪجهہ تيز لهجي ۾ چيو.

”ان ڳالهہ مان تنهنجو مطلب؟“

هوءَ بائيڪ تي ويٺي ويٺي مون ڏانهن ٿورو سرڪي آئي ۽ هوريان چوڻ لڳي.

آءُ اڪثر توهان کان پڇندي آهيان تہ تون مون سان ڪيتري محبت ڪندو آهين؟... تہ بس.. تون مون سان.. ايتري محبت ڪر جيتري محبت هي فقير.. ان ڪراڙي فقيرياڻي سان ڪري ٿو.

منهنجي عجيب ڪيفيت ٿي وئي هئي.

ڪاوڙ، ڪِل، ٽوڪ، سڀئي ڪيفيتون گڏجي پيون هيون مون هڪ نظر وري انهن ڪراڙن فقيرن ڏانهن ڏٺو ٻئي ساڳي حالت ۾ نظر آيا.

”صفيہ... هي فقير، ان ڪراڙيءَ جو ان ڪري بہ خيال ڪندو هوندو تہ هوءَ ڏسڻ ۾ ڏادي مظلوم، قابل رحم نظر اچي پئي ۽ ان جي ڪري ڪيس هر ڪوئي ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏئي پيو وڃي.“

منهنجي لهجي ۾ ٽوڪ هئي.

صفيہ مون ڏانهن عجيب نظرن سان ڏٺو ۽ بائيڪ تان لهي هوريان چيائين.

”تون نہ سمجھي سگھندين.“

صفيہ گھٽيءُ ۾ داخل ٿي هوريان هوريان اڳتي وڌندي وئي.

مون بائيڪ ڦيرائي ۽ آفيس هليو آيس.

پر ان ڏينهن کان پوءِ ڪافي ڏينهن تائين صفيہ مون کان اهو سوال وري ڪو نہ پڇيو.

ڪافي ڏينهن بعد هڪ ڏينهن آفيس جي ڪنهن ڪم سان منهنجو اتان گذرڻ ٿيو تہ اوچتو انهن فقيرن جو خيال آيو.

اتي اچي بائيڪ بيهاري ڏٺم.

ساڳئي جاءِ تي فقير تہ ويٺو هيو. ڪراڙي فقرياڻي ڪو نہ هئي؟

”ڪراڙي فقيرياڻي شايد مري وئي“

منهنجي اندر مان آواز آيو.

ڇرڪ ڀري ڏٺم.

فقير اڪيلو ساڳئي حالت ۾ ويٺو آسمان ڏانهن ڪجھہ تَڪي رهيو هيو پر سندس هڪ هٿ هاٽي بہ ائين لڏي رهيو هيو ڄڻ ڪراڙيءَ جون مکيون اُڏاري رهيو هجي يا هٿ سان هوا ڏيئي رهيو هجي.

•••❊•••

ڳاڙها، ڳاڙها نوٽ

هي ڪهاڻي مرزا منير عُرف ايم ايم جي ماضيءَ بابت ڪنهن ڌيگهه ڪان بغير اتان شروع ڪري سگهجي ٿي جڏهن گرميءَ جي هڪ ڏينهن منجهند وقت مرزا منير عرف ايم – ايم پنهنجي دوڪان تان اُٿي گهر وڃڻ وارو هيو

موبائيل جي رنگ وڄڻ تي ڪيسي مان موبائيل ڪڍي اسڪرين تي لکيل نالو ڏٺو

هڪ پراڻي دوست نياز جو نالو ڏسي سندس چپن تي مرڪ تري آئي هئي.

”جي نيازعلي“

ٻي طرف نيازعلي بغير ڪنهن ڌيگهه جي چوڻ لڳو

”يار مرزا منير.. منهنجو هڪ دوست آهي ڪنهن گورنمينٽ اداري ۾ .... ٻڌائي پيو تہ سندن اداري مان بغير وياج جي پنج سالن لاءِ پنج لک قرض ملي سگهي ٿو معذورن لاءِ... تون وٺڻ چاهيندين؟“

نياز جي ڳالهه پوري ٿيڻ سان گڏ. مرزا منير جي ذهن ۾ ڪيئي ڳالهيون هڪ ئي وقت اچي ويون. ڪيس جڻ اوچتو ياد آيو تہ هُو معذور بہ آهي نہ تہ هُو ايترو همٿ پريو هيو جو سڄي زندگي هڪ پير ڪان ڪجهہ معذور هوندي بہ هر ڪم عام. نارمل ماڻهن وانگر ڪندو هيو. ۽ اڪثر وساري ويهندو هيو تہ هو معذور بہ آهي ان ئي وقت ڪيس اهي سڀ ڪم. اُهي ضرورتون بہ ياد آيون. جيڪي پيسي نہ هجڻ جي ڪري هو ڪري ڪو نہ پيو سگهي.

”چا ٿيو مرزا..؟“

نياز جو آواز ٻڌائين تہ چرڪي وري هن سان ڳالهائين

” ها... ها ... يار نياز اهڙو ڪو ڪم ٿي سگهي ٿو تہ واهہ واهہ .. “

”تہ بس اڄ شام بينڪ تي روبرو اچي مِل.. “

”پوءِ به ڪجهه ته ٻڌاءِ... هن تڪڙي پڇيو
جڻ تسلي ڪرڻ چاهيندو هجي
”روبرو مل ته سمورا احوال معلوم ٿيندءِ .. ان دوست سان ملائيندوسانءِ...“
مرزا منور عرف ايم ـ ايم محسوس ڪيو ته شايد نياز ڪنهن سان گڏ آهي جو ڪجهه وڌيڪ ڪو نه پيو ٻڌائي.
”ٺيڪ آهي .. مان شام جو ڪهڙي وقت اچان؟“
”مغرب جي نماز کان پوءِ فورن هليو آ“
”ٺيڪ .... آءُ پوري وقت تي ايندُس“
نياز وڌيڪ ڳالهائڻ بنا ڪال ڪٽي ڇڏي ته هن به موبائيل ڪيسي ۾ رکيو
گهر لاءِ تڪڙي اُٿڻ جو خيال ڇڏي ھُو اتي ئي ويهي ڪجهه سوچڻ لڳو.
سڀ کان پهرين خيال اهو آيس ته الله ڪيڏو مهربان آهي.. هڪ دَر بند ٿئي ٿو ته سئو دَر کولي ٿو ڏيئي.
۽ مشڪل وقت ۾ اتان ٿو ڏئي جتان ڪيس ڪجهه ملڻ جي اُميد ئي نه هوندي آهي
ٻيو خيال نياز جو آيس..
نياز سندس پراڻو دوست.. بلڪ جواني جي ڏينهن جو دوست... جڏهن هو ۽ ٻيا به ڪيترائي دوست حاجي قربان جي اوطاق تي هر روز شام جو ۽ موڪل وارن ڏينهن ۾ گڏ ٿيندا هيا ۽ لوڊيو ڪيڏڻ. چانهيون پيئڻ ۾ وقت گذاري خوش ۽ مطمئن رهندا هيا.
وڏو عرصو اهو سلسلو هليو. پر هر ڪنهن جي زميدارين ۾ اضافي سان گڏ اتي ڪافي دوستن جي اچڻ وڃڻ جو سلسلو گهٽجي ويو هيو خاص طور هن جو پنهنجو.
گهٽ ويندي ويندي جڻ وري سال گذري ويا جو ھُو اتي ڪو نه ويو هيو پر هن جو موبائيل تي سين دوستن سان رابطو رهيو

هُو ڪيس گهڻو ئي اڇڻ لاءِ چوندا هيا ۽ هُو بہ اڪثر وجڻ جو سوچيندو هيو، واعدو ڪندو هيو پر وڃي ڪو نہ سگهندو هيو

اڄ نياز ڪيس فون ڪري جڏهن پنج لک قرض وٺرائي ڏيڻ جي ڳالهہ ڪئي تہ هن جي دل خوشي ۾ فخر مان ڀرجي وئي تہ سندس پراڻي دوست کي سندس حالتن جي خبر هوندي ۾ هن ساڻس ڀلائي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

”دوست واقعي بہ خدا طرفان تحفو هوندا آهن“

هن فخر مان سوچيو

نندڙي پٽ جي بار بار گهر هلڻ جي اصرار تي هُو اٿيو ۾ ساڻس بائيڪ تي وينو گهر تائين جي سفر ۾ هن کي ائين لڳو ڄڻ سندن بائيڪ اڄ ڀڳل ٽٽل روڊ مٿان نہ پر پنجن لکن جي صورت ۾ مليل نوٽن مٿان هلندو رهيو هجي گهر ۾ ماني ڪائيندي بہ سوچيندو رهيو تہ گهرواريءَ سان اها ڳالهہ ڪريان يا نہ؟

”نہ نہ ... ڪم ٿيڻ تائين ڪنهن سان ڳالهہ نہ ڪريان تہ بهتر.. متان نظر نہ لڳي وڃي.. “

”پر گهراوري تہ خوشي ٿيندي .. ساڙ واري جي نظر لڳندي آهي.

ڀڏايان؟

نہ ڀڏايان؟؟

ماني ڪائي آخر گهرواريءَ کي سڏي، پرسان ويهاري پڇي ٿو

”ڀڏ ... تو وٽ ڪجهہ پيسا آهن؟“

” ؟ “گهرواريءَ جو نظرن سان سوال

سوچي ٿو سٺي ڪم ۾ ڪوڙ نہ ڳالهائجي

آهستي آواز ۾ چوي ٿو

”ڀڏايائين ٿو.. پهريان ڪجهہ پيسا اٿئي تہ ڪڍي آ ... صدقو ڪيڊو آهي“

سندس گهرواري خاموشيءَ سان اندر وڃي جڏهن واپس اچي ٿي ته سندس هٿ ۾ ڪيئي ڳاڙها ڳاڙها نوٽ هوندا آهن جيڪي هُوءَ خاموشي سان سندس حوالي ڪري ٿي.

هُو نوٽن ڏانهن ڏسي سوچي ٿو

”هي ته گهڻا آهن.. هڪ به ئي صدقي ۾ ڏيان..

الله قبول ڪندو.. ۽ الله ڪي ته منهنجي حالات جي خبر آهي...“

هُو چاهي ٿو ته صرف به نوٽ الڳ ڪري صدقي طور ڏيڻ لاءِ پر وري خيال اچيس ٿو ته گهرواري ڪٺي آئي آهي ته هاڻي رکڻ مناسب ناهي.

”تنهنجي نظر ۾ ڪو ضرورت مند، حقدار آهي جنهن کي صدقي طور هي رقم ڏجي؟“

هو گهرواريءَ کان پڇي ٿو

” ها ... پاڙي جي ماسي نصرت جي ڌيءَ جي ڊليوري آهي ... ويچاري پريشان آهي کيس ڏجي ته بهتر...“

گهرواري ٻڌائس ٿي.

ٺيڪ آهي ” نوٽ واپس ڏيندي چويس ٿو

”وڃين ڏئي اچيس“

”ڀلا هاڻي ٻڌاءِ.. ڇا ڳالهه آهي؟“

گهرواري پڇيس ٿي

هو پنج لک قرض واري ڳالهه ٻڌاءِ گهرواريءِ ڏانهن ڏسي ٿو. گهرواريءَ جي اکين ۾ ڪيئي تصوير ڏسي ٿو

ڪمري جو ڏار ڏار ٿيل ڇت بدران نئين ڇت جي تصوير

پاڻي وارو نئون موٽر

وڏي عرصي کان ڪنگهه ۾ ورتل ننڍڙيءَ جون دوائون....

۽ ...

اڃان اکين ۾ ڪوڙ تصويرون رهيل هيون جو سندس گهرواري تڪڙي اُٿي نوٽ صدقي ۾ ڏيڻ لاءِ ٻاهر نڪري وئي.

هن دل ئي دل ۾ الله کي عرض ڪيو

”هي رقم ان ڪم لاءِ صدقي طور قبول فرما ته جيئن تڪڙي ۽ آسانيءَ سان اها رقم ملي.

عادت موجب ننڊ جي خيال سان سمهي ٿو پوي پر پڪ ٿيئس ته اڄ ننڊ ڪا نه ايندي بس انتظار هئيس ته جلدي شام ٿئي الاءِ ته ڇا ڇا سوچيندي ننڊ پئجي ويو هيو. جاڳيو ته انداز تي ويو هئيس ته وجڻ لاءِ تمام ٿورو وقت بچيو اٿس. گهڻي عرصي کان پوءِ وڃي رهيو هيو ان خيال جي ڪري ڪپڙن جو هڪ ٻيو جوڙو ڪڍي جلدي جلدي پاڻ استري ڪيائين. شيو ڪري وهنجي تيار ٿيو ته پٽ کي فون ڪري گهرايائين ۽ ساڻس بائيڪ تي چڙهي بيٺڪ (اوطاق) تي پهتو ته هن کان اڳ ئي سندس سيئي پراڻا دوست وينا هيا.

ڪي لوڊيو ڪيڏي رهيا هيا ته ڪي ڪچهري ۾ مشغول هيا. هن کي ڏسندي ئي تقريبن سڀني خوشيءَ مان نعره هڻي، هوڪرا ڪري اُٺي ساڻس مليا

هن کان ٻه هڪ لمحي لاءِ پنج لک روپيه وسري ويا هو پاڻ کي ملامت ڪرڻ لڳو ته اهڙن دوستن کان هو ايتري عرصي تائين پري ڇو رهيو؟

نه اچڻ جا سبب ٻڌائيندي

حال احوال ڏيندي وٺندي کيس ياد آيو ته هو پنج لک روپيه قرض وٺڻ لاءِ آيو آهي ته هن نياز ڏانهن ڏٺو، موقعو ملندي هن هوريان نياز کان پڇيو

”ڏي خبر منهنجي ڪم جو؟“

نياز به هوريان جواب ڏنس

”صبر بابا صبر...!!!

نياز وري لوڊيو ۾ مشغول ٿيو.

هن هڪ ڀيرو وري سيئي وينلن کي ڏٺو

سيئي سندس پراڻا دوست هيا سواءِ هڪ ماڻهوءَ جي مرزا کي لڳو ته پڪ سان هُو ئي اهو آهي جنهن لاءِ شايد نياز چيو هيو ته هڪ ڪنهن اداري ۾

آهي جڏهن ڪيس پنج لک قرض ملڻو آهي هو هاڻي بي چينيءَ مان سوچڻ لڳو تہ آخر نياز ڪيس جنهن ڪم لاءِ گهرايو آهي ان بابت ڇو نٿو ڳالهائي؟
هو بار بار ان اوپري ماڻهوءَ ڏانهن ڏسندو رهيو
ان وچ ۾ ڪيئي رانديون پوريون ٿيون
ڪيئي چڪر چانهيون گهرايون ويون.
جڏهن بي چيني ۽ ٿڪاوٽ وڌي ويس
تہ هُن نياز کي چيو
”يلا آءُ هلان؟.
”ويهہ يار ڇو پيو وڃين؟“
”طبعيت ۾ مزو نہ آهي وڌيڪ ويهي نٿو سگهان“
هن سوچيو هيو تہ ڪيس ويندو ڏسي متان نياز قرض بابت پاڻ ئي ڳالهائي
پر موڪلائيندي نياز صرف ايترو چيس
”ايندو رهہ نہ يار... توکي ڏاڍو ياد ڪندا آهيون“
جواب ۾ هُو صرف مرڪي پيو هيو
سين ڪان موڪلائي، ٻئ سان گڏ بائيڪ تي چڙهي واپس آيو تہ پاڻ کي ڏاڍو ٿڪيل ۽ الجهن ۾ محسوس ڪيائين
”آخر نياز قرض بابت ڇو نہ ڳالهايو؟؟“
هو سوچيندو رهيو
” ڪٿي سين جي سامهون نہ ڳالهائڻ چاهيند هجي ... “
”پوءِ بہ ڪجهہ تہ چوي ها .. ڪو اشارو تہ ڏي ها ..؟“
ائين سوچيندو رهيو
آخر هن پاڻ کي دلاسو ڏيڻ واري انداز ۾ سوچيو
”خير... صبح جو ڪيس فون ڪري معلوم ڪندس“
هُو ڪجهہ مطمئن ٿي ويو
ٻي ڏينهن تي هن نياز جو نمبر ملايو.

ڪال اٽينڊ ڪرڻ ۽ بہ چار رسمي ڳالهين کان پوءِ هن پڇيس

”يار نياز.. تو ڪالهہ گهرايو هيو تہ ڪنهن دوست سان ملائڻو هُئي .. پنج لک قرض جي سلسلي ۾؟“

”اڙي يار... “ نياز کي جڻ اوچتو ياد آيو هيو

”يار ايم.. ايم .. ڳالهہ اها آهي تہ ڪافي عرصي کان سڄي سنگت توکي ياد پئي ڪري ۽ تون اچين ڪو نہ پيو.. ان ڪري بس قرض وارو مذاق ڪري توکي گهرايو هُيم ..“

ان کان پوءِ بہ نياز ڳالهائيندو رهيو پر هُو جڻ ٻوڙو ٿي ويو هيو.

ڪجهہ ٻڌڻ ۾ ڪو نہ پئي آيس... جي ٻڌو هيائين بہ تہ سمجهي ڪو نہ سگهيو هيو ڪيس ائين لڳو جڻ هُو غربت جي ڪري ننگو ٿي ويو هجي ۽ ڪجهہ دوست مٿس کلي رهيا آهن.

اوچتو ڪيس ياد آيو

”مون تہ ان ڪم جي ٿيڻ لاءِ صدقو بہ ڏنو هو..“

صدقي ۾ ڏنل ڳاڙها ڳاڙها نوٽ..

پاڻ کي ڏُک ۽ ڪاوڙ جي عجيب ڪيفيت ۾ ورتل محسوس ڪيائين.

پر فيصلو نہ ڪري سگهيو تہ ڪيس گهڻو ڏک ۽ ڪاوڙ نياز جي مذاق تي ٿيو آهي يا صدقي ۾ ڏنل ڳاڙهن ڳاڙهن نوٽن جي ڪري ...؟؟

•••❊•••

اسٽوڊنٽ

آءُ ان ڏينهن آئيني اڳيان ويهي هيئر برش سان وڏي ڪوشش ڪري رهيو هيس ته منهنجا وار ڪجهه ”اسٽائيلش“ لڳن...

مون تيل لڳل وارن تي وڏي محنت ڪئي پر مطمئن ڪو نه ٿي رهيو هيس جو پير ۾ ٻيٺل، جنيد، بابر ۽ وسيم ڪاوڙ مان، مونکي ڏسي رهيا هيا.

مون ڪي صاف سٿرا ڪپڙا پاتل هيا بس وار اسٽائل ۾ اچن ها ته مان به انهن جهڙو ئي، صاف، سٿرو ۽ ”اسٽوڊنٽ“ ڏسڻ ۾ اچان ها..

اصل ۾ آءُ ايتري محنت ان ڪري ئي ڪري رهيو هيس ته جيئن ڏسڻ ۾ انهن جهڙو پڙهيل لکيل بلڪ اسٽوڊنٽ ڏسڻ ۾ اچان.

نه ته آءُ هڪ اڻ پڙهيل، هڪ ميمڻ سيٺ جي دوڪان تي معمولي پگهار تي ڪم ڪندڙ ڇوڪرو هيس ۽ منهنجا هي ٽئي دوست پڙهندڙ شاگرد هيا. پر اسان چئن جي وچ ۾ گهري دوستي هئي. آءُ سيٺ وٽ ڪم ڪان فارغ ٿي ايندو هيس ته هنن ٽنهي سان گڏ گهمندو، راند روند ڪندو وتندو هئيس...

اڄ هنن پروگرام ٺاهيو ته اڄ هڪ ٻي شهر جي ويجهو لڳندڙ ميلو گهمجي. مون به ڪو بهانو ڪري سيٺ کان موڪل ورتي ۽ هاڻي تيار ٿي ميلي تي وڃڻ جي تياري ۾ هياسين.

پروگرام اهو هيو ته هتان بس ۾ سوار ٿي وڃڻو هيو ۽ بابر، جنيد ۽ وسيم مون کي هلڻ لاءِ چيو ۽ ائين به چيائون ته صاف سٿرا ڪپڙا پائجائين ته جيئن پڙهيل لکيل ڇوڪرو لڳين ۽ بس ڪنڊيڪٽر کي ”اسٽوڊيٽ“ چئي اڌ ڪرايو بچائي سگهون..

آءُ صاف سٿرا ڪپڙا پائي آيو هئس ۽ هڪ سيلون تي ويهي وارن تي محنت ڪري رهيو هئيس ته جيئن انهن جهڙو پڙهيل لکيل ”اسٽوڊنٽ“ ڏسڻ ۾ اچان.

منهنجي دير ڪرڻ تي بابر ڪاوڙ مان اڳتي وڌيو برش منهنجي هٿ مان کَسي، منهنجا وار سيٽ ڪرڻ لڳو.

”ڪهڙي ضرورت هئي، هن کي به وٺي هلڻ جي“ منهنجي پويان بيٺل جنيد ڪاوڙ مان چيو.

ڪنهن ڪجهه به نه چيو بس مرڪي پيا.

”بس ٺيڪ آهين... هاڻي هل...“ بابر برش رکندي چيو.

۽ اسان سيلون مان نڪري بس اسٽاپ ڏانهن وڃڻ لڳاسين. جنهن بس ۾ چڙهياسين ان ۾ ڪافي رش هئي. اسان مان صرف وسيم کي هڪ سيٽ ويهڻ لاءِ ملي باقي سڀ بيٺ ماڻهن سان گڏ بيهي رهياسين.

منهنجي هڪ طرف بابر ۽ جنيد هيا ته ٻي طرف کان هڪ پڪي عمر جو هلڪي ڏاڙهي صاف ڪپڙا پاتل شخص هيو. هن جي ڪلهي تي ڪاٽيءَ جي هڪ پيتي لڙڪيل هئي جنهن جي شيشي مان رنگ برنگي منڊيون نظر اچي رهيون هيون ۽ ان شخص جي هڪ هٿ جي سڀن آڱرين ۾ منڊيون پاتل هيون. اسان جي علائقي ۾ اڪثر جوڳي فقير يا باگڙي ائين منڊيون کپائيندي نظر ايندا آهن پر هي شخص نه جوڳي نه ئي باگڙي پيو ڏسجي.

”ٻڌ...“ مون بابر جو آواز ٻڌو هو. پنهنجي حساب سان آهستي ڳالهائي رهيو هيو مون هن ڏانهن ڏٺو ته هو چوڻ لڳو.

”جڏهن بس جو منشي (ڪنڊيڪٽر) اچئي ته کيس ”اسٽوڊنٽ“ چئي اڌ ڪرايو ڏجائين“

مون ڪنڌ لوڏي ها ڪر ڪئي.

”ڇا چونديس؟“

مون هٻڪندي چيو.

”اسٽيو..ڊنٽ“

جنيد هلڪو ٽهڪ ڏنو.

”اسٽيو نه... اسٽوڊنٽ .... ڪيئن؟“

مون ڪافي سوچي سوچي هوريان اچاريو.

”اس ٽو.. ڊنٽ “

”ها... پر تڪڙ ۾ چئو“

آءٌ پنهنجي منهن ڀٽڪندو رهيس استوڊنٽ ... استوڊنٽ جڏهن پڪ ٿيم تہ صحيح پيو چوان تڏهن بابر کي چئي ڀڏايم.

هن ڪلي چيو.

”شاباش... هاڻي واقعي شاگرد لڳين پيو“

ڪجھ دير ڪان پوءِ پر ۾ بيٺل جنيد اوچتو پڇيو.

”ڇا چونديس؟“

هن جي اوچتي پڇڻ تي آءٌ گهٻرائجي ويس پر وري ڪوشش ڪري ”استوڊنٽ“ چوڻ ۾ ڪامياب ٿيس.

ڪجھ دير ڪان پوءِ ڪنڊيڪٽر بابر وٽ آيو تہ هن ”استوڊنٽ“ چئي اڌ ڪرايو ڏنو وري جنيد بہ ائين ڪيو تہ ڪنڊيڪٽر ڪاوڙ مان چيو.

”اڙي ڇورا وڃو اسڪول مرو.. ميلو ڏسڻ ضروري آ ڇا؟“

منهنجي نظر اوچتو پر ۾ بيٺل منڊيءَ واري تي پئي الاءِ ڇو مون کي لڳو تہ هو مرڪي پيو.

ڪنڊيڪٽر منهنجي پرسان آيو تہ مون بہ اڌ ڪرائي جيتري رقم ڪيس ڏني پر نہ هن ئي ڪجھ چيو نہ آءٌ استوڊنٽ چئي سگهيس...

ڪنڊيڪٽر اڳتي وڌي ويو بابر چيو.

”استوڊنٽ نہ چيئي؟“

”چوڻ وارو هيم تہ هو اڳتي نڪري ويو“

مون ڪلندي چيو هو ٻئي بہ مرڪي پيا.

ميلي تائين پهتاسين بس مان لهي ميلي ڏانهن وڃڻ لڳا هياسين جو پويان آواز ٻڌوسين.

”پٽ ٻڌو تہ..“

اسان سڀ بيهجي ويا هياسين.

مون منهن ڦيرائي ڏٺو تہ اهو منڊيون ڪپائڻ وارو اسان جي پويان بيٺو هيو.

”توهان پڙهو ٿا؟“ هن بابر، وسيم ڏانهن ڏسندي چيو.

”ها “ بابر نہ سمجھڻ واري انداز ۾ چيو.

” ۽ هي ... “ هن هڪ آڱر سان مون ڏانهن اشارو ڪيو.

جواب ڏيڻ بدران اسان سيني هڪ ٻئي ڏانهن ڏٺو.

”يقينن هي پڙهي ڪونہ پيو.. “

اسان وري بہ خاموش رهياسين.

هو اسان ڏانهن ڏسندو رهيو نيٺ هوريان هوريان چوڻ لڳو.

”توهان پڙهو ٿا سٺي ڳالهہ آهي پر هن ڇوڪري ڪي صرف ڪرايو بچائڻ لاءِ شاگرد ڇو پيا سڏرايو؟ هن جي زندگي بدلائڻ، سنوارڻ لاءِ هن ڪي واقعي ڇو نٿا پڙهايو.. “

هو چپ ٿي اسان ڪي ڏسندو رهيو وري خاموش ٿي هڪ طرف وڃي ويو.

هندي ڪپائڻ واري جي نصيحت مون سميت ڪنهن ڪي بہ نہ وڻي هئي پر اسان وري ميلي جو خيال ايندي ئي هن جي ڪيل نصيحت ڪي ڪنهن ڊرامي جو نہ وڻندڙ سين سمجهي وساري ميلي ۾ گم ٿي وياسين.

ان ڪان پوءِ عرصو تہ ڊگهو گذاريو آهي پر ڪهاڻي ڏاڍي مختصر آهي.

ان ڏينهن مون صرف هڪ ڏينهن شاگرد بڻجي اڌ ڪرايو تہ بچايو ۽ باقي سڄي زندگي مختلف مزدوريون ئي نصيب ٿيون. جڏهن تہ جيڪي دوست حقيقي اسٽوڊنٽ هئا، انهن جي زندگي اڄ بہ مون ڪان بهتر گذري رهي آهي.

•••☼•••

خالي پنجرو

مارڪيٽ ۾ داخل ٿيندي ئي هڪ لمحي لاءِ هر ڪو سوچڻ لڳندو هيو ته هُو مارڪيٽ ۾ آيو آهي يا ڪنهن گهرن واري گهٽيءَ ۾؟

چو ته هيٺ دوڪان هيا ته انهن مٿان گهر ٺهيل هيا ۽ مارڪيٽ ڪي روشني ۽ هوا ڏيڻ لاءِ دوڪانن لاءِ ٺهيل گهٽيءَ جي ڇت ۾ ڇڏيل وڏن سوراخن مان گهرن مان ايندڙ ويندڙ هر ماڻهو ۽ انهيءَ جي چُرپر ڪي آسانيءَ سان ڏسي سگهبو هيو.

مٿي رهندڙ اڪثر مزدور، غريب طبقو هيو ۽ انهن ننڍڙن ننڍڙن گهرن ۾ گهٽ مسواڙ هجڻ ڪري رهندا هيا.

جيئن ته غربت ۾ حالتن سان سمجهوتا ڪرڻ جي سگهه وڏيڪ هوندي آهي ائين مٿي رهندڙن مارڪيٽ جي دوڪانن لاءِ روشني ۽ هوا لاءِ ڇڏيل وڏن سوراخن يا وٿئي مان گهرن مان ڪم ڪار لاءِ نڪرندڙ عورتن جي بي پردگي واري مسئلي سان به چڻ گهر ڏٽين هڪ خاموش سمجهوتو ڪري ڇڏيو هيو.

اهو سڄو منظرنامون چڻ منهنجي ذهن ۾ محفوظ ٿيل هيو. آءُ انهن ڏينهن ۾ هڪ سرڪاري اسڪول ۾ پڙهائيندو هُيس ۽ تقريبن هر روز اسڪول مان موڪل ڪان پوءِ مانيءَ ڪائي آرام ڪري ان مارڪيٽ ۾ پنهنجي هڪ ننڍپڻ جي دوست جي دوڪان تي ايندو هئس ۽ پوءِ رات تائين اُتي وقت گذاريندو هُيس ان دوست جي دوڪان مٿان، بلڪ بلڪل سامهون به هڪ گهر هيو.

ان گهر ۾ هڪ پڪي عمر جي عورت، سندس مڙس، هڪ نوجوان ڌيءَ ۽ هڪ ستن، اٺن سالن جو ڇوڪرو رهندا هيا.

دوست جي دوڪان تي ويهندي مون اڪثر ڏٺو هيو ته اها پڪي عمر جي عورت، گهر جو دروازو بار بار اندران بند ڪندي هئي هو اتي اُڏرندڙ پردي ڪي بار بار دروازي جي تاڪ ۾ ڦاسائيندي هئي، ۽ سندس مڙس به جنهن

وقت گهر مان نڪرندو هيو ته دروازي ڪي چڱيءَ طرح ٻيڪاڙئي، وري هيٺ دوڪانن ڏانهن نهاريندو هيو ته ڪير ڪير سندس گهر ڏانهن ڏسي رهيا آهن. پوءِ مطمئن ٿي ويندو هيو ته ڪير به ڪو نه پيو ڏسي ته اطمنيان سان هليو ويندو هيو.

اهو ستن، اٺن سالن وارو ڇوڪرو شايد اڃان اسڪول ڪو نه ويندو هيو ڇو؟ ان ڳالهه سان اسان جو ڇا مطلب؟

باقي اها نوجوان ڇوڪري پيءَ جي نڪري وڃڻ، ماءَ جي بار بار مارشل لاءَ جهڙين سخت ڪاررواين جي باوجود صبح جو ڪافي دير سان اچي، پنهنجي گهروارو دروازو کولي،

بيهي، هيڏي، هوڏي ڏسڻ لڳندي هئي.

سندس ڏسڻ ۾، خاص ڳالهه اها هوندي هئي ته هوءَ سڄي مارڪيٽ جي هر ايندڙ ويندڙ يا هر دوڪاندار ڪي هڪ نظر گهوري. بلڪ منهن ۾ گهنج وجهي ڏسندي هئي.

هن جو ائين ڏسڻ مون کي عجيب لڳندو هيو منهنجي ان تاثر تي منهنجي دوڪاندار دوست وحيد کلي چيو هيو

”اها ڇوڪري بس ڏسڻ جي حد تائين ائين آهي ... سندس ائين ڏسڻ جي ڪري ڪافي دوڪاندار مٿس عاشق آهن“

”۽ هوءَ پاڻ ڪنهن تي عاشق آهي؟“

”بظاهر ته هر ماڻهو ان کي پاڻ سان سيٽ سمجهي ٿو...“

پر مون کي اها غلط فهمي ڪڏهن به نه رهي هئي توڙي جو هوءَ سڄي مارڪيٽ جو جائزو وٺي آخري نهار مون تي يا ان دوست جي دوڪان تي وجهي، منهن جي گهنج سميت غائب ٿي ويندي هئي.

اُتي ويهڻ واري عرصي ۾ مون کي چڱيءَ طرح خبر پئجي وئي هئي ته هوءَ ڪهڙي وقت فرش ڌوئيندي آهي ڪهڙي وقت در جي ڀرسان بورچي خاني ۾ ڪم ڪندي آهي.

۽ جڏهن سينين ڪمن کان فارغ ٿيندي هئي ته گهر جي ڪنهن ڪمري يا ڪنهن ٻئي ڪنڊ مان هڪ پنجرو ڪڍي وچ اڱڻ ۾ آڻيندي هئي جنهن ۾ هڪ طوطو هوندو هيو

اڱڻ ۾ ان پنجري جي صفائي ڪندي هئي ۽ طوطي جو داڻو پاڻي مٽائيندي هئي

آءُ ڪيس اهو سمورو ڪم ڪندي دلچسپي سان ڏسندو هُيس ۽ هوءَ پاڻ ٻه ان ڪم ڪي هڪ خاص دلچسپيءَ سان ڪندي هئي

ان وقت آءُ اهو ٻه سوچيندو هئيس ته دَر تي ٻيهي جڏهن هوءَ سڀ ڪنهن ڏي ڏسندي ڇهري تي گهنج يا گهنڊ وجهندي آهي ته ڪيڏي نه سخت دل ۽ مغرور محسوس ٿيندي آهي پر جڏهن هوءَ اڱڻ ۾ طوطي جو پنجرو صاف ڪندي آهي داڻو. پاڻي مٽائيندي آهي ته ڪيڏي نه نرم دل ۽ خدمت گذار لڳندي آهي بي زبان طوطي ۾ سندس دلچسپي ڏسي اهو ٻه سوچيندو هئيس ته ايتري دلچسپي هوءَ جنهن ٻه انسان ۾ وٺندي، اهو ڏاڍو خوش نصيب انسان هوندو.

سندس ستن، اٺن سالن جو ننڍڙو پاءُ اڪثر پر وارن گهرن جي ٻارڙن سان راند ڪيڏندو رهندو هيو يا پنهنجي گهر جي دَر جي ٻاهر ويهي ٻين ڪي ڏسندو رهندو هيو.

هڪ ڏينهن دوست جي دوڪان تي ويٺو هئس ته هڪ ننڍڙو ٻال تيزيءَ سان اچي اتي ڪٽي ڪريو مون کي اندازو ٿي ويو هيو ته ٻال هنن جي گهر مان اچي ڪريو هيو.

جلد ئي ننڍڙو ڇوڪرو ٻاهر ٻيهي هيٺ نهارڻ لڳو. مون ڪلي ڪيس سڏ ڪيو ته هو جلدي ئي هيٺ لهي آيو

”چا پيو ڳولهين؟“

”ٻال“ هن معصوميت مان چيو

”نالو چا اٿئي؟“

”راجو“

آءُ هن سان گڏجي دوڪان ۾ بال ڳولهڻ لڳس پر ڪافي دير ڳولها باوجود به بال نه مليو ته هُن جو معصوم چهرو مرجهايل نظر آيو
”توکي ڀيو بال وٺي ڏيان؟“
هُو چُپ رهيو
آءُ ڪيس ساڻ ڪري مارڪيٽ ۾ هڪ دوڪان تي آيس ۽ ڪيس هڪ بال خريد ڪري ڏنو
بال وٺي هُو خوش ٿي کلڻ مرکڻ لڳو.
مون ڪيس چيو
”راجو، جيڪڏهن تون هر روز شام جو ان دوڪان ۾ ٿي مون ڪان پڙهڻ ايندين ته ٻيا رانديڪا به وٺي ڏيندوسانءِ.... “
هن ڪو جواب نه ڏنو بس خوش خوش، مرڪندو گهر هليو ويو.
منهنجو دوست، وحيد منهنجي سخاوت تي ڏاڍو کلندو رهيو.
ٻي ڏينهن تي راجو پاڻ مون وٽ آيو ۽ خوشيءَ مان ٻڌائڻ لڳو ته ڪيئن ڪالهه هو ۽ هن جا دوست ان بال سان ڪافي دير تائين کيڏندا رهيا
هو جوش منجهان ڳالهائيندو رهيو ان وچ ۾ سندس ڀيڻ (جنهن جو نالو بعد ۾ هُن ماريا ٻڌايو هو) دَر مان بيهي راجو کي مون سان ڳالهائيندي ڏسي، منهن ۾ گهنڊ وجهي، واپس هلي وئي.
ڪجهه دير بعد راجو به هليو ويو ته وحيد کلي چيو
”پيارا خير ته آهي نه .... راجو سان تنهنجي ڊيگهه وڌندي پئي وڃي؟“
مون مرڪندي چيو
”ڪو به غلط مطلب نه وٺ .. استاد آهيان ته فطرت ۾ شامل آهي ته هر ٻار کي پڙهندو ڏسان ... “
ڪجهه ڏينهن گذريا ته هڪ ڏينهن راجو آيو ۽ چوڻ لڳو
”مون کي پڙهايو ته.. “
آءُ دل ئي دل ۾ سندس معصوميت تي کلي پيس
سندس جملي جو ٻيو مطلب هو ته

”مون کي رانديڪا وٺي ڏيو نہ “

”ٺيڪ آهي ... تون اڄ ڪان ئي اچ“

”پر مون وٽ ڪتاب ناهن“

”آءُ توکي وٺي ٿو ڏيان“

هن کي ساڻ وٺي پهريانن رانديڪن جي دوڪان تي آيس. هن کي بہ، ٿي رانديڪا وٺي ڏنم، اتي خوبصورت پنجرا ڏسي مون هن کان کلي پڇيو

”راجو، توهان جي طوطي لاءِ پنجرو وٺجي“

هن بہ تڪڙ ۾ هڪ خوبصورت پنجري تي هٿ رکندي چيو

”هي سٺو آهي“

۽ مون اهو پنجرو بہ خريد ڪري ڪيس ڏنو ۽ ڪجهہ ڪتاب ڪاپيون وغيره بہ سندس لاءِ خريد ڪري ڪيس ڏنم.

هو اهي سڀ شيون کڻي خوش خوش گهر هليو ويو ۽ آءُ دوست جي دوڪان تي ويهي ساڻس ڪچهري ڪرڻ لڳس.

ڪجهہ ئي دير ۾ راجو جي گهر جو دروازو خلافِ معمول کليو ۽ سندس پيڻ، ماريہ دروازي تي بيهي هيٺ منهن ڪري اسان ڏانهن گهورڻ لڳي

سندس چهري تي ساڳيو سختيءَ وارو تاثر هيو

گهنبڙ وجهي اسان ڏانهن گهوري رهي هئي

منهنجو دوست وحيد هوريان پڻڪيو

”مري وئين ڇورا“

هوءَ ڪجهہ لمحا ائين ڏسندي رهي ۽ وري ساڳي تيزيءَ سان دروازو بند ڪري هلي وئي

ٻئي ڏينهن شام جو راجو ڪتاب کڻي دوڪان تي پڙهڻ آيو. ڳالهين وچ ۾ هن ٻڌايو تہ اڪثر سندس طبعيت ٺيڪ نٿي رهي ان ڪري هو اسڪول پڙهڻ ڪو نہ ويندو آهي ان ڏينهن ائين بہ ٿيو هو ڪافي دير ڪان پوءِ راجو جي گهر جو دروازو کليو ۽ سندس پيڻ يعني ماريہ ڪيس مٿي سڏ ڪري ڪو

اشارو ڪيو ۽ راجو ڪتاب اتي ئي رکي مٿي هليو ويو واپس آيو تہ سندس هٿ ۾ هڪ ننڍڙو ٿرماس ۽ ٻہ ڪپ هيا.

”آپي هي چانهہ اوهان لاءِ ڏني“ راجو چيو

وحيد ۽ مون هڪ ٻئي ڏانهن ڏٺو

”ڀيهر ان تڪليف جي ضرورت ناهي. پنهنجي آپي کي چئي ڇڏجائين .. مهرباني“

پر منع ڪرڻ باوجود پڙهائي وچ ۾ چانهہ اچڻ جو سلسلو جاري رهيو

ان وچ ۾ ماريا طوطي کي نئين پنجري ۾ منتقل ڪيو

ماريا جو مخصوص وقتن ۾ مارڪيٽ ڏانهن ۽ اسان ڏانهن گهور ڪري، ڇهري تي گهنڊ وجهي ڏسڻ وارو معمول بہ هلندو رهيو.

ايتري عرصي ۾ هڪ ڏينهن اهڙو بہ آيو جو سڄو ڏينهن ماريا ظاهر نہ ٿي.

راجو پڙهڻ آيو تہ چاهڻ باوجود بہ آءُ ڪائنس ماريا بابت پڇي نہ سگهيس.

ها ان ڏينهن تي ڊيوٽي ڪان پوءِ وحيد جي دوڪان تي آيس ۽ ڪجهہ دير بعد ماريا نظر آئي، برخلاف معمول اڄ سندس ڇهري تي

ڪي بہ گهنڊ نظر ڪو نہ آيا،

سچ بہ ڇڻ سندس چهرو ۽ رويو اوپرو لڳو ان ڏينهن باقي ڪم معمول موجب ڪرڻ ڪان پوءِ جڏهن هن طوطي وارو پنجرو اڱڻ ۾ رکيو تہ ڪجهہ گهڙيون/پل خاموشي سان طوطي ڏانهن ڏسندي رهي. وري هڪ نظر ڪليل دروازي مان مون ڏانهن نهاريائين.

آءُ بہ بار بار چور نظرن سان ڪيس ڏسي رهيو هئيس هن پنجرو کوليو، طوطو ٻاهر ڪڍي ڪي پل ان کي ڏسندي رهي.

ٻي لمحي هن طوطو اُڏاري ڇڏيو

آءُ حيران رهجي ويَس

هن وري هڪ نظر مون ڏانهن ڏٺو ۽ اندر هلي وئي

آءُ حيران ٿيس تہ طوطي ۾ تہ جڻ هن جو ساهہ هيو. هن طوطو ڇو اُڏاري ڇڏيو؟

ان ڏينهن ڳوٺ مان چاچي جي فوتگيءَ جي اطلاع تي سڀ گهروارا ڳوٺ هليا وياسين.

ڪافي ڏينهن کان پوءِ واپس شهر آيس تہ ڊيوٽي تي هليو ويس.

شام جو معمول موجب وحيد جي دوڪان تي آيس تہ وحيد ڦڪي مرڪ سان مليو. چانهہ گهرائڻ تائين بہ چُپ چپ رهيو تہ مون پڇي ورتو

”يار ڇا ڳالهہ آهي، تون خاموش آهين؟“

ڪجهہ لمحہ خاموش رهي وري هوريا چيائين

... ماريا .....

اوچتو دل بيهندي محسوس ڪيم

خوف، انديشا، وهم ... وسوسہ...

پڇي بہ نہ سگهيس تہ ڇا ٿيو؟

وري بہ پاڻ ڳالهائين

”ماريا جي شادي ٿي وئي“

ڪي بہ ملاقاتون نہ هيون، ڪو بہ واعدو نہ هيو

پر پوءِ بہ دل کي ڌڪ لڳو هيو

خالي خالي نظرن سان مٿي ڏٺم

دروازو ڪليل هيو، پردو هوا جي زور تي ڦڙڪو ڪائي رهيو هيو ۽ اڱڻ ۾ هڪ طرف خالي پنجرو لڙڪي رهيو هيو آءُ ان وقت سمجهي سگهيس تہ ماريا طوطو ڇو اُڏاري ڇڏيو هيو.

•••☼•••

ويران گهٽيءَ جي ٻڌايل ڪهاڻي

هو جڏهن گهٽيءَ ۾ داخل ٿيو ته گهٽي سنسان لڳي پئي هئي. ان جو هڪ سبب شايد منجهند جو وقت ۽ تيز اُس به هئي.

جيڪا ڪنهن ڪاوڙيل ڪراڙي عورت وانگر هر ايندڙ ويندڙ کي اکيون ڏيکاري رهي هئي.

پر پوءِ به هن کي يقين هو ته هو ٻئي اتي بيٺا هوندا.

۽ ائين ئي ٿيو.

گهٽيءَ ۾ ٿورو اڳتي وڌندي ئي بنگلي جهڙو گهر سيني گهرن مان منفرد نظر آيو.

ان گهر جي دروازي تي هو ٻئي ڪيس بيٺل نظر آيا.

اها ڇوڪري ۽ اهو ڇوڪرو.

ڇوڪري دروازي جي اندرين پاسي ڏانهن بيٺل پر ائين تيار پئي لڳي ڄڻ هو ڇوڪريءَ جي هلڪي اشاري تي ٻاهر چائنٽ پار ڪري نڪري ايندي.

جڏهن ته ڇوڪرو ڳالهين ۾ رڌل پر هوشيار بيٺو هيو.

هو ٻئي بيٺي بيٺي خواب ڏسي رهيا هيا.

يا خوابن جهڙيون ڳالهيون ڪري رهيا هيا.

هو هوريان هوريان هلندي انهن جي ڪجهه ويجهو اچي بيٺو هو ٻئي پاڻ ۾ ڳالهائيندا ئي رهيا.

”تون سچو ڏينهن ڇا ڪندي رهندي آهين؟“

”مان پوپٽ پڪڙي وري وري اڏاريندي رهندي آهيان“

ڇوڪري هڪ نظر هن جي ڇهري ڏانهن ڏٺو

ڇوڪريءَ جي اکين ۾ هن وقت به ڪيئي پوپٽ اڏامي رهيا هيا.

ڇوڪري هن جي ڳالهه تي اعتبار ڪري ورتو.

”۽ تون سچو ڏينهن ڇا ڪندو رهندو آهين؟“

ڇوڪريءَ ڪائينس سوال ڪيو.

ڇوڪري هڪ ڊگهو ساهه کنيو، پنهنجي تڪيل جسم کي ٿورو ڍرو ڇڏي ڇوڻ لڳو.

”آءُ پنهنجن ڪلهن تي سڄو ڏينهن ٻين جا بار کڻندو رهندو آهيان“

ڇوڪريءَ کي هڪ لمحي لاءِ ڇڻ ڏک ٿيو.

۽ ڳالهين سان هن جي ٿڪ لاهڻ لاءِ وري پڇيائين.

”ٻيو ڇا ڇا ڪندو آهين؟“

ڇوڪري حضرت خضر جي حياتي جيڏو هڪ ساهه کنيو ۽ چيائين.

”۽ ٻيو اڪيلائي جي زمين تي خوابن جا گل پوکيندو رهندو آهيان، جتي تنهنجا اڏاريل پوپٽ اچي، اميد جو رس چوسيندا رهندا آهن...“

ڇوڪري کلي پئي هئي.

پر اوچتو شايد نظر شڪ جي کنهن نانگ تي پئي هئيس.

ڇوڪري کي چيائين.

”تنهنجيون ڳالهيون الهامي ڳالهين جيان دل لياڻيندڙ ٿينديون پيون وڃن“

”نه ...بلڪه تنهنجي اندر ۾ بندگيءَ جو ٻج پوکجي ويو آهي“

ان کان اڳ جو هو هنن جون وڏيڪ ڳالهيون ٻڌي کنهن اچي سندس ڪلهي تي هٿ رکيو.

هن مڙي ڏٺو.

کو ڄاتل ڇهرو هيو پر ياد جي گرفت ۾ نه اچي سگهيو.

”تون فيض آهين نه؟“

ڪلهي تي هٿ رکندڙ همراهه پڇيس.

”ها“ ڇوڻ سان گڏ هن ڪنڌ لوڏي ها ڪئي.

”تون ڪئي سال اڳ، سيٺ شهاب وٽ سندس دوڪان تي ملازمت ڪندو هئين؟“

”جي ها“

”آءُ هن ئي پاڙي جو آهيان ۽ توکي انهن ڏينهن ۾ اڪثر سيٺ شهاب جي ڪنهن ڪم سان سندس هن جي گهر ڏي ايندي ويندي ڏسندو هيس“

هن ڪوبہ جواب نہ ڏنو.

”سيٺ شهاب جو گهر هاڻي بہ اهوئي آهي“

سجاتل ڇهري واري ان گهر ڏي آڱر سان اشارو ڪيو ۽ پاڻ اڳتي وڌي ويو.

هن وري منهن ورائي ان گهر ڏانهن ڏٺو جتي ڪجهہ گهڙيون اڳ تائين هُو ڇوڪرو ۽ هوءَ ڇوڪري ڳالهيون ڪندي نظر آيا هيا.

سڄي گهٽي ويران هئي. هن ڪي ائين لڳو گهٽيءَ جي ويرانيءَ ڪيس سندس ئي ڪهاڻي ٻڌائي هجي.

•••❊•••

او آدمخور

بظاهر ته ميڊيڪل اسٽور ڪان دوائون وٺي موٽي آيو هئيس پر در حقيقت هڪ عجيب واقعو ڏسي ۽ هڪ مفرد ڪردار سان ملي آيو هُيس.

ٿيو ائين هيو جو ڪجھ دوائون وٺيون هيون پاڙي جي اسٽور تان نه مليون ته ان علائقي ڏانهن هليو آيس جتي ڪئي مشهور ڊاڪٽرن جون ڪلينڪون هيون، ۽ گهڻا ئي ميڊيڪل اسٽور ۽ ليبارٽريون پڻ هيون جنهن اسٽور تان دوائون وٺڻ لاءِ ويس اهو پراڻو دوست هيو زبردستي ويهاري چانھ لاءِ ڇوڪرو موڪليائين.

دوائون به ڪڍندو رهيو ڪچهري به ڪندو رهيو سچ لهڻ وارو هيو جلدي ۾ به هُيس پر هن جي خلوص ڪي ڏسي خاموش ويٺو رهيس اوچتو ميڊيڪل اسٽور ڪان ٻاهر هڪ زوردار آواز آيو.

”او آدمخور.. اڄ به 860 روپيه ڪمايا اٿم“

حيران ٿي هيڏانهن هوڏانهن نهاريم پر ڳالھ سمجھ ۾ نه آئي ته حيرت ۽ سواليه نظرن سان اسٽور واري دوست ڏانهن ڏسڻ لڳس.

هو به مرڪيو ڄڻ چوندو هجي

”ڳالھ سمجھ ۾ نه آئيءَ نه؟“

چانھ اچي وئي ته هن ڪرسي منهنجي پر ۾ سوريندي هڪ طرف اشارو ڪري چيو

”هُو ڏس“

هن جنهن طرف اشارو ڪيو هيو نهاريم ته هڪ نوجوان صاف سٿري لباس ۾ هڪ طرف بيٺل نظر آيو هن جي اڳيان هڪ اسٽول رکيل هيو جنهن مٿان ڀڳل ڇولا رکڻ وارو ٿال/ ٽري رکيل هو ۽ اسٽول جي هڪ پائي سان ٻارن لاءِ ڦوڪڻا ٻڌل هيا.

مون وري اسٽور واري دوست ڏانهن ڏٺو ته هُو مرڪي هوريان هوريان ٻڌائڻ لڳو

”منهنجي اسٽور جي پرسان هڪ مشهور ڊاڪٽر جي ليبارٽري آهي جتي هر وقت مريضن جي رش رهي ٿي... اتي ٽيسٽ وارن جا نالا لکڻ ۾ پيسا وٺڻ لاءِ ڊاڪٽر طرفان جيڪو ماڻهو رکيو ويندو آهي ان جي پگهار روزانه ته 200 روپيا ۽ مهيني ۾ ته ڇهه هزار روپيه ڏني ويندي آهي.

گهٽي رش ۽ گهٽ پگهار جي ڪري اڪثر ان ڪم لاءِ رکيل ماڻهو ڀڄي ويندا آهن.

ڪجهه عرصو اڳ هڪ نوجوان ان ليبارٽري تي اهو ڪم ڪرڻ لڳو پر گهٽ پگهار جي ڪري هن ڊاڪٽر کي چيو ته پگهار ڪجهه وڌايو

ڊاڪٽر ڪيس دڙڪا ڏنا ۽ انهيءَ پگهار تي ڪم ڪرڻ لاءِ چيو

نوجوان ڪيس گهڻو ئي چيو ته سائين ايتري ٿوري پگهار ۾ گذارو ڪو نه پيو ٿئي، ان کان وڌيڪ ته چولا ڪپائڻ وارو ڪمائي ٿو.

تنهن تي ڊاڪٽر ڪيس ٺوڪ واري لهجي ۾ چيو

” ته تون به وڃي چولا ڪپاءِ هتي ڇا ٿو ڪرين “

بس ان ڏينهن ئي اهو نوجوان اتان نڪتو ٻئي ڏينهن تي گهر مان چولا تيار ڪري اچي ان ليبارٽري جي سامهون ئي اسٽول تي رکي ڪپائڻ لڳو.

هُو ائين صاف سٿرن ڪپڙن ۾ هو ۽ بغير ڪنهن هٻڪ ۽ شرمندگي جي ٻيهي چولا ڪپائڻ لڳو

پهرين ڏينهن تي ڊاڪٽر ڪيس چولا ڪپائيندو ڏسي ٺوڪ طور مرڪيو پر هن نوجوان جي چهري تي ساڳيو اعتماد ۽ اطيمنان هيو منجهند تائين هن جا چولا ڪپي ويا

ان وقت ڊاڪٽر جو به اتان گذر ٿيو نوجوان ڊاڪٽر ڏانهن ڏسڻ کان بغير ئي هڪ طرف منهن ڪري زور زور سان چوڻ لڳو

”او آدمخور... اڄ 380 روپيه ڪمايا اٿم “

ڊاڪٽر جو منهن ڪاوڙ مان ڳاڙهو ٿي ويو پر نوجوان اهڙو تاثر ڏنو ڄڻ هن ڊاڪٽر کي ڏٺوئي ناهي

بس ان ڏينهن کان اهو معمول بڻجي ويو

نوجوان چولا ڪپائي وجهڻ ڪان اڳ ڊاڪٽر ڪي ٻڌائڻ لاءِ زور زور سان ”او آدمخور“ چئي ڪمايل رقم ٻڌائڻ لڳو. ڊاڪٽر هڪ ٻه ڀيرا نوجوان سان اٽڪي پيو پر نوجوان جو چوڻ هيو ته هُو ڊاڪٽر ڪي نه پر سامهون واري دوڪاندار دوست سان مخاطب هوندو آهي

ان ڏينهن ڪان اها جنگ جاري آهي

نوجوان چولن سان گڏ ٻارن لاءِ ڦوڪڻا به رکڻ شروع ڪيا آهن.

ڊاڪٽر اتان ايندي ويندي تڪڙي گذرڻ لڳندو آهي،

اسٽور وارو دوست ڪجهه لمحا خاموش ٿي وري چوڻ لڳو

”وڏي ڳالهه اها آهي ته اهو نوجوان اتان نڪري واقعي به ڊاڪٽر جي ڏنل پگهار ڪان ڪافي وڌيڪ ڪمائڻ لڳو آهي پر... هن جي هي ڪهاڻي هن علائقي ۾ دوڪانن تي گهٽ پگهار ۾ ڪم ڪرڻ وارن ملازمن لاءِ چڻ مثال بڻجي وئي آهي.

ڊاڪٽر وٽ جيڪو به ڪم لاءِ بيهي ٿو ۽ ڪيس هن همت ڀريئي نوجوان بابت خبر پئي ٿي ته هو به دير سوير اتان نڪري پنهنجو ڪو نه ڪو ڪم ڪرڻ لڳن ٿا.

•••❊•••

روح جي گُهربل خيرات

هُن هڪ جهٽڪي سان پنهنجو هٿ، منهنجي هٿ مان ڇڏايو هيو.
”ڇا ٿيو؟“ هن سان گڏ ٻي عورت پڇيو
”اهو ئي ... مرد جو فطري ڪمينو پڻ“
مون هن جو زهر ڀريو لهجو ٻڌو
ٻي عورت به سمجهي وئي هئي
ڪجهه ئي لمحن ۾ هنن جي قدمن جا آواز ڀري ٿيندي ٿيندي خاموسي ڇهائجي وئي هئي ان وچ ۾ منهنجو چهرو بي تاثر ئي رهيو هوندو
ڀلا تاثر به ڪهڙو؟
شرم جو؟
جيڪي مون وانگر ڀنندا آهن،
يا جنهن ڪڏهن به ڪجهه ڀنيو هوندو، انهن کي خبر آهي ته جڏهن شرم ۽ حيا کي ڪستو بڻائي ماڻهو ڀنڻ لڳندو آهي ته چهرا بي تاثر ئي رهندا آهن پر پوءِ به مون کي خبر هئي ته منهنجي بي تاثر چهري ۾ به ماڻهن کي هڪ معصوميت نظر ايندي آهي
ڪاش آءُ پنهنجي معصوميت ڏسي سگهان ها
پر آءُ ته پيدائشي انڌو آهيان، پر ان جي باوجود به دنيا جو، دنيا وارن جو ڪيڏو نه چٽو تصور آهي مون وٽ.
آءُ ماڻهن جي لهجي مان
ماڻهن جي گهمڻ ڦرڻ جي آوازن مان به اندازو لڳائي وٺندو آهيان ته ڇا ڪجهه ٿي رهيو آهي جيئن مون کي ننڍپڻ کان خبر آهي ته مان هڪ خوبصورت ۽ معصوم نظر ايندڙ انسان آهيان ننڍپڻ کان ئي ٻڌندو پيو اچان ته
”ڇا نه خوبصورت ۽ معصوم انسان آهي

پر افسوس جو ويچارو نابين آهي“

۽ انهيءَ خوبصورتيءَ ۽ معصوميت جي ڪري ئي ماڻهن مون کي بغير گهرڻ جي ئي ڪجهه نه ڪجهه ڏيڻ شروع ڪيو هيو.

۽ جڏهن سڀ ڪجهه بغير گهرڻ جي ئي ملڻ لڳو ته مون به ڪڏهن ڪنهن کان ڪجهه گهريو ئي ڪو نه.

بغير گهرڻ جي منهنجون ضرورتون پوريون ٿيڻ لڳيون هيون.

اوهان سوچيندؤ ته منهنجيون ڪهڙيون ضرورتون؟

منهنجون ضرورتون به ته انتهائي محدود آهن. پائڻ لاءِ صاف سٿري شيرواني.(ڪنهن ڀڏايو هيو ته توکي ٺهي ٿي)

مٿي تي به صاف سٿري ٽوپي، پيرن ۾ مناسب چپل ۽ ٽي وقت ماني.

آءُ جڏهن ڪنهن پٽ، يا وڻ جي ڇانوَ ۾ ويهندو آهيان ته بغير گهرڻ، صدا لڳائڻ جي منهنجي جهول ۾ ڪئي سڪا ڪرندا رهندا آهن. يا وري رستي تي هلندي به ماڻهو مون کي هٿ ۾ ڪو نوٽ، ڪو سڪو خاموشيءَ سان ڏئي ڇڏيندا آهن پر انهن جي خاموشيءَ ۾ به هڪ التجا هوندي آهي.

چوڻ چوندا هجن

”حافظ بابا ... اسان لاءِ دعا ڪر“

پر مان انهن لاءِ ڪيئن دعا گهران. مون ته ڪڏهن پنهنجي لاءِ به ڪا ئي دعا ڪا نه گهُري هئي (شايد جنن کي بغير گهرڻ جي ڪجهه ملڻ لڳندو آهي ته دعا جو ڍڳ انهن کان وسري ويندو آهي)

پر لڳي ٿو ته هاڻي مان ڪجهه بدلجي رهيو آهيان.

آءُ بازار مان ڪوڙ سارا سڪا، نوٽ، بغير گهرڻ جي وٺندي هن مين روڊ تي ايندو آهيان. هتي ماڻهن جي رش گهٽ ۽ ٽريفڪ وڌيڪ هوندي آهي

هت اچي آءُ هڪ به منت ويهي، جڻ تڪ لاهي وري ڀي گهٽي مان ٿيندي ڀي بازار ۾ داخل ٿيندو آهيان.

ان ڏينهن به آءُ اتي اچي ويهي رهيو هُيس

”حافظ بابا روڊ ڪراس ڪرايانءَ ڇا؟“

ڪنهن عورت پر ۾ بيهي پڇيو هيو

آءُ خاموش رهيو هُيس

هن شايد منهنجي خاموشي کي رضامندي سمجهيو ۽ تڪڙي چيائين

”اچو بابا“

مون بہ غير ارادي طور هٿ وڌايو ٿيڻ ائين ڪپندو هيو تہ هوءَ منهنجو هٿ پڪڙي ها، پر هن جو هٿ، منهنجي هٿ ۾ اچي ويو.

آءُ اڄ تائين سڀ ڪجهہ آوازن وسيلي سڃاتو آهي، سمجهيو آهي پر زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو مون محسوس ڪيو تہ سڃاڻپ، جو هڪ ذريعو ڇهاءُ بہ آهي.

آءُ هن جي هٿن جي نرمي ۽ گرمي وسيلي ڪيس سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪندو رهيس هوءَ بہ چُپ هئي. شايد هوءَ بہ مون کي ڪجهہ سڪڻ، سمجهڻ جو موقعو ڏئي رهي هئي.

اهو روڊ، رستو ڪو ايترو ڏکو ڪو نہ هيو پر الاءِ ڇو ان ڏينهن اهو رستو پار ڪرڻ جو سفر ڏکو ٿي ويو

ڪافي دير بعد هوءَ بيهي رهي هئي

مون نہ چاهيندي بہ هن جو هٿ ڇڏي ڏنو هيو

ان وقت مون کي اهو خيال ذهن ۾ آيا هڪ تہ روڊ جو هيو پاسو اچي چڪو هيو ٻيو تہ اڄ مون کي منهنجي حصي جي اها خيرات بہ ملي هئي جنهن جي باري ۾ مون اڳ ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو آءُ ڪافي دير تائين اتي ٻت بڻيو بيٺو رهيس.

حافظ سائين رستو ڪراس ڪرايانوَ ڇا؟“

ڪنهن مرد بيهي پڇيو.

مون صرف ڪنڌ لوڏي انڪار ڪيو هيو

شايد منهنجي ذهن ۾ ڪٿي اها ڳالهہ هئي تہ شايد مون کي جنهن عورت رستو پار ڪرايو هيو سا وري موٽي اچي رستو پار ڪرائيندي.

ڪافي دير تائين ڪنهن بہ ڪو نہ پڇيو

آءُ مايوس ٿي چڪو هُيس جو ڪنهن ڪراڙيءَ عورت پڇيو

”حافظ سائين ٻي پاسي ويندي ڇا؟“

مون ها ڪئي ته هُن ڪنهن کي چيو

”اڙي امڙ... بابا کي رستو پار ڪرائي اچ“

ڪنهن منهنجي لڪڙ پڪڙيل هٿ مٿان هٿ رکيو. مون کي ائين لڳو ڄڻ ڪجهه دير اڳ جيڪو اڌورو احساس رهيل هيو سو هاڻي پورو ٿي چڪو هجي.

هوءَ شايد پندرنهن سورنهن سالن جي ڪا ڇوڪري هئي جنهن ڪراڙي عورت جي چوڻ تي منهنجي هٿ مٿان هٿ رکي مون کي رستو پار ڪرايو هو

سندس سنهنن، سڪل هٿ ۾ به مون ساڳي گرمي محسوس ڪئي هئي

ان ڏينهن به آءُ ساڳيا روڊ، رستا، بازارون گهمي خيرات ڪمائي آيو هُيس

پر لڳي پيو ته ڄڻ آءُ بدلجي موٽي آيو هُيس.

ان ڏينهن کان پوءِ آءُ جڏهن به گهر مان نڪرندو آهيان ته دل جي ڪنهن ڪنڊ ۾ هڪ خواهش، هڪ دُعا ضرور محسوس ڪندو آهيان ته

”يا خدا! اڄ به مون کي خيرات گهٽي ملي....

جسم جي ڇُهاءَ جي خيرات......

•••❊•••

دونهين مان ٿهيل لفظن جي ڪهاڻي

اعتراف

زيبو تون مرڻ ڪان پوءِ بہ منهنجي ڪم آئي آهين.

ان ڪان اڳ آءُ جڏهن بہ زيبو جي قبر تي ايندو هُيس تہ سندس قبر مان ڪريل مٽي ڪي هٿن سان وري قبر مٿان رکندو هُيس.

اڄ پهريون ڀيرو آءُ سند قبر مٿان ڏنل مٽيءَ ڪي هوريان هٽائي، قبر ڪي پراڻو ۽ بي نشان ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هئيس.

ڪافي دير ڪان پوءِ مون سوچيو تہ قبر جي مٽي لهي وئي آهي. قبر جي پرسان ٺڪيل انداز ۾ ويهي زيبو جي قبر ڏانهن ڏسڻ لڳس.

مون ڪي ائين لڳو قبر ائين آهي اڳ جهڙي ...

مٽي لڳل آڱرن سان اکيون مَهٽي ڏٺم

قبر مان مٽي ڪافي هٽي چڪي هئي پر مون ڪي ائين پئي لڳو جڻ اها قبر منهنجي دماغ ۾ وري ٺهي هجي.

آءُ قبر جي باقي بچيل مٽيءَ مان ٻڪ ڀري غور سان ڏسڻ لڳس مٽي..

جيڪا وطن جي هجي تہ، حفاظت لاءِ رت.

ٻنيءَ جي هجي تہ هاريءَ جو پگهر

۽ قبر جي هجي تہ دعا لاءِ ڪجهہ گهڙيون گهرندي آهي.

۽ آءُ هت زيبو جي قبر تي دعا گهرڻ ايندو هئيس.

”ڪوڙ“

زيبو جو آواز ٻڌو هئيم پر خبر نہ پئي، تہ هُن مٽيءَ جي قبر مان ڳالهايو يا منهنجي ذهن ۾ ٺهيل قبر مان،

”تون هن قبرستان ۾ خيرو شاهہ ڪان پڙي وٺڻ ايندو آهين اها پڙي جنهن جو دونهون، تنهنجي زندگي آهي“ ذهن ۾ ٺهيل قبرون ڪڏهن بہ ڪوڙ ناهن ڳالهائينديون زيبو پنهنجي حياتيءَ ۾ بہ ائين سچ، بي خوف ٿي

ڳالهائيندي هئي جڏهن تہ مون ۾ سچ ڳالهائڻ جو حوصلو ڪڏهن بہ نہ رهيو آهي

ان ڪري ئي تہ شاديءَ ڪان پوءِ جڏهن مون پنهنجا خواب ٽٽندي محسوس ڪيا تہ سچ ڳالهائڻ جڻ مون ڪان وسري ويو هيو.

منهنجا خواب شادي ٿيڻ ڪري يا زيبو سان شادي ٿيڻ ڪري ڪو نہ ٽٽا هيا. زيبو تہ منهنجي تصور ڪان وڌيڪ سهڻي ۽ صابر طبعيت جي هئي.

بس منهنجا خواب بہ انهن لکين نوجوانن وانگر ان وقت ٽٽي پيا جڏهن ڊگرين جو انبار گڏ ڪرڻ باوجود بہ مون کي گذر سفر لاءِ رڪشو هلائڻو پيو خبر ناهي ڪنهن ۽ ڪڏهن مون کي سمجهايو هيو تہ تنهنجا خواب ٽٽا ناهن پر دونهين پويان گم ٿي ويا آهن ۽ پوءِ مان خيرو شاهہ ڪان ورتل خاص سگريٽ پيي، ان مان نڪرندڙ دونهين ۾ پنهنجا خواب ڳولهڻ لڳو هيس.

پوءِ واقعي بہ اهو دونهون منهنجي زندگي بڻجي ويو مون کي ان دونهين ۾ پنهنجا خواب نظر ايندا هيا آءُ انهن جي ڪڍ لڳندو هئيس تہ هو ڪجهہ قدمن جي فاصلي تي محسوس ٿيندا هيا پوءِ آءُ سڄو ڏينهن انهن جي ڪڍ لڳو رهندو هئيس.

شايد ان ڪري بہ منهنجو ڌيان گهر ۽ زيبو جي ذميدارين ڪان هٽي ويو هيو ۽ گهر هلائڻ جي ذميداري بہ هوريان هوريان ان مٿان اچي وئي هئي..

هوءَ پاڙي جي عورتن جا ڪپڙا، رليون سبي گهر سان گڏ مون کي بہ هلائڻ لڳي هئي بغير ڪنهن ڪروڌ جي

مون کي اڪثر هن جي صبر تي حيرت ٿيندي هئي

صرف شروع واري ڏينهن ۾ اڪثر هوءَ پڇندي هئي

”فهيم .. ايتري دير ڪٿي ٿو رهين؟“

”هوائن ۾.... آءُ ڪلندي چوندو هئيس

”ڇا مطلب؟“

”منهنجي پياري ... مطلب تہ آءُ رڪشو هلائيندو نہ آهيان پر سمجهہ تہ اُڏاريندو آهيان“

مون هٿن سان پکين وانگر هوا ۾ اڏرڻ جو اشارو ڪندي چيو هيو

هن ڇرڪ ڀري ائين پنهنجي سيني تي جلدي هٿ رکيو ڄڻ هن مون کي اڏرندي، ڪرندي ڏٺو هجي

” ۽ پياري زيبو... آءُ هوائن ۾ اُڏرندي ڪئي خوبصورت محل ڏسندو آهيان .. ۽ انهن مان خوبصورت ترين محل جهڙو محل تنهنجي لاءِ ... پنهنجي اولاد لاءِ... “

هن منهنجي ڳالهه ڪٽيندي چيو هو

”اسان ... توسان گڏ جتي آهيون جيئن آهيون خوش آهيون ... تون گهڻي جي لالچ نه ڪر... “

ڪڏهن ائين بحث ته ڪڏهن خاموش رهي منهنجي چهري ۾ تڪيندي رهندي هئي

ان وقت مون کي پنهنجو چهرو دونهون دونهون ٿيندي محسوس ٿيندو هيو ۽ آخر هن کي به منهنجي چهري تي دونهون نظر اچي ويو هيو

مون کان اعتراف ڪرائڻ کان پوءِ هوءَ ان ڏينهن ڏاڍو رُني هئي

بس اهو هڪ ڏينهن

ان کان پوءِ ڪڏهن به ڪائي ڳِل، ڪوئي ڪروڌ نه ڪيائين بس سندس خاموشي وڌي وئي هئي.

ڪجهه عرصي کان پوءِ مون سان رڪشي جي ڪمائي ۾ ڀائيوار ۽ رڪشي جي مالڪ رحمت خان رڪشو به ان خوف کان واپس ورتو ته متان آءُ سندس رڪشي کي به دونهين ۾ گم نه ڪري ڇڏيان.

آءُ ڪافي ڏينهن پريشان رهيس پر پوءِ زيبو کان ڪڏهن پيار سان ته ڪڏهن مار سان سندس ڪيل پورهيئي جي رقم وٺي، وٺي مون ان پريشانيءَ مان به جان ڇڏائي.

مون کي زيبو کان پيسا ملندا رهيا ته منهنجي ۽ منهنجي خوابن جي ان دونهين جي وچ ۾ اڪ ٻوٽ به جاري رهي.

مون زندگيءَ ۾ ڪيس ڪجهه ڏٺو ايترو نه هيو جيترو هن کان وٺندو هيس.

هوءَ بہ وڏي صبر ۽ خاموشيءَ سان سڀ ڪجهہ ڏيندي رهي. پنهنجي راتين جون ننڊون، ڏينهن جو آرام، صحت، اکين جو نُور. سڀ ڪجهہ تہ ڏيندي رهي. ۽ آخر هڪ ڏينهن پنهنجو ساهہ بہ ڏئي ڇڏيائين ماڻهو تہ سمجهن ٿا تہ کيس ڪينسر ماريو.

ٿوريئي ڏينهن ۾ مون کي احساس ٿيو تہ هوءَ اڪيلي ڪو نہ مري وئي پر پنهنجي ٽن ٻارن سان گڏ مون کي بہ ماري وئي هئي.

گهر جي چُلهي مان بہ دونهون نڪرڻ بند ٿيو هيو ۽ سگريٽ جو دونهون جيڪا منهنجي زندگي هئي ۽ ان ۾ منهنجا خواب نظر ايندا هيا اهو دونهون بہ منهنجي وس کان ٻاهر ٿي چڪو هيو گهٽن ڏينهن کان دونهين جي طلب ۽ بي قراري کان پوءِ آءُ زيبو جي قبر تي آيو هئيس شايد دل جي ڪنهن ڪنڊ ۾ کيس گلا ڏيڻ جي خواهش هئي.

آءُ کيس چوڻ پئي چاهيو تہ هُن مرڻ ۾ ايتري جلدي ڇو ڪئي ؟

هوءَ زنده هئي تہ گهر جي چُلهي مان بہ دونهون نڪرندو هيو تہ منهنجي سگريٽن مان بہ.

آءُ زيبو جي قبر تي اچي خاموشيءَ سان ويهي رهيو هئيس ... ڪافي دير گذري تہ مون کي محسوس ٿيو ڄڻ ڪو ٻيو بہ اتي موجود آهي

ڇرڪ ڀري ڏٺم تہ قبرستان جو گورکن بيٺو مون ڏانهن ڏسي رهيو هيو

”تنهنجي گهرواري ڪا خوش نصيب عورت هئي“

هن ڳالهايو، هو مون کي سڃاڻيندو هيو ۽ سمجهندو هيو تہ مون کي پنهنجي گهرواريءَ سان شديد محبت هئي.

”هوءَ نصيب واري هئي جو کيس مرڻ کانپوءِ اهڙي خوبصورت جڳهہ تي قبر نصيب ٿيو“

هن قبر جي چوڌاري نظرون ڦيرائيندي چيو مون بہ ڪيئي ڀيرا اها ڳالهہ محسوس ڪئي تہ زيبو جي قبر قبرستان جي سڀ کان خوبصورت جڳهہ تي هئي جتي وڻ، ٻوٽا ڏاڍو خوبصورت منظر پيش ڪري رهيا هيا ۽ قبرستان واري اُداس ڪنڊڙ ماحول کان بلڪل مختلف منظر هيو

مون به سوچيو هو ته زيبو کي زندگي ۾ سٺو گهر ته نصيب نه ٿيو پر قبر واري جڳهه ڏاڍي خوبصورت مليس.

اڄ هڪ وڏي سيٺ جي گهرواري مري وئي آهي ...

سيٺ کي شايد پنهنجي گهرواريءَ سان ڏاڍي محبت هئي "

گورکن چوندي چوندي چپ ٿي منهنجو منهن تڪڻ لڳو هو

" گهرواريءَ سان محبت؟؟ بڪواس" مون چڙ مان سوچيو پر خاموش رهيس گورکن وري ڳالهائڻ لڳو

"اهو سيٺ پنهنجي گهرواريءَ لاءِ قبر جي جاءِ چونڊڻ لاءِ پاڻ آيو آهي پر.... پر ڪيس ڪا ئي جڳهه وڻي ئي نٿي جيڪا سندس شان مطابق هجي "

مون چرڪ ڀري هن ڏانهن ڏٺو

هن جي هٿ ۾ سگريٽ هو ۽ مون ڏانهن غور سان ڏسي رهيو هيو.

مون کي لڳو هن جملو نه ڳالهايو هيو ڄڻ مون ڏانهن سگريٽ جو دونهون اڇلايو هيو

دونهون ... منهنجي طلب

آءُ تڪڙي اٿي بيٺس

"ته ...؟ " مون به ڪيس چتائي ڏٺو هن جواب نه ڏنو صرف هڪ نظر زيبو جي قبر ڏانهن ڏٺو هُن وري ڪجهه ڳالهايو، مون کي سندس لفظ دونهين جي شڪل ۾ نظر اچڻ لڳا هيا.

هُو واپس ويو

ڪجهه لمحن بعد آيو ته هن سان گڏ هڪ ٿلهو متارو خوش لباس شخص آيو ۽ هڪ نظر ۾ ئي ماحول ڏسي ڪنڌ لوڏي کيسي مان ڪافي سارا نوٽ ڪڍي مون ڏانهن وڌايائين

مون تڪڙ ۾ نوٽ ورتا.

مون کي هر طرف دونهون ئي دونهون نظر اچڻ لڳو هيو ۽ زيبو جي قبر به دونهين ۾ گم ٿي وئي هئي

اعتراف زيبو... تون مرڻ کان پوءِ به منهنجي ڪم آئي آهين.

•••❊•••

مختصر ڪھاڻيون

سڀ ئي برابر

”بس سائين هڪ منٽ ۾ اوهانڪي بوٽ پالش ڪري ٿو ڏيان“ عبدالله موچي مون ڪي جڻ تسلي ڏني آءُ خاموشيءَ سان سندس ڪاٺ مان ٺهيل وڏي پيتي پرسان بيهي ڪيس ڪم ڪندي ڏسڻ لڳس.

هن جا هٿ معمول موجب تيزيءَ سان هلي رهيا هيا.

ايتري ئي تيزيءَ سان آنءُ هن جي باري ۾ سوچڻ لڳو هيس.

آءُ اڪثر هن طرف ايندو آهيان ته پنهنجا بوٽ پالش لاءِ عبدالله کي ئي ڏيندو آهيان.

عبدالله، جيڪو ڪجهه عرصو پنگيءَ مان ڦري اڄ مسلمان ٿيو هيو.

اوچتو ياد اچڻ تي مون هن کان پڇيو.

”عبدالله، اڳ ۾ تنهنجو نالو ڇا هيو؟“

”مونگو.. “ هن جواب ڏنو ۽ شايد پنهنجي اڳ واري نالي تي پاڻ ئي کلڻ لڳو.

”ڀلا مسلمان ٿيڻ کان پوءِ، عبدالله ئي نالو ڇو رکئي؟“

”سائين... عبدالله معنيٰ الله جو ٻانهو..معنيٰ الله جي سمورن بندن جهڙو.. انهن جي برابر“

هو جوش مان ٻڌائڻ لڳو. ان وچ ۾ هو منهنجا بوٽ پالش ڪري چڪو هو.

مون سوچيو، معاشري جي ننڍي ماڻهو، کي ڪيڏي نه سڪ هوندي آهي ٻين جي برابر ۾ اچڻ جي.

آءُ ڪيس پيسا ڏيڻ لڳو هيس ته جنهن دوڪان جي اڳيان هو ويهندو هيو ان دوڪان جي مالڪ حاجي رحيمداد ڪيس سڏ ڪيو.

”عبدالله، فارغ ٿيو آهين؟“

”ها حاجي صاحب“ عبدالله فورن جواب ڏنو.

”عبدالله، هي لڪڙ کڻ. دوڪان جي اڳيان نالي بند ٿي آهي، اهو ته صاف ڪري ڏي“

مون ڏٺو عبدالله جو منهن ڪاري رنگ جي پالش جهڙو ٿي ويو هو.

•••☼•••

عجيب منظر

انتهائي عجيب منظر هو.

گرم ڏينهن جي ٽي پهريءَ جو وقت، آسمان بلڪل صاف، پر اوچتو ئي اوچتو، برسات شروع ٿي وئي هئي.

جيڪي ماڻهو جتي هيا، اتي بيهي انتهائي حيرت مان آسمان ڏانهن ڏسڻ لڳا هيا. مان به پنهنجي پي، سي، او ڪان ٻاهر نڪري آيس.

اوچتو ئي هڪ وڏي پٽڪي ۾ ڊگهي وارن واري همراهه رڙ ڪئي ”منهنجي مرشد جو معجزو.“

هڪ ڪراڙو تعجب ۾ خوف مان آسمان کي تڪي رهيو هيو.

”اڳ ڪڏهن به ائين نه ٿيو“ هن خوف مان چيو.

”هي سڀ ڪجهه ڇا آهي؟؟“ هن جي نرڙ جا گهنج گهرا ٿي ويا هيا

آسمان صاف هو، ڪٿي به جهُڙ جي ڪا ٽڪري نظر ڪا نه اچي رهي هئي. پر مينهن وسي رهيو هيو.

اوچتو ئي منهنجي پي، سي، او اڳيان رڪشو اچي بيٺو ان مان منهنجو دوست صحافي نڪتو هڪ ڪاغذ مون ڏانهن وڌائيندي چيائين ”يار جلدي هي خبر ته فيڪس ڪر..“

مون هن جي هٿ مان ڪاغذ جو ٽڪرو وٺندي هن جي توجه ان عجيب انداز جي وسندڙ مينهن ڏانهن ڪرائڻ لاءِ چيو.

”يار ڪيڏي نه عجيب ڳالهه آهي... جهُڙ آهي نه پر مينهن وَسي پيو“

هن ڪو تاثر نه ڏنو، ڄڻ هن لاءِ هي ڪائي عجيب ڳالهه ڪا نه هئي.

مون ڳالهه مٽائڻ لاءِ ڪائينس پڇيو.

”ڪهڙي خبر آهي؟“

”هڪ نوجوان پنهنجي 60 سالن جي ماءُ ڪاري ڪري ماري.“

هڪ لمحي لاءِ خبر واري ڪاغذ منهنجي هٿ ۾ ڪبوتر جيان پڙڪو/ ڦڙڪو؟ ڪاڏو.

منهن ورائي ٻاهر ڏٺم.
مينهن وسي رهيو هو. ماڻهو پنهنجي پنهنجي ڪمن ۾ رڌل هيا.
شايد ماڻهن هاڻي هر ڳالهه تي حيران ٿيڻ ڇڏي ڏنو هو.

•••✻•••

ٻيو گرهه

مون ڏٺو هن جي اڳيان مانيءَ جا ٻه گرهه پيا هيا ۽ هو ڪنهن گهري سوچ ۾ گم هو.
”گهٽ مانيءَ جي ڪري پريشان آهين نه؟“ مون همدرديءَ مان پڇيو.
”نه... هرگز نه...“ هن اعتماد سان چيو ”مان ته سوچيان پيو، ٻيو گِرهه ڪنهن کي ڏيان؟“

•••✻•••

چهرو

مون نيٽ ڊجندي ڊجندي هن کان پڇيو.
”تنهنجو چهرو... هن عمر ۾ به، تازي ٽڙيل گل جيان آهي... پر... پير، ميرا ڇو؟
چوڙيون کپائڻ واريءَ چوڙين جو باڪس ڪٽي مٽي تي رکيو. کلندي چيائين ”روزي لاءِ رلندي پير ڌوئڻ، صاف رکڻ جو موقعو ئي ڪو نه ملندو آهي...“
”۽ چهرو؟“ مون وري پڇيو.
”چهرو...“ هن کلي چيو.
”چهري کي تو جهڙن شودن، شوقينن جي نظر ڌوئيندي رهي ٿي“

•••✻•••

هڪڙو وار

ستر سالن وارو ڪراڙو ڪنگهندي بار بار نظر جو چشمو ٺاهيندي پنهنجي پٽ کي غور سان ڏسي رهيو هو. ۽ هن جو پٽ جيڪو شايد پهريون ڀيرو مٽي ۽ مڇن جي اڇن وارن کي رنگ ڪري رهيو هيو.

ڪراڙي گهر ۾ نظر ڦيرائي، سندس پوٽيون گهرو ڪم ڪري رهيون هيون.

”پٽ بچل...“ ڪراڙي پٽ کي هوريان سڏيو.

”جي بابا“

”پٽ ... مڇن ۾ هڪڙو اڇو وار ضرور ڇڏجائين...“

”ڇو بابا؟“ هن حيرت مان پڇيو.

”هڪڙو اڇو وار... توکي ياد ڏياريندو رهندو ته تنهنجيون نياڻيون جوان ٿيون آهن..“

•••٭•••

اُميد

ننڍڙو ڇوڪرو روڊ سان هلندي، بند پيل هڪ دوڪان اڳيان زمين مان ڪجهه کڻڻ لڳو، ٻئي ڇوڪري رڙ ڪري پڇيس.

”ڇا ڏٺئي؟“

”پلاسٽڪي پستل جون گوليون“

”پر تو وٽ ته پستول آهي ئي ڪونه؟“

”اڄ گوليون لڌم، سڀاڻي پستل به لڀي پوندو!“

•••٭•••

سچ

مون سالن کان سنڀالي رکيل اهو رومال ڪيس ڏيکاريندي چيو.

”هن رومال تي برٿ ڪيل گلاب جي گل مان اڃان تائين تنهنجي، تنهنجي هٿن جي خوشبو ايندي آهي“

هوءَ کلي پئي، چيائين.

”پر هي برٿ تہ مون پنهنجي ساهيڙيءَ کان ڪرائي ڏني هئي.“

•••✲•••

عورت، مرد صدين کان

صدين کان پوءِ مليا هياسين ۽ صدين جا تجربا، ڏک، سک هڪبئي سان اوري رهيا هياسين.

”مان ايترو وقت هن پيٽ جي بک لاءِ لوڙيندو رهيو آهيان...“ مون ٿڪيل لهجي ۾ چيو.

هن ڏور آسمان ڏانهن تڪيندي چيو ”مان پاڻ سان گڏ موهہ ۽ چاهہ کڻي وَيَس ... پر ماڻهو... منهنجي ٻن ڄنگهن ۾ موهہ ڳوليندا رهيا“

هن جي لهجي ۾ نفرت هئي.

صديءَ جي خاموشيءَ کان پوءِ هن چيو ”مان هلان ٿي... وري ملنداسين ٻئي جنم ۾...“

”ها...“ مون بہ اٿندي چيو.

”دعا ڪجانءِ ٻئي جنم ۾ مونکي پيٽ نہ هجي ۽ تنهنجو موهہ، چاهہ تنهنجي اکين ۾ ڏسجي... ڄنگهن ۾ نہ“

•••✲•••

افسوس

چانهه جي پيريل ڪپ ۾ ٻڏي مرڻ وقت مک کي گهڻو افسوس ان ڳالهه جو هيو ته:

”جنهن چانهه جي مٺي ذائقي جي شوق ۾ سڙي ٻڏي مري رهي هئي، اها چانهه ڦڪي هئي“

•••❊•••

سنسر

مون پنهنجي جديد ترين ڪمپيوٽر کي انٽرنيٽ سان ڪنيڪٽ/ منسلڪ ڪري روز پڙهڻ واري اخبار بابت خبرون سنسر ڪرڻ لاءِ هدايتون فيڊ ڪيون.

”صدر، وزيراعظم ۽ وزيرن جو خبرون سالن کان هڪ جهڙيون آهن، اهي به سنسر ڪر... پوليس مقابلن ۾ مارجي ويل بي گناهن جون خبرون به مون کر بي چين ڪنديون آهن اهي به نه اچڻ کپن... سياستدانن ۽ هڙتالن بابت به بيانن کي به اڏاري ڇڏ... گهران فرار تي شادي ڪندڙ ڇوڪرين بابت خبرون ۽ انهن جا قسم نامه به نه اچڻ کپن ڇو ته مون کي پنهنجي ڌيئرن بابت ڳڻتي ٿيندي آهي...“

ان قسم جون هدايتون فيڊ ڪري آءُ اطمينان سان سمهي پيس. ٻئي ڏينهن صبح جو اُٿي انٽرنيٽ تي اخبار لاءِ ڪمپيوٽر آن ڪيم.

ڪجهه دير ۾ ئي اسڪرين تي لکجي آيو ” اوهان جي هدايتن موجب خبرون سنسر ڪرڻ کان پوءِ صرف اشتهار بچيا آهن.“

•••❊•••

سبب

هنن چئن ماڻهن جي هوٽل ۾ ويهندي ئي بيرو پاڻي کڻي تڪڙي حاضر ٿيو.

”جي سر.. حڪم سر“ بيري جو لهجو انتهائي ادب ۽ نرمي وارو هيو.

هنن ماني جو آرڊر ڏنو. بيري تمام سهڻي نموني هنن جي خدمت ڪئي ۽ جڏهن هو بِل ڏئي هوٽل کان ٻاهر نڪتا ته هڪڙي ڪلندي چيو.

”يار جي ڪياڙي جا وار فوجي ڪٽ ۽ ٻولي پنجابي ايندي هجي ته ماڻهو ڪيترو نه خيال ڪندا آهن؟“

•••☼•••

مرڪ پبليڪيشن ڪراچي جا ڇپيل ڪتاب

2014ع

1: حيوانات في القرآن — ترجمو: منظور سولنگي
2: برڪا بوند بهار جي (گڏيل 16 شاعرن تي مشتمل ڪتاب) — مرتب: مرتضيٰ لغاري
3: نئون نئون مڌ آ (گڏيل16 شاعرن تي مشتمل ڪتاب) — مرتب: مرتضيٰ لغاري
4: ڪڏهن ته ملندي (شاعري) — سرڪش ناريجو

2015ع

5: جيجل منهنجي قسمت (ڪهاڻيون) — دلبر چانڊيو
6: ڳوڙهو ڳوڙهو سوڳ ۾ (شاعري) — انجم قاضي
7: دردن ڦولاريا ڦول (شاعري) — وفا صالح راڄپر
8: تون منهنجي ساهه ۾ آهين (ڪهاڻيون) — طارق خشڪ

2016ع

9: عشق جي آخري سرحد (ڪهاڻيون) — يار محمد چانڊيو
10: رهيل چار ڳوڙها (شاعري) — استاد پيرل قمبر
11: روهيڙي جا رتا گُل (گڏيل 17 شاعرن تي مشتمل ڪتاب) — مرتب: مرتضيٰ لغاري

2017ع

12: ادب آبِ حيات (گڏيل شاعري) — مرتب: بلال تبسم
13: جن عشق سين آگاهه "ڄ ع منگهاڻي ڪي منظوم پيتا" شاعري — درد هوش محمد ابڙو
14: درد نگر جا ماڻهو (شاعري) — عاجز غلام رسول
15: پهڻ پير پٿون ڪيا (شاعري) — فرزانا شاهين
16: آڪاس آ اکين ۾ (شاعري) — شبانا عالماڻي
17: هانءُ هاريو متان (شاعري) — شاهده کوکر
18: ساڃاهه جا سرچشما (پٽائي جي بيتن جي چونڊ ۽ تشريح) — سعيد احمد چانڊيو
19: مينهن ڪٽيون (شاعري) — سڪندر هاڙهو
20: ڌرتيءَ جو پُٽ (ڪهاڻيون) — عبدالواحد سومرو
21: پيئي جن پرڪ (ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو علمي ۽ ادبي شخصيت) — ترتيب: مرتضيٰ لغاري
22: ملندو نيٺ پنهل (شاعري) — "درد" هوش محمد ابڙو
23: اوجاڳن جا عڪس (شاعري) — انجم قاضي
24: ڪلجُڳ جا رنگ (ڪهاڻيون) — ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو
25: نينهن جو نوحو (شاعري) — فرزانا شاهين
26: ٻالڪ ڌرتيءَ ٽانڊاٽا (ٻارڙن لاءِ شاعري) — وحيد محسن

2018ع

27: هوا جو رنگ ناسي آ (شاعري) — رحمت پيرزادو
28: احساسن جو ديس (گڏيل 36 شاعرن جي شاعر — مرتب: انجم قاضي
29: روشني جا رنگ: "شهدادڪوٽ جا شاعر" (گڏيل شاعري) — مرتب: سڪندر هاڙهو
30: گيت گونگا نه ٿيا (شاعري) — شبانه عالماڻي
31: رات وهامي ٿي (شاعري) — نسرين الطاف

32: ڏُک ڪي ڏُک آ (شاعري) وسيم گبول
33: shah jo risalo Transleted By: Dr. Ali Akbar Dhakan
34: پيار جي ڌرتي دل جو ديس (ڪهاڻيون) مٿل چانديو
35: سنيهو سچ جو (شاعري) منور علي منور ڪيهر
36: ديوان وريام فقير (شاعري) وريام فقير شيخ
37: ڪوءِ ڳنڍيندڙ هوءِ (ڪهاڻيون) هوش محمد ڀٽي
38: وفائون ماٽ تي ويون (شاعري) شبانہ نواز
39: آسرا جاڳي پيا (شاعري) عبد سنڌي
40: سونهن جو رد عمل (چونڊ غزل) مرتب: رحمت پيرزادو
41: ظاهر (ناول) سنڌيڪار: اياز ڀُٽو
42: آهين تون هن پار (شاعري) شاهده ڪوکر
43: لهر لهر خوشبو (شاعري) آڪاش ميراڻي
44: اعتراض (شاعري) بيخود بلوچ

2019ع

45: جيءَ جيارو (پيغمبرِ خدا جي زندگي تي نظر) اويس ڀٽو
46: نيل نديءَ تي رولاڪي (ناول: ”نجيب محفوظ“) ترجمو: اياز ڀٽو
47: عشق عبادت (ڪهاڻيون) اندرا شبنم پونا والا
48: مٽي ماٽي لايان (ڪهاڻيون) فرزانہ شاهين
49: Standard Basic English Grammar Nazeer Ali Bhatti
50: هوائون قيد ۾ آهن (شاعري) رزاق عاصي
51: پيڙا جي پاتار ۾ (شاعري) خالده نسرين
52: ڪونج قطارون ذات جون (گڏيل شاعري) ڪونج بلوچ
53: نظم جدائي جا (اڪبر ڪرل جي شاعري) مرتب: نادر دايو
54: شيڪسپيئر جون ڪهاڻيون (چارلس لئمب/ميري اين لئمب) سنڌيڪار: اياز ڀٽو
55: سماج ۽ سياست جو گرائمر (مضمون) ڊاڪٽر مبارڪ لاشاري
56: شاهہ جو رسالو سور ڪيڏارو (ڪربلا جو قصو) ڊاڪٽر علي اڪبر ڍڪڻ
57: شاهہ جو رسالو جا سُر ڊاڪٽر علي اڪبر ڍڪڻ
58: سنڌي ٻوليءَ ۽ ثقافت (مضمون) ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو
59: در جو ڪڙڪو (ڪهاڻيون) شفيع ٻڪڪ
60: ريزا ريزا روح اسان جو (شاعري) بشير سيتائي
61: نت نت آهہ نئون (لطيفيات) لطف پيرزادو
62: جهونڪو هوا جو آهيان (شاعري) عاجز عاشق تنيو
63: نينهن نجات نعت صفات (شاعري) سگهڙ وريام فقير
64: عشق جي عنايت (سگهڙ علي گوهر وڳڻ جو ڪلام) مرتب: ڊاڪمال ڄامڙو
65: ڪرنل کي ڪير بہ خط نہ ٿو لکي (ناول: گارشيا مارڪئيز) ترجمو: رحمت سومرو
66: سارو ٽيون ساٿيهہ جون (يادگيريون) خير محمد ڪولاچي
67: ڪجلا سر (ناول) اجمير ڀُٽو
68: سامي سهاڳي (خاڪا) اقرار پيرزادو
69: ننڍڙي پري (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون) وحيد محسن

2020ع

70: خوابن جو سفر	(سنڌ جو سفر نامو)	سلطانہ وقاصي
71: ڳولا	(شاعري ۽ ڪالم)	منور سلطانہ
72: سيد پير علي شاھ شيرازي جو ڪلام	مرتب ۽ مقدمو: ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو	
73. محبتون پيالا ۽ پئمانا	(تاثير ناٿن شاهي جي شاعري)	مرتب: ذوالفقار گاڏهي
Nazeer Ali Bhatti :74	Standard Basic English Grammar	
75. چوٿين مارچ ۽ سنڌي شاگرد جدوجهد	سهيڙيندڙ: پروفيسر اعجاز احمد قريشي	
76: ماڻهو پاڻ اُلهہ	(سوانحي خاڪا)	محمد هنگورجو
77. تون ئي منهنجو محور آن	(شاعري)	بينا مسرور
78: ڪنهن موڙ تي ملنداسين	(شاعري)	عظيم جلباڻي
79: واپسي	(ناول)	انور ڪليم
Dr Sher mihrani :80		Bequest of the Bhittai
81: ايلسا	(ناوليٽ)	عبدالواحد سومرو
82: آءِ لوَ يو	(ناوليٽ)	بيدل مسرور
83 . مان بہ تخليقيان ٿو ڪجھ وينو	(نثر)	آٿم ناٿن شاهي
84. پاڻي ڪوٽ ديم ۽ عالمي تضاد	مضمون	بشير منگي
85: ڏرتي ڏٺي شاعر؛ استاد بخاري	(ڪالم) سهيڙ: سجاد يوسف سومرو ۽ تابش بخاري	
86. شاھ لطيف هڪ ڪامل انسان	(لطيفيات)	فدا حسين شيخ
87. من من مور ٿهوڪا	(خاڪا ۽ مضمون)	علي نواز ڏاهري
88. ڪورونا جنگ جهڙي آ	(شاعري)	وحيد محسن
89. ڪڙو منجھ ڪڙي	(خط)	سهيڙ: احمد شاڪر
90. ڪجلي	(ڪهاڻيون)	جهانگير عباسي
91. آزاديءَ جي عشق ۾	(شاعري)	”ناشاد“ رشيد سنڌي
92. سنڌ جو ابنِ بطوط	(حجاز نامو)	سهييڙيندڙ: ماڻڪ ملاح
93. وِيا اُت وهي	(سوانح/شخصيت/ساروڻيون)	سهيڙيندڙ: شمس راهمون

2021ع

94. چنڊ مٿي آڪاس	(شاعري)	خالده نسرين
95. ڳالهيون پيٽ ورن ۾	(ڪالم)	سلطانہ وقاصي
96. سڳنڌ	(سلطانہ وقاصيءَ تي لکيل مضمون)	سهيڙ: مرتضيٰ لغاري
97. پنج آڱريون	(ڪهاڻيون)	سڪندر هاڙهو
Nazeer Ali Bhatti :98	Standard Basic English Grammar (Eighth Edition)	
99: پونءِ نہ آياس پانءِ	(ڊاڪٽر ڪمال جي وچوڙي تي آيل تاثراتي نثر)	سهيڙ: ڊاڪٽر عابده گهانگهرو
100: چار مقالا	مقالا	مرتضيٰ لغاري
101: ڏونگر ڏاري ويند اسين	(عبدالحڪيم ”ارشد“ جا ڪالم)	مرتب: مرتضيٰ لغاري
102: وفائن ۾ هُڳاءُ آ	(شاعري)	آصف اصغر پندر
103: ڪاغذي ڳالهيون	(ڪالم ۽ مضمون)	يوسف جميل لغاري
104: ٻولي ٻجهارت	(لطيفيات)	مينهون خان ”سوز“ بلوچ
105: بوءِ	(ڪهاڻيون)	انور ڪليم

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book



انور ڪليم جديد سنڌي ادب جو بهترين ليکڪ آهي. سنڌس لکڻيون مناسب رهنمائي، ملڪ سان قومي توڙي بين الاقوامي ادب ۾ اهم مقام حاصل ڪري سگهن ٿيون. منهنجي ان ڳالهه سان اهي ضرور اتفاق ڪندا، جن انور ڪليم جون هن ڪتاب ۾ شامل ڪهاڻيون "ٻڪري جي ٽنگ، نسل جي ڪهاڻي"، "سگهل وڻ تائين سفر"، "بوءِ"، "آدم خور"، "هن ڪهاڻي جو ڪو عنوان ناهي"، "دونهين مان ٺهيل انڌن جي ڪهاڻي" ۽ "چهرو ڪهاڻي" پڙهي هوندي. انور ڪليم به سنڌي جي انهن بهترين پر بد قسمت اديبن ۾ شمار ٿئي ٿو، جنهن کي مرزا غالب ۽ منٽو وانگر پنهنجي دور ۾ واها پذيرائي نه ملي سگهي آهي. جن جو انهن جون تخليقون مستحق آهن پران باوجود انور ڪليم جي مسلسل لکڻ مان لڳي ٿو ته هو به شايد پائلو ڪوهيلو وانگر پنهنجي همت ۽ قسمت جي ديوي جي آزمائش ڪان پر اميد آهي. جڏهن پائلو ڪوهيلو جي ڪتاب الڪيمسٽ جون 900 ڪاپيون ڇاپڻ ڪانپوءِ پبلشر نقصان جي ڊپ کان وڌيڪ ڪتاب ڇاپڻ کان معذرت ڪئي ته پائلو ڪوهيلو ايستائين همت نه هاري جيستائين ڪاميابي جي ديوي هن جي صبر ۽ همت کي آزمائيندي آخر ٿڪجي اچي هن جي قدمن ۾ ويهي نه رهي. پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي الڪيمسٽ جون اٺ ڪروڙ ڪاپيون وڪرو ٿي ويون.
پذيرائي کان لاپرواهه انور ڪليم کي به امريڪي ڊاڪٽر مايا اينجلو وانگران پيڙا جو احساس آهي جنهن لاءِ هن لکيو ته:

"THERE IS NO GREATER AGONY THAN BEARING AN UNTOLD STORY INSIDE YOU"

"اُن کان وڌي ڪا ٻي اذيت ڪونهي جيڪا اوهان جي اندر ڪهاڻي جي تخليق ٿيڻ ڪانپوءِ ان جي بيان ڪرڻ تائين رهندي آهي."

اميد ۽ دعا آهي ته انور ڪليم جو هٺ همت ۽ حوصلي سان مسلسل لکندو رهي ۽ دنيا هن جي فن جي، هن جي زندگي ۾ ئي معترف ٿئي.

عبدالرافع شيخ

ISBN# 978-969-7958-32-0